# پير آقا غلام مجدّد سرهندي

(سنڌ جي تاريخ جو هڪ نادر ڪردار)



## قاضي مقصود احمد

مهراڻ اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پير آقا

# غلام مجدّد سرهندي سنڌي رحمة الله عليه

(سنڌ جي تاريخ جو هڪ نادر ڪردار)

قاضي مقصود احمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پير آقا غلام مجدد سرهندي سنڌي رحه

## (سنڌ جي تاريخ جو هڪ نادر ڪردار)

## قاضي مقصود احمد

---

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب نمبر: 499

ISBN: 978-969-608-021-3

ڇپائيندڙ : مهراڻ اڪيڊمي

ڪمپوزنگ : فرحان پٽي

لي آئوٽ : عزت الرحمن ڪمبوه

ڇاپو پهريون : آگسٽ 2016ع

ڳاڻيٽو : 1100

قيمت =/160 رپيا

ملڻ جا هنڌ

مهراڻ اڪيڊمي

واڳنو در شڪارپور

فون: 0726_512122

0726_520012

mehranacademy@hotmail.com

۽ سنڌ جا سمورا ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# فهرست


| | |
|---|---|
| ✢ پنهنجي پاران | 6 |
| ✢ جي جيءَ کي جيئارين | 7 |
| ✢ پـ اکر | 13 |
| ✢ مصنف پاران | 16 |
| ✢ **مٽياريءَ ۾ سرهندي خانوادي جي آمد** | 19 |
| ✢ **نسب نامہ حضرت آغا صاحب سرهندي مجدّدي، فاروقي** رحمۃ اللہ علیہ | 20 |
| ✢ **پير آقا عبدالله غلام مجدّد سرهندي** رحمۃ اللہ علیہ | 21 |
| ✢ **تصوف جي طريقت جو بيان:** | 22 |
| **نقشبندي سلسلو** | 22 |
| **قادري سلسلو** | 23 |
| **چشتيہ سلسلو** | 24 |
| **سهرورديہ سلسلو** | 25 |
| **ڪبرويہ سلسلو** | 25 |
| **مداريہ سلسلو** | 26 |
| **قلندريہ اويسيہ سلسلو** | 26 |
| ✢ **پھريون حج ۽ حجاز جي سرزمين تي ڪجھ عرصي جي رهائش دوران ڪيل سرگرميون** | 27 |
| ✢ **جناب پير آقا غلام مجدّد** رحمۃ اللہ علیہ **جي علمي جذبي جو هڪ مثال** | 27 |
| ✢ **جناب پير آقا غلام مجدّد** رحمۃ اللہ علیہ **جي شادي خانہ آبادي** | 28 |
| ✢ **والد جي وفات ۽ پڳداري** | 28 |
| ✢ **خلافت تحريڪ ۽ پير آقا غلام مجدّد** رحمۃ اللہ علیہ | 29 |
| **هڪ غلط فهميءَ جو ازالو** | 30 |
| **خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ پير صاحب جون اوائلي سرگرميون** | 34 |
| **مٽياريءَ ۾ جلسيءَ ترڪ موالات جي سلسلي ۾ مليل رپورٽ** 1 | 34 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مٽياريءَ ۾ جلسو، ترڪ موالات جي سلسلي ۾ مليل رپورٽ 2 | 35
ولايتي ڪپڙي بابت خلافت تحريڪ ۾ اختلاف | 37
☆ آخوند محمد رحيم ؒ جي شهادت | 39
☆ ترڪ موالات جي حوالي سان پير صاحب جا الوحيد ۾ ڇپيل ڪجھ بيان | 43
☆ مشهور زمانہ خالق ڏنہ هال ڪيس جي سلسلي ۾ پير صاحب جي گرفتاري | 46
مقدمي جي ڪارروائي ۽ پير صاحب جو بيان | 47
مولانا محمد علي | 56
مولانا شوڪت علي | 56
مولانا حسين احمد | 56
مولانا ڪچلو | 56
مولانا نثار احمد ڪانپوري | 57
پير غلام مجدّد سنڌي | 57
☆ سزا وارو دور | 57
بندي خاني ۾ قرآن حفظ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ | 59
پير صاحب ؒ جي قيد دوران بي امان جي مٽياريءَ ۾ آمد | 59
پير صاحب جي آزادي ۽ سنڌن استقبال | 60
☆ قصيده از جناب ابوبڪر ظامي بن قاضي محمد حفيظ مٽاري | 62
☆ قصيدو از جناب محمد بچل هموپوٽو | 63
☆ قصيده از جناب "عاصي" علي محمد متعلوي | 67
☆ قصده از جناب احمد شاه | 72
☆ قصده از جناب احمد شاه | 74
☆ قصده از جناب احمد شاه | 76
☆ از قلم جناب محمد هاشم مخلص | 78
☆ مسجد منزل گاھ وارو واقعو | 82
☆ خلافت تحريڪ جي خاتمي بعد پير صاحب جون ٻين تحريڪن سان وابستگيون | 86
جمعية العلماءِ هند | 86
سنڌ آزاد ڪانفرنس ۾ پير غلام مجدّد سرهنديءَ جو ڪردار | 88
پير صاحب جي مسلم ليگ ۾ شموليت | 90


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

1938ع ۾ سنڌ ۾ مسلم ليگ جي ڪانفرنس ۽ نئين سر تنظيم ڪاري 92
"صور اسرافيل" نالي سان لکيل پمفليٽ جو مواد 96
مشائخ عزام ۽ پيران ڪرام کي دردمنداڻي اپيل 99
علماء اڪرام سان مخاطب 101
گمراهہ مسلمانن کي دردمنداڻي استدعا 103
✻ مهاجرن لاءِ پير صاحب جون خدمتون 105
حيدرآباد ۾ عيد ميلاد النبي ﷺ جي جلسي جو بنياد وجهڻ 105
وفات ۽ مدفن 106
تاريخ وفات عربي حضرت پير آقا غلام مجدّد سرهندي صاحب ؒ ..... 108
پير صاحب جو اولاد 109
پير صاحب بابت چند سياستدانن ۽ محققن جا رايا 109
جي ايم سيد جا تاثرَ 110
پير علي محمد راشدي جا تاثر 111
ساره ڊي ايف انصاريءَ جو تاثر 112
آخوند فضل صديق جا پير صاحب جي باري ۾ تاثرات 114
پروفيسر حافظ غلام محمد ميمڻ جا تاثر 115
نذرانہءِ عقيدت 118
✻ جناب پير آقا غلام مجدّد جا سائين جي ايم سيد کي لکيل خط 119
✻ نواب پالن پور جو لکيل خط 122
✻ پير صاحب جو سيد اسد الله شاهہ تڪڙائي کي لکيل فارسي خط ۽ ان جو ترجمو 125
✻ Tribute to Pir Ghulam Mujadad Sarhindi 132
✻ نسب نامون 135



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# پنهنجي پاران

سڀ ساراهه الله پاڪ جهانن جي جوڙيندڙ کي ئي سونهي ٿي، لکين ڪروڙين درود ۽ سلام ڪائنات جي ڪارڻي، پنهي جهانن جي رحمت، شافع محشر، ساقي حوض ڪوثر ﷺ مٿان پڙهجن.

هي ڪتاب پير آقا غلام مجدد سرهندي سنڌي رحمة الله عليه جي شخصيت ۽ سنڌي ڪارنامن تي مشتمل آهي. سرهندي خانوادي جي مٽياري ۾ آمد، سائين جن جي تصوف جي طريقت، خلافت تحريڪ ۽ ان دوران سنڌ ۾ پيش ايندڙ واقعن جهڙوڪ: آخوند محمد رحيم جي شهادت، خالق ڏنو هال ڪيس، مسجد منزل گاه واري واقعي ڪان وٺي، تحريڪ پاڪستان ۽ پاڪستان جي قيام ڪانپوءِ مهاجرن لاءِ پير صاحب جي خدمتن جي ڏِس ۾ هن جي جدوجهد کي سهيڙيو ويو آهي. سچ پچ هي سنڌ جي تاريخ جو هڪ روشن باب آهي.

ڪتاب جي مصنف قاضي مقصود احمد وڏي محنت سان پير صاحب جي تاريخي ڪارنامن کي مختصر ڪتاب ۾ سهڻي نموني سان سهيڙيو آهي. ڪتاب جي مسودي جي حاصلات ۾ پنهنجي پياري دوست ارباب نيڪ محمد عرف "نيڪڻ سائين" جي ڪوشش ساراهه لائق آهي، جنهن ڪانسواءِ هي ڪم ممڪن نه هو.

هن ڏس ۾ درگاهه مٽياري شريف جي سجاده نشين پير آقا غلام مجدد سرهندي عرف "بابا سائين" جي شفقت ۽ رهنمائي به اسان کي حاصل رهي. مان سنڌن تهه دل سان ٿورائتو آهيان.

انشاءَ الله سنڌي پڙهندڙ هن ڪتاب جي اشاعت سان پنهنجي اسلاف جي ڪارنامن کان واقف ٿيندا.

**قمر ميمڻ**
سيڪريٽري
مهراڻ اڪيڊمي

1 سيپٽمبر 2016ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# جي جيءَ کي جيارين

ذوالقعد 1212 هجري ۾ يمن ۾ قطبِ دائره زمين و زمان قيوم جهان شاهه صفي الله قدس سره وصال فرمايو[1] ته 313 افراد جي اڳواٽي سيده ڪامله عابده حضرت بيبي صاحبه امت المعصوم المعروف بيبي صاحبه ڪلان عليہ الرحمت[2] جي سپرد ٿي ۽ پوءِ سندن قيادت ۾ جمله جماعت حج جي سعادت ماڻي.

هي اهوئي سفر هو جڏهن بيبي صاحب ڪلان حضور سرور ڪائنات صلي الله عليه وآله اصحابه و بارڪ وسلم جن جي مزار تي سلام پيش ڪيو ته بيبي سڳوريءَ کي محبوب رب العالمين صلي الله عليه وآله اصحابه و بارڪ وسلم جن وعليڪم السلام يا فاطمة الثانيه جي اعزاز سان جواب ڏنو ۽ مٿن اهو به واضع ڪيو ته سندن مرتبو ڪيترن ئي معاملن ۾ سيده رابعه بصري قلندر عليه الرحمة کان به وڌيڪ آهي .(سبحان الله)

تاج الاولياء شاهه غلام نبي مير صاحب قدس سره جن کي حضرت بيبي صاحب ڪلان جي بطن پاڪ مان 3 اولاد ٿيا. هڪ خواجه شاهه فضل الله (مصنف عمدة المقامات) ٻيو خواجه شاهه ضياء الحق شهيد جيڪي سنڌ ملڪ ۾ مخفي واري سائين سان معروف آهن ۽ هڪ

---

(1) يمن ۾ حُديده بندر تي سندن مزار پرانوار اڄ به مجمعءِ خلائق آهي

(2) حضرت بيبي صاحب ڪلان دختر نيڪ اختر حضرت سيد عطاالله شاهه بن سيد امير خسرو بخاري ﷬ جيڪي اولاد مخدوم جهانيان جهان گشت، سيد جلال سرخ پوش بخاري اُڇي آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

صاحبزادي بيبي صاحبہ امت الله هئي جيڪا مٽياري جي شهر ۾ مدفون آهي ۽ بيبي صاحبہ درگاه واري طور مشهور آهي. پاڻ 27 رجب 1213ھ ۾ وفات ڪئي. واضع رهي تہ اها بيبي سگهوري مٽيارن واري بہ انهي سفر حج ۾ پنهنجي والده متبرڪ. پنهنجي ڀائرن سان گڏ هئي جيڪو قافلوحضرت قيوم جهان قدس سره جي معيت ۾ حرمين شريفين ويل هو جنهن سفر ۾حضرت قيوم جهان ﷺ يمن ۾ 1212 ھ ۾ وفات ڪئي. حضرت بيبي صاحبہ ڪلان بمع فرزندان ۽ دختر نيڪ اختر بمع رُفقاء سفر جي واپسي ۾ سنڌ ملڪ عبور ڪندي جڏهن مٽيارن پهتا تہ سندن دختر مٽيارن جي منزل تي وفات ڪئي. اها غوث صمداني امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنہ جن جي اولاد مان پهرين مزار سنڌ ملڪ ۾ بڻي. جنهن ڪري مٽياري نقشبندي مجددي خاندان ۽ ارادتمندن جو مرڪز بڻيو ۽ بيبي صاحب جي ڀائٽيي خواجہ خواجگان قطب الرحمان سرور سرهنديان شاه عبدالرحيم 1296ھ ۾ اتي مستقل رهائش اختيار ڪئي ۽ پڇاڙي عمر جا سانده ارڙهن سال سندس جوار ۾ رهيا ۽ سندن مزار (قبہ شريف) بہ اتي فلڪ پائگاه بڻي ۽ پوءِ ٽنڊو سائينداد. ٽنڊو محمد خان. پير سرهندي ڳوٺ ملير وغيره جا مجددي خاندان سان وابستہ حضرات پهرين مٽياري پوءِ موجوده علائقن ۾ آباد ٿيا.. بلاشبہ ان وقت جي جملہ مجددي خاندان ۾ خواجہ آغا صاحب قدس سره روحاني طور. نسبن ۽ عمر جي لحاظ کان وڏا هجڻ جي ڪري سڄي سرهندي مجددي خاندان لاءِ باعثِ احترام ۽ تعظيم هئا. اهڙي طرح مٽياري جيڪو اڳي ئي سادات ڪرام جي ڪري معزز هو امام الاعدلين سيدنا عمر فاروق رضي الله عنہ جي اولاد جي ڪري اڃا بہ وڌيڪ معزز بڻيو. تاريخ جي ورق گرداني مان معلوم ٿئي ٿو تہ امير المومنين سيدنا فاروق اعظم عمر بن خطاب رضي الله عنہ جن جو خاندان عالي شان حجاز شريف کان نڪري ايران افغانستان مان ٿيندو هندستان پهتو. .پوءِ سنڌ ۾ بہ آيل ڏسجي ٿو. .فاتح سنڌ محمد بن قاسم جي فتح کان پوءِ عربن جي دوُر ۾ سنڌ اندر بنو تميم جو ذڪر بہ تاريخ ۾ ملي ٿو. سنڌ جي سمورن پاسن فاروقي بزرگ بہ ملن ٿا. جيئن لاڙ ۾ شيخ سلامت عرف مغل بين. حضرت شيخ ابڙو ۽ جهرڪن جي ويجهو


Scanned with CamScanner

شيخ جڪروُ ۾ اتر ۾ سچل سرمست جو خاندان فاروقي هجڻ تي فخر محسوس ڪن ٿا. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنہ جن جي ولادت جي پيش گوئي امام الانبياء صلي الله عليہ وآلہ اصحابہ وبارڪ وسلم جن پاڻ فرمائي هئي. اُن کان پوءِ سندن ولادت کان سوا چار سو سال پهريائين حضرت غوث الاعظم رضي الله عنہ سندن نور جو مشاهدو فرمايو ۽ سندن لاءِ پنهنجو خرقو مبارڪ (جبو) محفوظ ڪرايائون جيڪو هڪ هزار اٺ هجري (1008هہ) ۾ حضرت شاه سڪندر ڪيٿلي رحمة الله عليه حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي رضي الله عنہ تائين پهچايو. پنهنجي مرشد ڪريم حضرت خواجہ شاه باقي بالله قدس سره جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ کان اڳي ئي سندن قطبيت جو مقام مرشد تي ظاهر ڪيو ويو. خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم جن جي مقامن جو سير ڪرايو ويو. حضرت خضر عليہ السلام ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن کان کين جدا جدا علم لدني ۽ آسمانن جو علم عطا ٿيو. سو جڏهن انهن جو اولاد مٽياري ۾ سڪونت پذير ٿيو تہ اهلِ علم حضرات جي صفن ۾ انقلاب برپا ٿي ويو. قديم نقشبندي سلسلي سان وابستہ خانقاهن جا ڌڻي امام الاتقياء خواجہ شاه حاجي عبدالرحيم (حضرت آغا صاحب) جن جي چئني طرفن پروانن جيان جمع ٿي ويا. ڏسندي ئي ڏسندي مٽياري شريف سلسلي نقشبندي ۽ تمام حضرات مجددي جو مرڪز بڻجي ويو ۽ لواري شريف جي ان وقت جي خانقاه ڌڻي معارف دستگاه حضرت خواجہ شاه محمد سعيد مهاجر مڪّي قدس سره پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪندي سندن قبي جي تعميرتي منظوم تاريخ ڪيندي فرمايواٿن تہ:

سعيدش سال تعمير ش بگفته

مقامِ ثاني بيت المقدس

1319 هہ

اسان جي وڏن ڪڏهن بہ فرعوني قوتن اڳيان ڪنڌ نہ نمايو آهي ۽ هجرت کي حق سمجهيو آهي. انهيءَ سبب ڪارڻ ٽالپرن جي اقتدار جي زماني ۾ سنڌ ۾ افغانستان جي حاڪم امير عبدالرحمان خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جي سوران حضرت آغا صاحبؒ ڏهه سال جواني جا گهاريا. حضرت آغا صاحب جي ارد گرد گڏ ٿي ويندڙ مجمعي کان خوفزده ٿي ٽالپرن جي طرفان وري سنڌ بدر ڪيو ويو. وڏيڪ 3 سال وري پاڻ پنهنجي چند خلفاء سان گڏ بمبئي وڃي رهيا. غرض تہ بزرگن جي هجرت جڏهن بہ ٿي آهي تہ ان دوران هو پاڻ تہ ضرور پوڳين ٿا پر جتي بہ وڃن، اتي جي ماڻهن جي اصلاح ۽ تربيت جو سبب بڻجن ٿا.

هي ڪتاب سنڌ جي معروف ڏاهي نقاد ، محقق ،شاعر ۽ تاريخ نويس مقصود احمد قاضي صاحب، حضرت آغا صاحب ؒ جي پوٽي ۽ حضرت حاجي آغا عبدالحليم ؒ جي پٽ پير آغا غلام مجدد سرهندي سنڌيءَ جي عملي جدوجهد ، بي خوف زندگي ۽ سنڌن ڪارنامن جي احوال تي لکيو آهي.هي اهو نادر ڪردار آهي جنهن انگريزن جي آخري دور ۾ پيدا ٿيندڙ تمام تر تحريڪن جي سنڌ ملڪ مان گهڻو ڪري اڳواڻي ڪئي.بلاشبہ برصغير جي مذهبي سياسي سماجي ۽ روحاني قداور شخصيتن ۾ پير آغا صاحب جو ڪردار نمايان نظر اچي ٿو. هاڻي تہ ٿوم مان زعفران ڪوڙ ٿي پيا آهن، جنهن ڪان ڪٽي پڇو ، جنهن جي ڪٽي سوانح پڙهو انهن جو وڏو ڪنهن نہ تحريڪ جو رهنما يا وري مسلم ليگ جو باني يا پاڪستان تحريڪ جو اڳواڻ ٿو نظر اچي، مسجد منزل گاه جو واقعو هجي يا وري پريا روڊ واري مسجد جو واقعو هجي، لڳي ٿو تہ بر صغير هند جي قيادت هئي ڪا هنن وٽ! جڏهن تہ حيراني جي ڳالهہ اها آهي تہ هنن دعويدارن جون نہ جاگيرون ضبط ٿيون، نہ ڪتب خانا لٽيا، نہ گهرن تي چڙهايون ٿيون، نہ ئي درگاهون يا مهمان خانا ويران ٿيا. بلڪ الٽو انهن جي مال ۽ اسباب ۾ ۽ دنياوي مرتبي يا حيثيت ۾ مسلسل اضافو ڏنو ويو. پلا اهو ڪهڙو جهيڙو هو جو انگريزن اوهان جو نالو ئي نہ ورتو اوهين يا تہ سر ۽ سردار ٿي ويا يا وري خان بهادر ۽ شمس العلماء بڻجي ويا. جنهن ڪان پڇو اهوپهريون مسلم ليگي آهي، تاريخ جي ڄڃ ۾ انهن


Scanned with CamScanner

شڪرگذار

عبدالله غلام مجدد باباسائين سرهندي

سجاده نشين درگاه پير سرهندي مٽياري (سنڌ، پاڪستان)

ايضاً

2015_02_06 سجاه نشين درگاه پير سرهندي

پالنپور (گجرات، انديا)

سجاه نشين هاؤس، درگاه پير سرهندي مٽياري

Email:pgmsarhandi@gmail.com



Scanned with CamScanner

۾ ”ماتلي“ شهر ۾ اچي قيام ڪيائين. هن جي وفات کان پوءِ سائين جن جو فرزند پير منظور، مريدن خادمن کي پيو سنڀاليندو هو. اهو بہ هن وقت فاني جهان کي ڇڏي چڪو آهي.

ليڪن اسان جي اڀياس ۾ اينڊڙ ڪردار ”پير آغا غلام مجدّد“ هڪ پيو بزرگ انسان ٿي گذريو آهي. پير صاحب جي جنم جي تاريخ 13 مئي 1883ع لکي وئي آهي. البت وفات جي انگريزي تاريخ ۾ جزوي اختلاف ڏسجي ٿو. ڪي لکندڙ 10 جنوري 1958ع، تہ ڪي 07 جنوري 1958ع ۽ ڪي وري اها تاريخ مورخو 09 جنوري 1958ع لکن ٿا. ان کي درست ڪرڻ جي ضرورت آهي.

قاضي مقصود احمد وڏي ڏاهپ ۽ دانائيءَ سان، پير صاحب جي سوانح ۽ قومي خدمتن کي نروار ڪيو آهي. ايڏي وڏي شخصيت جي طويل جدوجهد ۽ ڪارنامن کي مختصر، مگر جامع انداز ۾ پيش ڪرڻ ڪو آسان ڪم ڪونهي.

ڪتاب جا خاص باب يا پهلو هن ريت آهن:

- متياريءَ ۾ سرهندي خانوادي جي آمد
- پير آغا عبدالله غلام مجدّد سرهندي رح
- تصوف جي طريقت جو بيان
- خلافت تحريڪ ۽ پير آغا غلام مجدد
- آخوند محمد رحيم جي شهادت
- مشهور زمانہ خالق ڏني هال ڪيس جي سلسلي ۾ پير صاحب جي گرفتاري
- مسجد منزل گاهہ وارو واقعو
- خلافت تحريڪ جي خاتمي بعد، پير صاحب جون ٻين تحريڪن سان وابستگيون
- ”صور اسرافيل“ نالي سان لکيل پمفليٽ جو مواد
- مهاجرن لاءِ پير صاحب جون خدمتون
- حيدرآباد ۾ عيد ميلاد صلي الله عليہ وسلم جي جلسي جو اهتمام ڪرڻ
- پير صاحب بابت چند سياستدانن ۽ محققن جا رايا
- پير آغا غلام مجدد جا سائين جي ايم سيد کي لکيل خط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ان ريت متعدد عنوانن ۾ تقسيم ڪري، قاضي صاحب ڪتاب کي مڪمل ڪيو آهي. جيئوٽيڪ مختصر انداز ۾ هڪ بزرگ هستيءَ کي ۽ ان جي سوانح يا ڪارنامن کي ضبط تحرير ڪيو ويو آهي. پر پوءِ بہ مطالعي هيٺ هستيءَ جي زندگيءَ جا سڀ پاسا منظر تي آندا ويا آهن. ان نوعيت جو ڪم ڪو آسان ڪونهي. ڇو تہ اختصار نويسي بہ هر اديب يا عالم جو ڪم ڪونهي. پر اهو ڪم نهايت وڻندڙ انداز ۾ اسان جي دوست قاضي مقصود احمد ڪري ڏيکاريو آهي. جناب جي. ايم سيد "جنب گذاريم جن سين" (جلد پهريون) ۾ ڪل 101 دوستن احبابن جي زندگيءَ تي قلم کنيو آهي ۽ انهن کي مختلف خانن يا درجن ۾ ورهائي پيش ڪيو آهي. ان جڳ مشهور ڪتاب ۾ سيد صاحب، اسان جي هن عالم کي هڪ قومي ڪارڪن طور پيش ڪيو آهي. سيد سڳوري جنهن پنهنجي طويل زندگي سياست ۽ ڪتابن لکڻ ۾ گذاري، جڏهن ايڏي وڏي قد ڪاٺ وارو انسان بہ پير آغا غلام مجدّد کي هڪ قومي ڪارڪن تسليم ڪندي، ان بابت قلم کڻي تہ پوءِ تہ خود پير صاحب جي مثالي زندگيءَ کي ساراهڻ ڪان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي.

پنهنجي دل پسند دوست، سنڌي جي مشهور اديب ۽ ڪيئي ڪتابن جي مصنف يا مترجم، قاضي مقصود احمد کي اهڙو وڻندڙ ڪتاب لکڻ تي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

**غلام محمد لاکو**

01 فيبروري 2015ع

سنڌ يونيورسٽي

ڄام شورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# مصنف پاران

پير آقا غلام مجدد سرهندي، متياريءَ جي تاريخ جو اهو نالو آهي، جنهن انگريزن جي دور ۾ نڍي کنڊ جي سطح تي عملي سياست ڪندي نه رڳو پنهنجي شهر، بلڪ پنهنجي ڏيهه سنڌ جو نالو اجاگر ڪيو. مون پير صاحب جي شخصيت تي متياريءَ جو هئڻ ڪري يا ڪو ابن ڏاڏن جي تعلق جي بنياد تي قلم نه کنيو آهي، بلڪ سندس شخصيت تي غور ڪندي مون کي جيڪي فڪري پهلو نظر آيا، جن کي لاڀائتو ڄاڻندي، انهن کي هن ڪتاب ۾ اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. تن مان هڪڙو اهو آهي ته ماڻهو جنهن ملڪ ۾ رهندو آهي، ان علائقي جي شناخت اختيار ڪرڻ ۽ اتي جي روايتن کي قبول ڪرڻ ئي سندس لاءِ مناسب هوندي آهي. جيئن چوندا آهن ته "جهڙو ديس، تهڙو ويس". پير صاحب جو نسلي تعلق حضرت عمر فاروق رضي الله عنه سان هو يعني پاڻ نسلي طور تي عرب هئا. ان بعد جڏهن سندن وڏڙن افغانستان ۾ رهائش اختيار ڪئي ته اها قوميت به سندن شناخت بڻجي وئي. وري جڏهن سندن وڏڙا سنڌ ۾ آباد ٿيا ته ان نسبت سان پير صاحب نڍي کنڊ جي سياست ۾ پير پائڻ کان پوءِ پاڻ کي سنڌي سڏايو هندستان جي عالمن به کين سنڌي لکيو ۽ سنڌ ۾ به کين سنڌي اڳواڻ طور ئي مان مليو. سو اسان وٽ سنڌيت جو تصور اهو ئي آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي سنڌي سمجهي ٿو اهو سنڌي آهي. قوميت جي جديد وصف به نسليت تي نه بلڪ وطنيت تي آڌاريل آهي. ڇو ته هن وقت دنيا ۾ اهڙي ڪا به قوم موجود ڪانهي، جيڪا خالص هڪ نسلي هئڻ جي دعوي ڪرڻ ۾ سو سيڪڙو صحيح هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻيو فڪري پهلو اهو آهي تہ تصوف جي تعليم جو بنيادي مقصد مرشدن جا هٿ چمڻ ۽ پير ڇهڻ جي تعليم ڏيڻ نہ بلڪ ماڻهن جي زندگيءَ ۾ اخلاقي سڌارا آڻڻ ۽ انهن جي اجتماعي مفادن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ هر ساڃاهہ وند کي تيار ڪرڻ آهي. هن موقعي تي جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو مشهور شعر ياد اچي رهيو آهي تہ:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي طاقت طالب المولىٰ،

تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

پير صاحب جون جيڪي تحريرون "الوحيد" جي حوالي سان يا سوره اسرافيل جي حوالي سان هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن. انهن ۾ عوام ۽ خواص کي اهو ئي سبق ڏنو ويو آهي تہ اهي پنهنجي پنهنجي حصي جا فرض ادا ڪندي، پنهنجي ۽ ٻين جي زندگيءَ ۾ سڌارو آڻڻ جي ڪوشش ڪن. پير صاحب جي زندگي انهن ئي اصولن جو عملي اظهار رهي آهي.

هن مطالعي جو ٽيون پهلو اهو آهي تہ سياست جا ڪي اصول بہ ٿيندا آهن ۽ مقصد ماڻڻ لاءِ اڏولپڻو اولين شرط آهي ۽ جناب پير غلام مجدد سرهندي صاحب رحمة الله عليه سياسي ميدان ۾ بہ اخلاقي اصولن تي ڪاربند رهندي نظر اچي رهيو آهي.

جناب ڊاڪٽر غلام محمد لاکو صاحب کي هن ڪتاب تي بہ اکر لکڻ جي گذارش ڪئي وئي، جيڪا پاڻ قبوليندي پنهنجا تاثرات لکي موڪليائون، جيڪي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ان ۾ خاص طور تي پير صاحب جي وفات جي انگريزي تاريخ ۾ ٿيندڙ غلطيءَ جي نشاندهي قابل ذڪر آهي. جنهن لاءِ آئون سندن نهايت ٿورائتو آهيان. دراصل جناب پير صاحب جي آخري آرامگاهہ جي ڪتبي تي فقط اسلامي تاريخ لکيل آهي. جڏهن تہ انگريزي تاريخ خانداني رڪارڊ مان مليل آهي، جيڪا هن ڪتاب ۾ ڏني وئي آهي.

هن ڪتاب ۾ جيڪي بہ ڳالهيون ڪيون ويون آهن. اهي حوالن سان مختلف ڇاپي توڙي قلمي ڪتابن تان ڪنيل آهن يا مختلف معتبر ماڻهن کان ورتل روايتن تي مشتمل آهن. مون کي اميد آهي تہ هن مختصر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪتاب ۾ شامل مواد انگريزن کان آزاديءَ جي سلسلي ۾ سنڌي ماڻهن جي ڪردار کي چٽو ڪرڻ جي سلسلي ۾ پڙهندڙن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو. تنهن هوندي به جيڪڏهن ڪا غلطي نظر اچي ٿي ته ان لاءِ اڳواٽ معذرت ڪندي اصلاح لاءِ اطلاع جي گذارش ڪجي ٿي.

20 اپريل 2016ع

قاضي مقصود احمد

قاضي محلو متياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# مٽياريءَ ۾ سرهندي خانوادي جي آمد

حضرت شيخ احمد مجدّد الف ثاني ﷫ جي اولاد مان مٽياريءَ ۾ رهندڙ سرهندي خاندان جا بزرگ تاريخ ۾ ڪنهن به تعارف جا محتاج نه رهيا آهن. هي بزرگ اصل قنڌار جا رهواسي هئا. جيئن ته مٽياريءَ وٽان قديم زماني کان ئي مختلف علائقن ڏانهن اچڻ وڃڻ جو لنگهه هوندو هو ان ڪري هي خاندان به هتي مستقل لڏي اچڻ کان اڳ، هتي جي پٽن ۽ ماڻهن کان واقف هو. چون ٿا ته هڪ ڀيري حج تي ويندي هن خاندان جي هڪ بيبي صاحبه انتقال ڪري وئي. تنهن وصيت ڪئي هئي ته جتي به منهنجو اٺ پاڻ مرادو ويهي رهي، (جنهن تي ڪجاوو ٻڌل هو). اتي ئي مون کي دفن ڪجو. قدرت سان اهو اٺ منزل ڪندي اچي مٽياريءَ جي اتر اوير ڪنڊ ۾ ويٺو. جتي بيبي صاحبه جي تدفين ڪئي وئي. اها بيبي صاحبه حضرت آغا عبدالرحيم سرهندي ﷫ جي ڦڦي هئي. آغا صاحب ﷫ ٻيون ۽ ٽيون حج 1238هه ۽ 1239هه ۾ پنهنجي والد سان گڏ ڪيو ۽ موٽڻ مهل گهمڻ جي خيال کان ڪجهه رفيقن سان سنڌ ۾ رهي پيو ۽ سندن والد قنڌار هليو ويو. ان عرصي ۾ سندن زياده ويٺڪ حيدرآباد ۾ ٿي. اتان ئي 1241هه ۾ چوٿين حج تي روانو ٿيو ۽ وري حيدرآباد ۾ واپس اچي رهيو. پر سندن اها رهائش مستقل بنيادن تي نه هئي ۽ افغانستان ۾ سندن رهائش جو سلسلو برقرار رهيو. بعد ۾ افغانستان ۾ شورش ٿيڻ ۽ حڪومت ۾ تبديلي اچڻ ڪري اتي جي حالتن کان دل برداشته ٿي قنڌار کي هميشه لاءِ ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ۽ نئين وطن طور پاڻ مٽياريءَ کي چونڊيو. جتي سندن ڦڦي صاحبه جي مزار اڳي ئي موجود هئي. حضرت آغا صاحب ﷫ جي وفات آچر جي رات 24 جماد الاول 1314هه ۾ 92 ورهين جي ڄمار ۾ ڏگهي علالت بعد ٿي. هتي حضرت آغا صاحب ﷫ جن جو شجرو ۽ اولاد جو تفصيل ڏجي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## نسب نامہ حضرت آغا صاحب سرهندي مجددي معصومي فاروقي ﷫

حضرت آغا عبدالرحيم ﷫ بن حضرت ضياء الحق شهيد ڪابلي بن شاهہ غلام نبي بن شاهہ غلام حسن بن شاهہ غلام محمد بن شاهہ غلام معصوم ثاني بن شيخ محمد صبغت الله بن شيخ محمد معصوم اول بن امام رباني شيخ احمد مجدد الف ثاني ﷫، مخدوم الشيخ عبدالاحد بن شيخ زين العابدين بن شيخ عبدالحي بن شيخ محمد بن شيخ حبيب الله بن شيخ امام رفيع الدين بن شيخ نورالدين بن شيخ نصيرالدين ثاني بن شيخ سليمان ثاني بن شيخ يوسف الثاني بن شيخ اسحاق ثاني بن شيخ عبدالله بن شيخ شعيب بن شيخ احمد بن شيخ يوسف اول بن خواجہ شهاب الدين مشهور بہ فرخ شاهہ ڪابلي بن خواجہ نصيرالدين اول بن خواجہ محمود بن خواجہ سليمان اول بن خواجہ مسعود بن خواجہ عبدالله واعظ اصغر بن عبدالله واعظ اڪبر بن خواجہ ابوالفتح بن خواجہ اسحاق اول بن خواجہ ابراهيم بن حضرت ناصرالدين (مشهور بہ سالم) بن حضرت عبدالله ﵁ بن حضرت عمر الفاروق ابن الخطاب ﵁.

حضرت آغا صاحب ﷫ جن جا اٺ فرزند هئا، جن جا نالا هن ريت آهن. پهريون خواجہ عبدالحليم عرف حاجي آغا، ٻيو فضل قيوم عرف فدا مجدد (جيڪو قنڌار لڏي ويو ۽ هاڻي سندس اولاد اڏيرو لال اسٽيشن ويجهو پير ڳوٺ ۾ پنهنجي ٻنيءَ تي يا ڪراچيءَ ۾ رهي پيو)، ٽيون حاجي محمد عظيم (لاولد)، چوٿون آقا محمد علي، پنجون احمد علي عرف منو جان، ڇهون پير شير علي (لاولد)، ستون پير غلام علي (لاولد)، اٺون پير فتح علي، جيڪو ملير ۾ پير سرهندي ڳوٺ ۾ مدفون آهي. انهن مان وڏو فرزند آغا عبدالحليم ڪانئن پوءِ سندن گادي نشين ٿيو. پير آغا عبدالحليم جان سرهندي صاحب ئي پنهنجي والد جي مزار تي مقبرو اڏرايو جيڪو 1319ھ ۾ جڙي راس ٿيو. 1321ھ ۾ سندن وفات ٿي. جنهن کان پوءِ سندن فرزند جناب پير آقا غلام مجدد سرهندي ﷫ درگاهہ مجدديہ سرهنديہ ٽنڊو سائينداد ۽ مٽياريءَ جي گادي سنڀالي. هيءُ ڪتاب سندن سحر انگيز شخصيت جي باري ۾ لکيو ويو آهي.


Scanned with CamScanner

## پير آقا عبدالله غلام مجدّد سرهندي رحمة الله عليه

ويهين صديءَ جي سنڌ، پاڪستان توڙي ننڍي کنڊ جي اهم مذهبي ۽ سياسي شخصيت حضرت پير آقا غلام مجدّد سرهندي رحمة الله عليه جي ولادت 6 رجب المرجب 1300هه بمطابق 13 مئي 1883ع تي شهر مٽياري ۾ ٿي. سندن پيدائش مهل سندن والد آغا عبدالحليم ۽ ڏاڏو حضرت آغا عبدالرحيم رحمة الله عليه ٺٽي ۾ هئا. جيئن ئي کين اطلاع مليو هڪدم مٽياريءَ ۾ هليا آيا ۽ ستين ڏينهن سندن عقيقو ڪرايائون. سندن نالو عبدالله غلام مجدّد رکيو ويو ۽ سندن جد بزرگوار حضرت آغا عبدالرحيم رحمة الله عليه کين پيرزاده جي لقب سان سرفراز ڪندي چيو تہ "اين پيرزاده هم است "(يعني هي سيني جو پيرزادو آهي). پاڻ قرآن مجيد جي تعليم مٽياري جي مشهور عالم قاضي عبدالرحمان بن قاضي عبدالحڪيم بن قاضي عبدالرحمان کان حاصل ڪئي، جيڪو سندن والد جو بہ استاد هو. فارسي زبان جي تعليم مٽياري جي مشهور عالم قاضي عنايت الله "بيراگي" کان حاصل ڪيائون. عربي تعليم لاءِ مولانا حسن الله پاٽائيءَ کي خاص طور تي درگاهہ شريف مٽياري تي گهرايو ويو. جيڪو ڪافي سالن تائين مٽياري ۾ مقيم رهي پير صاحب کي درس نظامي جي تعليم ڏيندو رهيو. تعليم حاصل ڪرڻ واري عرصي دوران جڏهن پاڻ 14 سالن جا هئا، تڏهن 1314هہ ۾ سندن مشفق ڏاڏي حضرت آغا عبدالرحيم قدس سره جن جي رحلت ٿي ۽ سندن والد محترم جناب پير عبدالحليم جان سرهندي صاحب سجاده نشين درگاهہ مجدّديہ سرهنديہ مٽياري بڻيو. پير آقا غلام مجدّد سرهندي رحمة الله عليه جو حافظو ڏاڍو تيز هو. ان جو هڪ مثال هن طرح آهي جو پڙهائيءَ واري عرصي دوران مولوي حسن الله پاٽائي ذاتي مصروفيتن ڪري پڙهائڻ اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو هو. تنهنڪري سندن والد مٽياريءَ جي مشهور عالم ۽ قاضي القضاة قاضي لعل محمد کي پڙهائڻ لاءِ عرض رکيو. قاضي صاحب ڪانئن سوال پڇيا تہ انهن جا جواب صحيح ڏنائون، البتہ هڪ اڌ سوال رهجي ويو. جڏهن قاضي صاحب پاڻ کين اها عبارت پڙهي ٻڌائي تہ پير صاحب چيو تہ اها تہ مون کي ياد هئي، پوءِ هڪدم اها پڙهي ٻڌايائون. تنهن تي قاضي صاحب چيو تہ هيءَ عبارت کين ياد نہ هئي، بلڪ منهنجي ٻڌائڻ بعد ياد ڪئي اٿس. هہ حافظو ڏاڍو


Scanned with CamScanner

تيز آهي. بهتر آهي تہ سندس پراڻي استاد کي بيهر گهرائي هن جي پانهن سندس حوالي ڪئي وڃي. تنهن کان پوءِ علامة الزمان مخدوم حسن الله پاٽائي رحمة الله عليه کي بيهر متياري گهرايو ويو. خود علامہ حسن الله پاٽائي اڪثر ڪين چوندو هو تہ توکي تہ ڪنهن جي شاگرديءَ جي ضرورت ئي ڪانهي. پر جيئن تہ دنيا جو دستور ائين آهي، ان ڪري ئي آئون توکي پڙهايان پيو. پير صاحب 1322هہ ۾ فارغ التحصيل ٿيو ۽ 12 جمادالثاني 1322هہ تي کين دستار فضيلت پڌائي وئي. سندن دستاربنديءَ جي موقعي تي ٽي سو عالم موجود هئا.

## تصوف جي طريقت جو بيان:

حضرت آقا غلام مجدّد المعروف حاجي پيرزاده رحمة الله عليه جن جو تصوف جي نقشبنديہ، قادريہ، چشتيہ، سهرورديہ، ڪبرويہ، مداريہ، قلندريہ اويسيہ جي سلسلن ۾ پنهنجي والد کان ذڪر ورتل هو ۽ ڪانئن وٺي حضرت امام رباني شيخ احمد مجدّد الف ثاني رحمة الله عليه تائين سلسلي جا سمورا بزرگ ساڳيا نقشبندي سلسلي وارا آهن. حضرت مجدّد الف ثاني رحمة الله عليه کان پوءِ اهي سلسلا مختلف بزرگن ڏانهن ورهائجي وڃن ٿا. تنهنڪري طوالت کان بچڻ لاءِ هتي نقشبندي سلسلو مڪمل ڏنو ويو آهي ۽ ٻين سلسلن جي بزرگن جو ذڪر حضرت امام رباني رحمة الله عليه کان پوءِ وارو رکيو ويو آهي.

**نقشبندي سلسلو:** (نوٽ: هي سلسلو موجوده سجاده نشين پير غلام مجدّد جو لکيل آهي ۽ ڪانئس ئي شروع ٿئي ٿو جنهن تي سندس جد امجد پير آقا غلام مجدّد رحمة الله عليه جو نالو رکيل آهي. وها انا الضعيف المذنب المحتاج عنده عبدالله العلي غلام مجدّد عفيٖ عنہ اتوسل اوتوجہ مسلسلاً و رشدا و مقتدانا شاہ غلام رسول قدس سره ثم الحافظ المجاهد العارف عبدالله غلام مجدد ثم سيدنا المجاهد الغازي في سبيل الله الشيخ حضرت عبدالحليم قدس سره ثم بسيدنا ميزاب فيوضاتنا المجاهد الشيخ حضرت عبدالرحيم قدس الله سره ثم بسيدنا الشهيد في سبيل الله حضرت شاہ ضياءُ الحق قدس الله سره ثم بسيدنا امت المعصومة رضي الله عنهما ثم بسيدنا هادي الخلق حضرت شاہ محمد صفي الله قدس الله سره اسرارهم ثم بسيدنا حضرت شاہ غلام محمد قدس الله سره ثم بسيدنا حضرت شاہ غلام معصوم قدس الله سره ثم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بسيدنا حضرت شاه محمد اسماعيل قدس سره ثم بسيدنا حضرت شاه صبغة الله قدس الله سره ثم بسيدنا حضرت عروة الوثقيٰ شاه محمد معصوم قدس سره ثم بسيدنا حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني شيخ احمد قدس سره ثم بسيدنا حضرت محمد باقي بالله قدس سرهم ثم بسيدنا حضرت خواجه شاه امڪنگي قدس سره ثم بسيدنا حضرت محمد درويش قدس سره ثم بسيدنا حضرت محمد الزاهد قدس سره ثم بسيدنا حضرت عبيدالله احرار قدس سره ثم بسيدنا حضرت يعقوب چرخي قدس سره ثم بسيدنا حضرت محمد بهاءُ الدين نقشبندي قدس سره ثم بسيدنا حضرت امير گلال قدس سره ثم بسيدنا بابا سماتي قدس سره ثم بسيدنا حضرت علي راميتني قدس سره ثم بسيدنا حضرت شاه محمود قدس سره ثم بسيدنا حضرت خواجه عارف قدس سره ثم بسيدنا عبدالخالق الغجدواني قدس سره ثم بسيدنا حضرت يوسف الهمداني قدس سره ثم بسيدنا حضرت ابي علي قدس سره ثم بسيدنا حضرت ابي الحسن الخرقاني قدس سره ثم بسيدنا حضرت ابي يزيد البسطامي قدس سره ثم بسيدنا حضرت امام جعفر الصادق قدس سره ثم بسيدنا القاسم بن محمد بن ابي بكر الصديق رضي الله عنهم ثم بسيدنا حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه ثم بسيدنا حضرت عمر الفاروق رضي الله عنه ثم بسيدنا حضرت ابي بكر الصديق رضي الله عنه ثم بسيدنا سيد الخلائق ملجا الامة والابرار مهبط جبريل في الليل والنهار حبيب الله الستار الذي انزل عليه افضل الكتب والاسفار سيدنا و مولانا و شفيعنا محمد المختار صلي الله عليه و عليٰ آلهٖ و اصحابه الاخيار.[1]

**قادري سلسلو:**

حضرت مجدّد الف ثاني شيخ احمد سرهندي عليه الرحمة، حضرت شاه سڪندر رحمه الله، حضرت شاه ڪمال ڪيٿلي رحمه الله، حضرت شاه فضيل، حضرت سيد گدائي رحمان ثاني، حضرت سيد شمس الدين عارف ڪان حضرت سيد گدائي رحمان اول، حضرت سيد ابوالحسن،

---

[1] انساب نامي ذڪر آل مجدّد الف ثاني رحه پير غلام رسول سرهندي رحه صفحو 536، 537، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ / حيدرآباد 2009ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حضرت شمس الدين صحرائي، حضرت سيد عقيل، حضرت سيد برهان الدين، حضرت سيد عبدالوهاب، حضرت سيد شرف الدين قتال، حضرت سيد عبدالرزاق، حضرت سيد عبدالقادر جيلاني رح، حضرت شيخ ابو سعيد مخزومي، حضرت شيخ ابوالحسن علي القرشي الڪنگاري، حضرت شيخ ابوالفرح يوسف طرطوسي، شيخ ابوبڪر شبلي، شيخ الاسلام سيد الطائفہ حضرت شيخ جنيد بغدادي رحمة الله عليه، شيخ الاسلام حضرت سري المفلس السقطي، شيخ الاسلام حضرت شيخ معروف الڪرخي، شيخ الاسلام حضرت شيخ ابوسليمان دائود الطائي، حضرت امام علي رضا عليه الرحمة، حضرت امام موسيٰ ڪاظم، امام الخلائق حضرت سيدنا جعفر الصادق، حضرت امام محمد باقر عليه السلام، حضرت امام زين العابدين علي بن امام المهام سيدنا الحسين عليه السلام حضرت امامنا و سيدنا الحسن سبطِ رسول الله صلي الله عليه و آلہٖ و صحبہٖ وسلم، حضرت سيدنا امير المومنين علي رضي الله عنه و ڪرم الله وجهه من رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وصحبہٖ وسلم

**چشتيہ سلسلو:**

حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني شيخ احمد سرهندي قدس سره، سندس والد مخدوم شيخ عبدالاحد، حضرت شيخ رڪن الدين گنگوهي، سندس والد حضرت شيخ عبدالقدوس گنگوهي، حضرت شيخ محمد عارف، حضرت شيخ احمد عبدالحق رَدولِوِي، حضرت شيخ جلال الدين پاني پتي، حضرت شيخ شمس الدين ترڪ پاني پتي، حضرت علاو الدين احمد صابر ڪليري، حضرت شيخ فريد الدين مسعود گنج شڪر اجودهني پاڪپتن، حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي اوشي دهلوي، حضرت خواجہ خواجگان معين الدين السنجري ثم الاجميري الچشتي، حضرت خواجہ السيد عثمان هاروني، حضرت شيخ محي الدين ابو نصر السيد، سندس والد حضرت شيخ ابو صالح السيد، سندس والد حضرت خواجہ حاجي شريف زندني، حضرت خواجہ شيخ مودود چشتي، حضرت خواجہ شيخ ابويوسف چشتي، حضرت خواجہ شيخ ابو محمد چشتي، حضرت خواجہ احمد ابدال چشتي، حضرت خواجہ شيخ ابواسحاق شامي، حضرت خواجہ شيخ ابو ابراهيم علو دينوري، حضرت خواجہ شيخ امين الدين هُبيره

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

البصري، حضرت خواجہ شيخ ابراهيم بن آدھم سلطان بلخ، حضرت شيخ نضيل بن عياض رح، حضرت شيخ عبدالواحد بن زيد خير التابعين، حضرت شيخ حسن البصري، حضرت سيدنا علي المرتضيٰ ڪرم الله وجھہ خليفة الرسول الله صلي الله عليه و آله وسلم.

**سهرورديہ سلسلو:**

حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي قدس سره، سندن والد حضرت مخدوم شيخ عبدالاحد، حضرت شيخ رڪن الدين گنگوهي، سندن والد حضرت شيخ درويش محمد بن قاسم اوڌي، حضرت سيد بڍڻ (بدهن) پڙائچي، حضرت سيد اجمل پڙائچي، حضرت سيد جلال الدين اوچي المعروف مخدوم جهانيان جهان گشت، حضرت شيخ ابوالفتح رڪن الدين، حضرت شيخ صدرالدين عارف، شيخ الاسلام حضرت شيخ بهاو الحق ذڪريا ملتاني قدس الله سره (ٽيئي پيڙهيون پوٽو، پيءُ ۽ ڏاڏو هئا)، حضرت شيخ شهاب الدين عمر سهروردي، سندن چاچو حضرت شيخ ابو نجيب سهروردي، حضرت شيخ وحيد الدين عبدالقادر، حضرت سيد يارمحمد، حضرت شيخ محمد، حضرت شيخ احمد اسود دينوري، حضرت شيخ ممشاد دينوري، حضرت شيخ جنيد بغدادي عليہ الرحمت، حضرت شيخ سري سقطي، حضرت شيخ معروف ڪرخي، حضرت شيخ دائود الطائي، حضرت شيخ حبيب عجمي، حضرت شيخ حسن البصري، حضرت امير المومنين سيدنا علي المرتضيٰ ؓ من رسول الله صلي الله وآله وصحبه و بارڪ وسلم.

**ڪبرويہ سلسلو:**

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي، حضرت يعقوب صرفي ڪشميري، حضرت شيخ ڪمال الدين حسين (خلدي) (خواري)، حضرت شيخ حاجي محمد جونشاني، حضرت شيخ شاهہ (بيدواري)، حضرت امير عبدالله بزارش آبادي، حضرت خواجہ اسحاق شهيد جيلاني، حضرت امير همداني، حضرت شيخ محمود المروفاني، حضرت شيخ علاو الدين سمناني، حضرت شيخ عبدالله اسفراني، حضرت شيخ علاو الدين سمناني، حضرت شيخ عبدالله اسفراني، حضرت شيخ احمد جورياني، حضرت شيخ علي لالا لاهوري، حضرت شيخ مجدد الدين البغدادي، امام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

الطريقت حضرت شيخ نجم الدين ڪبريٰ، حضرت شيخ روزبهان بقلي، حضرت عمار ياسر، حضرت شيخ ضياءُ الدين ابو نجيب سهروردي، حضرت خواجه احمد غزالي، حضرت ابوبڪر نساج، حضرت ابو القاسم گرگاني، حضرت خواجه عثمان مغربي، حضرت ابو علي ڪاتب، حضرت ابو علي رودباري، حضرت شيخ جنيد بغدادي عليه الرحمت، حضرت شيخ سري سقطي، حضرت شيخ معروف ڪرخي، حضرت شيخ دائود طائي، حضرت شيخ حبيب عجمي، حضرت شيخ حسن بصري عليهم الرحمت، حضرت سيدنا علي المرتضيٰ ڪرم الله وجهه و رضي الله تعاليٰ عنه من رسول الله صلي الله عليه وسلم.

**مداريه سلسلو:**

حضرت مجدّد الف ثاني شيخ احمد سرهندي سندن والد حضرت مخدوم شيخ عبدالاحد، حضرت شيخ رڪن الدين گنگوهي، ان جو والد حضرت شيخ درويش محمد بن قاسم اوڌي، حضرت سيد ٻڍڻ (بدهن) پڙائچي، حضرت سيد اجمل پڙائچي، حضرت سيد جلال الدين اوچي مشهور مخدوم جهانيان جهان گشت، امام الطريقت حضرت بديع الدين شاهه مدار، حضرت شيخ طيفور شامي، حضرت شيخ يمين الدين شامي، حضرت عبدالله علمبردار رسول الله صلي الله عليه وآله وصحبه وسلم، حضرت سيدنا ابوبڪر الصديق رضي الله تعاليٰ عنه من رسول الله صلي الله عليه و آلهٖ وسلم.

**قلندريه اويسيه سلسلو:**

حضرت امام رباني مجدّد الف ثاني شيخ احمد سرهندي رضي الله تعاليٰ عنه، سندن والد حضرت مخدوم شيخ عبدالاحد، حضرت شيخ رڪن الدين گنگوهي، ان جو والد حضرت شيخ درويش محمد بن قاسم اوڌي، حضرت شيخ عبدالقدوس گنگوهي، حضرت شيخ عبدالسلام عرف شاهه علي جونپوري، حضرت شاهه قطب الدين جونپوري، حضرت شاهه قطب الدين سيناول، حضرت نجم الدين قلندر من حضرت نظام الدين غزنوي، حضرت سيد خضرومي، حضرت عبدالعزيز مڪي من رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه و آلهٖ وصحبهٖ و بارڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## پهريون حج ۽ حجاز جي سرزمين تي ڪجهہ عرصي جي رهائش دوران ڪيل سرگرميون

پير صاحب 1323 هہ مطابق 1904ع ۾ پهريون پيرو حج تي ويا ۽ پوءِ ڪجهہ عرصو حجاز ۾ ئي رهي پيا. ان عرصي دوران اتي جي مشهور محدث سيد علي وتريءَ کان شاگرديءَ جو شرف حاصل ڪيائون. هن واقعي جي يادگيريءَ طور سائين جن جا فرزند ارجمند جناب پير غلام رسول سرهندي صاحب رحہ جن لکن ٿا تہ "جنهن وقت آئون ڪيس مليس تہ منهنجي هٿ چمڻ تي پاڻ منهنجي پيشانيءَ تي بوسو ڏنائون. جڏهن ويهي حالي احوالي ٿياسون تہ وري دوباره اٿي بيهي بوسو ڏنائون ۽ فرمايائون تہ پهريون بوسو عربي دستور هو ان موافق ڪيڪاريو هو ۽ بيو دفعو توهان جو ننڍي عمر ۾ پيلي ملڪ ۾ پلائيءَ ڏانهن منهن هجڻ خاطر مون چمي ڏني آهي. جڏهن تڪميل احاديث ٿي تہ منهنجي ضيافت ڪيائون ۽ بيهر ڪارڪون ۽ کير گڏي رڌرائي فرمايائون تہ اها ضيافت پيغمبر صلي الله عليه و آلهٖ و صحبه وسلم جن، حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله عليه وسلم جن جي ڪئي هئي. آئون اها سنت بجا ٿو آڻيان".

پير سائين غلام رسول رحمة الله عليه جي روايت مطابق مديني ۾ ان رهائش دوران جناب پير آقا غلام مجدّد رحمة الله عليه جن، شيخ عبدالحق مهاجر مڪي رحمة الله عليه جي تلميذي سلسلي ۾ پڻ داخل ٿيا.[1]

### جناب پير آقا غلام مجدّد رحمة الله عليه جي علمي جذبي جو هڪ مثال:

هن موقعي تي علم و ادب ۽ ڪتابن سان سندن دلچسپيءَ جو هڪ واقعو ڄاڻائڻ ضروري سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ "بمبئي جو هڪڙو سيٺ، جيڪو

---

[1] جناب پير غلام رسول سرهندي، سوانح حيات حضرت آقا غلام مجدّد سرهندي مٽياري رحہ، صفحو 94، حضرت آغا صاحب اڪيڊمي مٽياري، ڇاپو 1996ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇاڪاڻ والد جي نالي سان مشهور هو انهيءَ ڪين امانت طور رقم ڏني ته بمبئيءَ ۾ منهنجي ڀاءُ کي رسايو. ان کان اجازت ورتائون ته اهي پئسا في الحال پنهنجي مصرف ۾ آڻي پوءِ ڳوٺ پهچي تنهنجي ڀاءُ کي پهچائيندس. هن اجازت ڏني، جنهن تي پاڻ عربي زبان ۾ لکيل اسي هزار روپين جا ڪتاب خريد ڪري پاڻ سان آندا. پوءِ هتان مٽيارين مان اها رقم مالڪ کي رسائي وئي"..[1]

## جناب پير آقا غلام مجدّد رحہ جي شادي خانہ آبادي:

سندن شادي والد جي حياتيءَ ۾ ئي 27 رجب المرجب 1329ھ تي پوري شان مان سان ٿي. ان سلسلي ۾ عجيب واقعو اهو آهي ته سندن شاديءَ جا ڏينهن ٻڌڻ مهل سندن والد وٽ موڙيءَ جي نالي ۾ هڪڙو روپيو ۽ هڪڙو ٽڪو رکيل نه هو. پر جڏهن مهل آئي ته دوستن، مائٽن، مريدن ۽ معتقدن سڄو بار پنهنجي ڪلهي تي کڻي ورتو ۽ هن شاديءَ کي تاريخي شادي بنائي ڇڏيائون.

## والد جي وفات ۽ پڳداري:

جناب پير عبدالحليم سرهندي ﷫ جي وفات 1331ھ ۾ ٿي. جنهن کان پوءِ 27 صفر 1331ھ تي ڪين سجاده نشينيءَ جي دستار ٻڌائي وئي.

---

[1] جناب پير غلام رسول سرهندي "سوانح حيات حضرت آقا غلام مجدّد سرهندي مٽياري ﷫". صفحو 95. حضرت آغا صاحب اڪيڊمي مٽياري، ڇاپو 1996ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## خلافت تحريڪ ۽ پير آقا غلام مجدد رحمة الله عليه

پهرين جنگ عظيم دنيا جي حالتن ۾ وڏو ڦيرو آندو. جن قومن فاشزم جا بنياد رکيا، تن کي شڪست نصيب ٿي ۽ اتحادين کي سرسي حاصل ٿي. جيئن تہ ترڪي، يورپ ۾ اسلام ڦهلائڻ جو موجب بڻجي رهي هئي، تنهنڪري يورپي قومن جي ترڪيءَ سان چپقلش هلندي رهندي هئي. ان ڪري ئي جڏهن جنگ ڇڙي تہ ان وقت جي عثماني خليفي عبدالرشيد (1909ع کان 1918ع تائين) جرمنيءَ جو ساٿ ڏنو. ان کان پوءِ اتحادين آئيندي جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پيش بنديءَ طور انهن طاقتن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. انهن ترڪيءَ جا قبضو ڪيل علائقا واپس ترڪيءَ کي ڏيڻ ۾ پس و پيش کان ڪم ورتو ۽ خلافت عثمانيه کي ختم ڪرڻ لاءِ جوڙ توڙ ڪرڻ لڳا. انگريزن طرفان مڪي جي گورنر شريف حسين کي خليفي طور مڃرائڻ جي لاءِ سرگرميون شروع ڪيون ويون. ان سلسلي ۾ هندستان ۾ مولوي عبدالحق حقاني ۽ سنڌ ۾ فيض الڪريم کي فتوائن وٺڻ ۽ راءِ عامہ کي شريف حسين جي حق ۾ ڪرڻ تي لڳايو ويو ۽ انهن مڪي ۽ ڪعبي سان مسلمانن جي جذباتي ۽ مذهبي وابستگيءَ کي پنهنجي فائدي ۾ ڀرپور انداز ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ ان وقت جو عثماني خليفو عبدالوحيد خلافت جو اهل نہ هو ۽ نہ ئي ڪيس هندستان جي مسلمانن سان ڪا خاص دلچسپي هئي، پر ٽيو هيئن جو هڪ طرف تہ عرب هئا، جيڪي مڪمل طور تي انگريزن جا طابع ۽ فرمان هيٺ هئا ۽ ٻئي طرف ترڪ، جن هندستان تي قابض ٿيندڙ انگريز سرڪار سان جنگ وڙهي هئي. هتي جي ترقي پسند مسلمانن ترڪيءَ جي خلافت عثمانيه جي حق ۾ هڪ ڏکي تحريڪ هلائي انگريزن خلاف پنهنجي جدوجهد کي نئون رخ ڏنو. اها تحريڪ پهرين جنگ عظيم جي ختم ٿيندي ئي 1919ع ۾ شروع ٿي. 23 نومبر 1919ع تي دهليءَ ۾ پهرين خلافت ڪانفرنس ٿي، ان جي ڪجھ مهينن گذرڻ بعد 19 مئي 1920ع تي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس بمبئيءَ ۾ ٿيو جنهن ۾ عدم تعاون جي تحريڪ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. تحريڪ هلندي 9 سيپٽمبر 1922ع تي ترڪيءَ جي سلطان عبدالوحيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ترڪيءَ تي ڪمال اتا ترڪ جي حامي فوجن جي قبضي ڪان پوءِ پڄي ويو ۽ لڪندي ڇپندي 17 نومبر 1922ع تي وچي برطانيه جي ملايا ۾ بيٺل جنگي جهاز تي پناهه ورتائين. ڪانئس پوءِ سلطان عبدالمجيد خليفو ٿيو. پر 30 مارچ تي ڪمال اتا ترڪ سندس تختو اونڌو ڪيو.[1]

ان ڪان پوءِ خلافت جو مڪمل خاتمو اچي ويو. جنهن جي ڪري ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي هلايل خلافت تحريڪ کي بہ ناڪام ٿي ختم ٿيڻو پيو.

خلافت تحريڪ جون سنڌ ۾ اٽڪل 180 سب ڪميٽيون هيون، جن مان هڪڙي مٽياريءَ ۾ بہ هئي. ان سب ڪميٽيءَ جو اڳواڻ سيد علي اڪبر شاهہ هو. جڏهن تہ سيڪريٽري الهڏنو ميمڻ هو. ان کان علاوه پير آغا محمد عمر جان سرهندي رحہ ضلعي ڪميٽيءَ جو ميمبر هو.[2] جڏهن تہ هتي جا پيا بہ ڪيترائي عالم تحريڪ جا سرگرم ميمبر هئا. هتي اهو چوڻ بجا ٿيندو تہ پير آقا غلام مجدّد رحہ جي شخصيت ڪري مٽياري، سنڌ ۾ خلافت تحريڪ جو مرڪز بڻجي وئي هئي.

**هڪ غلط فهمي جو ازالو:** اڄ جي دور جا ڪي محقق چون ٿا تہ پير غلام مجدّد سرهندي پهرين خلافت تحريڪ جي حق ۾ نہ هو. ان جو ثبوت اهو آهي تہ مڪي جي گورنر شريف حسين جي خلافت جي حق ۾ نڪتل فيض الڪريم جي فتويٰ تي پير غلام مجدّد سرهنديءَ بہ صحيح ڪئي هئي. هتي اهو واضح ٿي وڃڻ گهرجي تہ پير صاحب پنهنجي سياست جي شروعات ئي اسلام جي جذبي سان سرشار ٿي خلافت تحريڪ جي پليٽ فارم تان جدوجهد جو آغاز ڪرڻ سان ڪئي. حقيقت اها آهي تہ اها دستخط پير غلام مجدّد سرهندي مٽياروي‌ءَ جي نہ بلڪ پير غلام مجدّد سرهندي بن ضياءِ معصوم جان سرهندي شڪارپوريءَ جي هئي، جيڪو 1320ع ۾ ڄائو. يعني پاڻ پير غلام مجدّد مٽياروي‌ءَ ڪان ويهہ سال ننڍو هو. هيءُ بزرگ واعظ اسلام طور مشهور رهيو. هن بزرگ جي وفات 1390هہ/1970ع ۾ ٿي ۽ سندس آخري آرامگاهہ ماتلي ضلع بدين ۾ آهي. جي ايم سيد پنهنجي آتم

---

[1] Maulana Ubaidullah Sindh; written by Professer Haji Hajan Sheikh, P.143

[2] محمد لائق زرداري، "سنڌ جي سياسي جدوجهد. صفحو 158، 163

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪتا ۾ چٽيءَ طرح هن بزرگ جو نالو فتويٰ تي صحيح ڪندڙن ۾ ڄاڻايو آهي. سندس بيان هن ريت آهي: ”انگريزي حڪومت طرفان خانبهادر نبي بخش، محمد حسين ان وقت سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر جي ذريعي مولوي فيض الڪريم مورائي کان فتويٰ لکارائي ان تي سنڌي مولوين ۽ پيرن کان صحيح وٺڻ جو ڪم شروع ڪيو. جنهن فتويٰ موجب شريف مڪ جي ترڪن خلاف بغاوت کي جائز قرار ڏيئي ڪيس خليفي مقرر ڪرڻ جي تحريڪ جي حمايت ڪئي ويئي هئي. انهيءَ فتويٰ تي عملدارن جي زور ڪرڻ تي جملہ 95 صاحبن صحيحون ڪيون هيون، جن مان ڪن مکيہ ماڻهن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. پير شاهہ مردان شاهہ پاڳارو
2. پير صالح شاهہ جيلاني راڻيپور
3. پير خميسو شاهہ جيلاني گنبٽ
4. مخدوم ظهيرالدين صاحب هالا
5. پير غلام مجدّد سرهندي شڪارپور
6. پير الهيار شاهہ مٽياري
7. پير علي مدد شاهہ جيلاني راڻيپور
8. پير امام الدين شاهہ راشدي ٺلاهي
9. پير محمد شاهہ گهوٽڪي
10. مخدوم محمد صالح سجاده نشين درگاهہ پاٽ
11. سيد ولي محمد شاهہ سجاده نشين قلندر شهباز
12. قاضي ميان شفيع محمد هالا نوان
13. قاضي ميان ابراهيم شاهہ حيدرآباد
14. مولوي محمد عمر ڪڏهري
15. مولوي عبدالڪريم درس ڪراچي[1]

سائين جي ايم سيد ساڳي فهرست پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي بمبئي کان آزادي“ ۾ بہ شامل ڪئي آهي. هيءَ سڄي فهرست 95 نالن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مشتمل آهي. جيڪا فتويٰ جي مختصر طور تي ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ جي ڪتاب "سنڌ جي سياسي جدوجهد" ۾ ڏنل آهي. پر ان ۾ پورا 95 نالا شامل ڪيل آهن. جڏهن ته تفصيلي فتويٰ ۽ مڪمل فهرست تماهي "مهراڻ" جي 2010/4ع جي شماري ۾ ڏنل آهي. جنهن ۾ رڳو 52 نالو سمجهه ۾ نه اچي سگهڻ ڪري شامل نه ڪيو ويو آهي. ضروري حوالي ۽ تحقيق لاءِ اهي ڪتاب ڏسي سگهجن ٿا.

بنسبت ان جي اها حقيقت آهي ته جوانيءَ جي ڏينهن ۾ پير صاحب گهمڻ ڦرڻ ۽ دوستيون ياريون رکڻ جو شوقين هوندو هو. ڪيترا ئي انگريز عملدار ۽ مقامي آفيسر سندس واسطيدار هوندا هئا. پر سندس مذهبي رجحان شروع واري دور ۾ به پڌرا پيا هئا. ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ 1912ع ۾ انجمن هلال احمر جي تنظيم ڪاري حاجي عبدالله هارون ۽ مير ايوب خان ڪئي هئي. پير غلام مجدد سرهندي ان وقت ننڍي عمر جو هو. ان دور ۾ به پير غلام مجدد جي ڪوشش سان انجمن لاءِ ٻارهن هزار روپيا گڏ ڪيا ويا.[1]

مولانا عبيدالله سنڌيءَ 1913ع ۾ انجمن خدامِ ڪعبہ جو بنياد رکيو. سارا ڊي ايف انصاري "سنڌ جا پير ۽ برطانوي راڄ" ۾ لکي ٿي ته پير صاحب جي ڪوشش جي ڪري حيدرآباد کان 25 ڪلوميٽر پري مٽياريءَ ۾ بين شهرن ۽ ڳوٺن جي شاخن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ماڻهو ميمبر ٿيا".[2]

خلافت تحريڪ ۾ شموليت کان پهرين پاڻ انهن دوستين يارين تان به هٿ کڻي ڇڏيائون. سندن خاندان کي سرڪار پاران خانقاهه جي خرچ پکي لاءِ ننڍي شهر لڳ سدا واهه تي ڪجهه زمين مليل هئي. جڏهن خلافت تحريڪ شروع ٿي ۽ پاڻ حڪومت جي مخالفت ۾ فتوائون صادر ڪيائون ۽ انگريزي فوج ۾ نه ڀرتي ٿيڻ جي فتويٰ تي دستخط ڪيائون. تڏهن اها زمين

---

[1] ساره ڊي ايف انصاري، سنڌ جا پير ۽ برطانوي راڄ". صفحو 110. روشني پبليڪيشن حيدرآباد. ڇاپو 1. سال 2008ع

[2] ساره ڊي ايف انصاري، سنڌ جا پير ۽ برطانوي راڄ". صفحو 110. روشني پبليڪيشن حيدرآباد. ڇاپو 1. سال 2008ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پاڻمرادو ڇڏي ڏنائون. ان دور ۾ وڏن گهراڻن کي حفاظت لاءِ بندوقون رکڻ جو پروانو ڏنو ويندو هو. پير صاحب کي ٻه 24 بندوقون پاڻ وٽ رکڻ جو گزيٽي پروانو مليل هو. پاڻ اهي ڪاغذ ٻه سرڪار کي اهو چئي واپس ڪيائون ته پوءِ جو ڦري وٺن، تنهن کان سٺو آهي ته انهن کي پاڻ ئي ڇڏي ڏجي. پروانو واپس ڪيائون. پر هٿيار جمع نه ڪرايائون ۽ اهي يا ته ٻين ضرورتمندن کي ڏئي ڇڏيائون يا زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيائون ته جيئن انگريز سرڪار کي ڪم نه اچي سگهن.[1]

ان دور ۾ انگريزن، ڪين پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ سندن دوستن جي واسطي سان ڪيترين ئي لالچون ڏنيون. شمس العلماءَ جي خطاب سان نوازڻ جي پيشڪش ٻه ڪئي، لنڊو اسٽيشن تي سرهندي آباد نالو رکڻ جي پيشڪش ٻه ڪئي، پر پاڻ اهي سموريون آڇون رد ڪري ڇڏيائون. هڪ ڀيرو پاڻ ٽرين ذريعي دوري تي وڃي رهيا هئا جو رستي ۾ انگريز ڪلڪٽر گبسن ڪين ڏنو ۽ سندن لاءِ شربت گهرايو پر پاڻ اهو شربت پيئڻ کان انڪار ڪندي چيائين ته "جيڪڏهن هن گلاس ۾ شربت بدران تنهنجو رت هجي ها ته آئون ضرور پيان ها. ڇو ته تون اسان جي ترڪ ڀائرن جو رت پي رهيو آهين." اهو ٻڌي انگريز ڪليڪٽر ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "شايد هن تي مذهبي جنون غالب پئجي ويو آهي"[2]. انگريز عملدارن سان سندن رويي ۾ آيل اهڙي تبديلي دراصل عدم تعاون جي صورت ۾ حڪمرانن کان بغاوت جو اعلان هئي، جيئن پير علي محمد راشدي لکي ٿو ته "عدم تعاون جو فيصلو ٿيو ته پير غلام مجدد ٻين کان ٻه ٻه پير اڳتي ويو. فتوي ڪڍيائين ته "انگريز جو منهن ڏسڻ ٻه ڪبيرو گناهه آهي، جنهن انگريز ڏٺو سو زيارت رسول صلي الله عليه وسلم کان محروم رهندو. عمر گذري ويس، انگريز جو منهن ڪونه ڏٺائين. اوچتو رخ چڙهيس ته پنهنجي منهن کي پڳ جي پلاند

---

[1] جناب پير غلام رسول سرهندي "سوانح حيات حضرت آغا غلام مجدد سرهندي مٽياري ﷺ"، صفحو 94، حضرت آغا صاحب اڪيڊمي مٽياري ڇاپو 1996ع

[2] سيد زين العابدين شاهه راشدي "انوار علماءِ اهلسنت سنڌهه" (اردو)، صفحو 599

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سان ڏڪي پئي ڏئي هليو ويندو هو". [1]

پر واضح رهي تہ پير صاحب جو اهو عمل مذهبي ڪٽرپڻي سبب نہ هو. ڇو تہ اهو رويو انگريز عملدارن تائين محدود هو. باقي ان دور ۾ ٺٽي ڪيترائي هندو عامل ۽ ديوان سندن واسطي ۾ هئا ۽ پير صاحب جي گرفتاريءَ جي دوران بہ درگاهہ تي ايندا رهندا هئا. هن سلسلي ۾ ٻہ سال سخت پورهئي سان سزا ملڻ تي بزرگ رهنمائن جي ڏنل بيانن ۾ پير صاحب جو بيان ڏسي سگهجي ٿو جنهن ۾ هن ڪليل لفظن ۾ هندو مسلم اتحاد تي زور ڏنو آهي. ٻيو تہ نهيو پر آخري عمر تائين سندن پاران حيدرآباد ۾ عيد ميلاد النبي جي موقعي تي ٿيندڙ واعظن جي تقريبن ۾ سندن ئي واسطي سان هندو ۽ عيسائي بہ شرڪت ڪندا هئا. جنهن جو وڏيڪ ذڪر اڳتي ڪيو ويندو.

## خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ پير صاحب جون اوائلي سرگرميون:

پير صاحب، خلافت تحريڪ جي پليٽ فارم تان نهايت سرگرم سياسي جدوجهد جي شروعات ڪري ڏني. ان سلسلي ۾ پير صاحب پنهنجي شهر ۾ خلافت ڪانفرنسون بہ ڪرايون. جنهن ۾ سماج جي هر طبقي وڏي چڙهي حصو ورتو. انهن ڪامياب ڪانفرنسن جي ڪارڪردگيءَ جو احوال "الوحيد" ۽ "الامين" اخبارن ۾ موجود آهي.

پير صاحب جي صدارت ۾ مٽياريءَ ۾ جيڪي خلافت ڪانفرنسون ٿيون هيون. تن مان ٽن جي ڄاڻ اسان کي ملي سگهي آهي. انهن مان ٻن ڪانفرنسن جون رپورٽون مختلف ماخذن جي حوالي سان هتي پيش ڪجن ٿيون:

## مٽياريءَ ۾ جلسهءِ ترڪ موالات جي سلسلي ۾ مليل رپورٽ 1:

"27 ۽ 28 شعبان تي مٽياري ۾ پير آقا غلام مجدّد سرهندي جي صدارت ۾ خلافت ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ هر طبقي ۽ هر پيشي سان لاڳو ماڻهن جو وڏو انگ شامل ٿيو جن ۾ مولوي، ملان، صحافي، زميندار ۽ هاري وغيره شامل آهن.

---

[1] پير علي محمد راشدي، "اهي ڏينهن اهي شينهن". صفحو 227. نيوفيلڊس حيدرآباد. ڇاپو 2. سال 2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تقريرن دوران قرباني ۽ جاکوڙ عزم ۽ ولولي، جذبي ۽ بيقراري جي سچي تصوير اکين جي سامهون هئي. جنهن حڪومت اندر ماڻهن جي ذڪ، سور ۽ ڀيڙا جي اها حالت هجي اها سلطنت ڪهڙي ترقي ڪري سگهندي. جلسي ۾ هيٺيان ٺهراءَ بحال ڪيا ويا.

(1) مسلمانن جي هن جلسي جي گڏيل راءِ آهي ته امير المومنين جي حڪومت کي ڏرين پاران صلح جا جيڪي شرط پيش ڪيا ويا آهن، اهي نه رڳو اسلام جي بنيادي اصولن ۽ مسلمانن سان ڪيل وعدن جي ابتڙ آهن، پر خود ڀنهي ڏرين جي انهن جنگي اصولن ۽ مقصدن سان به ٽڪر کائيندڙ آهن، جنهن جي حمايت لاءِ ڏرين وچ ۾ جنگ جو اعلان ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري مسلمانن جو هي ڀرپور اجلاس انهن شرطن کي قبول ڪرڻ کان انڪاري آهي ۽ هي جلسو لاڳاپن ٽوڙڻ جي رٿ کي قبول ڪري ٿو.

(2) جن مسلمانن کي جيڪب آباد يا سنڌ جي ٻين جاين تي خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ جي ڪري سرڪاري عملدارن کان تڪليف پهتي آهي، هي جلسو انهن کي واڌايون ڏئي ٿو ۽ عملدارن جي ظلمن کي جنهن رضا خوشيءَ سان برداشت ڪيو آهي، هي جلسو انهيءَ کي وڻندڙ نظر سان ڏسي ٿو ۽ سنڌ، خلافت ڪميٽي کي عرض ڪري ٿو ته گرفتار ٿيل انهن مسلمانن جي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جو جلدي انتظام ڪيو وڃي.[1]

## مٽياريءَ ۾ جلسو، ترڪ موالات جي سلسلي ۾ مليل رپورٽ:2

مٽارين ۾ 3 آڪٽوبر 1920ع جامع مسجد ۾ خلافت ڪميٽي جي سهاري هيٺ جناب حاجي پير غلام مجدّد صاحب جي زير صدارت هڪ جلسو منعقد ٿيو. هيٺيان ٺهراءَ بالاتفاق پاس ٿيا.

---

[1] هفتيوار "الامين" حيدرآباد 31 مئي 1920ع

پرينءَ جي پچار، (حصو ٻيو)، محمد موسيٰ ڀٽو صفحو 66، سنڌ نيشنل اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ. 1989ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

لعل محمد متياروي، مولانا محمد عثمان ڦراني پنيرو ۽ مولوي عبدالقيوم بختيارپوري (دادو) شريڪ ٿيا ۽ حرام هجڻ جي سلسلي ۾ مولوي اسدالله شاهه ٽڪڙائي، حڪيم شمس الدين حيدرآبادي ۽ مولوي محمد عثمان ڪڏي وارو مناظري ۾ ويٺا. آخرڪار ٽن ڏينهن جي لڳاتار دليل بازيءَ کان پوءِ مولوي معين الدين اجميري (مناظري جو ثالث ۽ راجپوتانا خلافت ڪميٽيءَ جو صدر) پنهنجو فيصلو حلال چوندڙن جي حق ۾ ڏنو. سندس اها فتويٰ رسالي جي صورت ۾ "القول الفيصل في جواز الثياب من الحربي المقاتل" جي نالي سان شايع ٿي.[1] اها فتويٰ قاضي لعل محمد متعلوي جي فتوائن جي بياض ۾ هن طرح موجود آهي:

سوال: ڪپڙي ديسي کان سواءِ ٻيو ڪپڙو ڪرڻ ۽ وٺڻ هن وقت ۾ حرام آهي يا نه؟

جواب: ٻيو ڪپڙو جڏهن هيترا ڏينهن اڳي حلال هو، تڏهن اسان کي هينئر حرام چوڻ گناهه آهي، بلڪ حد لنگهڻ آهي. نص قرآني سان قال الله تعاليٰ:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحَرِّمُوْا طَيِّبٰتِ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكُمْ وَ لَا تَعْتَدُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ۝

باقي مصلحت ڪري نه وٺڻ ۽ نه ڏيکڻ سا ٻي ڳالهه آهي. وهو تعاليٰ اعلم.[2]

---

[1] محمد لائق رزداري، "سنڌ جي سياسي جدوجهد"، صفحو 191

[2] قاضي مقصود احمد، "تاريخ متياري"، صفحو 140، علمي ادبي اشاعت گهر متياري 2006ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# آخوند محمد رحيم جي شهادت

23 نومبر 1919ع تي دهليءَ ۾ ٿيل خلافت ڪانفرنس تي، ان جي ڪجهه مهينن گذرڻ بعد 19 مئي 1920ع تي مرڪزي ڪميٽيءَ جو اجلاس بمبئيءَ ۾ ٿيو جنهن ۾ عدم تعاون جي تحريڪ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انگريزن پاران ان جي ٽوڙ لاءِ امن ڪميٽيون قائم ڪيون ويون. اهڙي ئي هڪ امن ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي هالا جي هندو مختيار ڪار جي اڳواڻيءَ ۾ مٽياريءَ جي ڊاڪ بنگلي تي سڏائي وئي، جنهن سلسلي ۾ مٽياريءَ ۾ پير غلام مجدد رحه جي قيادت ۾ هڪ جلوس نڪتو جنهن ۾ مٽياريءَ جون وڏيون وڏيون هستيون شامل هيون. جنهن تي پوليس گولي هلائي. خلافت تحريڪ جي ڪارڪنن تي سڌي گولي هلائڻ جو سڄي هندستان ۾ اهو پهريون واقعو هو. پوليس جي گوليءَ سان تحريڪ جو سرگرم ۽ نوجوان ڪارڪن آخوند قاضي محمد رحيم ولد عبدالستار شهيد ٿي پيو ۽ ڪيترائي ماڻهو زخمي پڻ ٿيا. جن ۾ سيد پير الهيار شاهه صاحب سجاده نشين درگاهه سخي هاشم شاهه، سيد محمد نعيم شاهه باقيل پوٽو، آخوند عبدالله پيش امام جامع مسجد مٽياري ۽ ٻيا انيڪ ماڻهو شامل هئا. حاجي دوست محمد ميمڻ، جيڪو تڏهن 15، 16 سالن جو نوجوان هو ۽ ان جلوس ۾ شامل هو تنهن ٻڌايو ته اها گولي سندس ڪن وٽان لنگهي وڃي آخوند محمد رحيم کي لڳي، جنهن ۾ پاڻ شهيد ٿيو ۽ خود حاجي دوست محمد پڻ ڇرو لڳڻ سان زخمي ٿي پيو. اها ڳالهه مقامي ليکڪ محبوب علي سمي، حاجي صاحب جي حياتيءَ ۾ مٿس لکيل هڪ مضمون ۾ حاجي دوست محمد جي حوالي سان هن طرح لکي آهي ته ”......ان وقت جي هندو مئجسٽريٽ جي حڪم تي پوليس جلوس تي گولي هلائي، جنهن ۾ آخوند قاضي محمد رحيم هڪ نوجوان شهيد ٿي ويو. حاجي صاحب جي چوڻ


Scanned with CamScanner

موجب تہ انگريز سپاهيءَ جي اها گولي سندس ڪلهي ڪان گسي وڃي آخوند محمد رحيم کي لڳي هئي".[1]

ان دور ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جو انڱين مارجي وڃڻ وڏي ڳالهہ هئي. اهو شهيد آخوند محمد رحيم سڄي هندستان ۾ خلافت تحريڪ جو پهريون شهيد هو. ان جي شهادت تي سڄي هندستان ۾ غائبانہ جنازي نماز پڙهي وئي. پير علي محمد راشدي، پير آقا غلام مجدّد سرهندي جي ذڪر ۾ نالو وٺڻ کان سواءِ آخوند محمد رحيم جي شهادت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ ".....پير مجدد خود انگريزن جي مٿي وڃائڻ لاءِ لٺ کڻي ٻاهر نڪري پيو. پوليس فائرنگ ۾ جان جي پهرين قرباني سندس ڳوٺ مٽيارين ۾ پيش ٿي. انهن ڏينهن ۾ هڪڙي انسان جو مرڻ بہ وڏي ڳالهہ هوندي هئي.[2] هن سڄي واقعي جو اکين ڏٺو ذڪر آخوند فضل صديق پنهنجي هڪ تحرير ۾ ڪيو آهي، جنهن جو ڪجهہ حصو هتي پيش ڪجي ٿو.

مونکي مٽيارن ۾ هڪ اهڙي امن سڀا ياد آهي، جا لکان ٿو. شايد 1920ع جي ڳالهہ آهي تہ هڪ ڏينهن تعلقي هالا جو مختيارڪار جو هندو هو. سو مٽيارن ۾ ڊسٽرڪٽ بنگلي تي منزل انداز ٿيو ۽ سڄي شهر جي زميندارن ۽ معززن کي شام جي وقت امن سڀا ۾ اچڻ جي دعوت موڪليائين ۽ عام طرح پڙهو بہ گهمارايو. شام 5 بجہ بعد اسان شاگردن کي بہ ماستر قطارن ۾ اتي وٺي هليا. مون اتي پهچڻ بعد ڏٺو تہ بنگلي ٻاهران ميدان ۾ گلم غاليچا وڇايل هئا ۽ انهن تي چاليهہ يا پنجاهہ کن ڪرسيون بہ پيل سجايل رکيون هيون، جن تي فقط هڪ مختيارڪار ۽ ٻين لاڳو پروارن ڪرسين تي سڄي شهر يا اوس پاس مان فقط ٿي ماڻهو ويٺل هئا" ............... اڳتي لکي ٿو تہ "وري بنگلي کي سامهون مين روڊ جي ايرندي طرف خلافتين ۽ عام ماڻهن جا هشام هزارن جي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا، جن جي اڳواڻي جناب پير غلام مجدّد عرف حاجي پيرزادو صاحب سرهندي ڪري رهيو هو ۽ اتان الله اڪبر جا

---

[1] روزاني عوامي آواز ڪراچي جي 4 فيبروري 1994ع واري اشاعت ۾ "خلافت تحريڪ جو سپاهي: حاجي دوست محمد ميمڻ" جي نالي سان محبوب علي سمي جو لکيل مضمون

[2] پير علي محمد راشدي "اهي ڏينهن اهي شينهن" ڀاڱو ٽيون، صفحو 226، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نعرا ۽ تقريرن جا آواز اچي رهيا هئا. هيڏانهن امن سڀا ۽ ويٺلن چئني ڄڻن
ڪجهه ٿورن لفظن ۾ لکيل تقريرون پڙهيون ۽ مختيارڪار خطرو محسوس
ڪري جلد مڻائي ورهائي. عين ان وقت ڪن خلافتين پٿراءُ شروع ڪيو.
امن سڀا ۾ ويٺل بلڪل هراسان نظر اچي رهيا هئا. پر پٿراءُ ٿيڻ سان
مختيارڪار ڀريائين هوائي فائر ۽ يڪدم سڌيون گوليون پوليس کي هلائڻ
جو حڪم ڏنو. نتيجي ۾ خلافتي هجوم مان ڪيترا ماڻهو زخمي ٿيا. پر هڪ
ماڻهو مٽيارن جو ميان محمد رحيم سونارو[1] اتي ئي شهيد ٿي ويو ۽ ماڻهو
سندس لاش کڻي شهر ڏانهن هليا ويا".................. اڳتي لکي ٿو ته "اها
سڄي رات ماڻهو جاڳندا ۽ هراسان ڦرندا رهيا ۽ جيئن ته سونارن جو پاڙو
جامع مسجد سان لاڳو آهي. سو سڄي رات جامع مسجد ماڻهن سان پري پئي
هئي. جتي عام ماڻهن سان گڏ شهر جا معزز ۽ خود جناب پير حاجي پيرزادو
صاحب (پير آغا غلام مجدّد) به موجود هو ۽ رات وچ ۾ غسل پاڻي ۽ ڪفن جو
ڪم لاٿو ويو. صبح جو جنازي نماز ۾ مدفوني ڪئي وئي. هزارها ماڻهو
شريڪ ٿيا. هيءَ حقيقت آهي ته تحريڪ آزاديءَ جو مٽيارن مان هيءُ
شخص شهيد ٿيو. پر افسوس اج تائين ڪنهن به سندس ورسي نه ملهائي ۽ نه
ڪيس ٻارهي ڏينهن تي وري ڪنهن ياد ڪيو".[2]

ان موقعي جي نسبت سان ڪنهن نامعلوم شاعر هڪ شعر به چيو.
جيڪو هيٺ ڏجي ٿو.

مٽارن ۾ جا بيدي ٿي، اوهان کي چا وئي وسري.
فرنگين ڪيترا ڦٽيا. ڪريو ماتم سيئي گڏجي.

---

[1] ميان آخوند محمد رحيم ولد عبدالستار، مخدوم عبدالحق نصرپوريءَ جي اولاد مان هو جنهن جو اولاد نصرپور جا عالماڻي آهن. ان لحاظ کان آخوند محمد رحيم کي عالماڻي چئي سگهجي ٿو. باقي هتي مٽياريءَ ۾ سندس وڏا سونارڪو ڪم ڪندا هئا.

[2] هي بيان آخوند فضل صديق جي پنهنجي خاندان جي لکيل تاريخ جي قلمي ڪتاب "ڪچڪول" تان ڪنيل آهي. جنهن جي ڪاپي مون کي سندن فرزند ارجمند جناب آخوند غلام سرور صاحب جن عنايت ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهڻيون تڪليفون اسان کي آڏو ايندڙيون ۽ اصول مان ڪم وٺڻ لاءِ گهڻيون جانيون بہ قربان ڪرڻيون پونديون ۽ سخت ايذاءَ ۽ اهنج سهڻا پوندا. منهنجو اعتقاد آهي تہ جيتري قدر اسين مسلمان سختيون سهندا وينداسين ۽ حڪومت اسان تي سختيون روا رکندي ويندي، اوتري قدر اسان جي ڪاميابي ويجهي ٿيندي ۽ حڪومت جي نامرادي جا آثار وڌندا.

اهڙي تڪليف ۽ اهنج ۽ جيل ۾ وڃڻ اسان کي سعادت سمجهڻ گهرجي. نتائجن ۾ اسان جي فتح جو جهنڊو پيو ڏسجي. انهيءَ ڪري منهنجي عام مسلمانن کي استدعا آهي تہ تجويز ترڪ موالات جي جا اصول مجمع عام تي آهن، تن کي عملي صورت ونرائڻ لاءِ ۽ ڪامياب ڪرڻ ۾ ثابت قدم رهڻ لاءِ هر ڪنهن کي پوري طرح ساڪي رهڻ گهرجي ۽ ياد ڪرڻ گهرجي تہ انهيءَ کان چشم پوشِ روا رکڻ هڪ زبردست فروگذاشت اسلامي ٿيندي، جنهن جو تدارڪ پوءِ ڪري ڪين سگهبو.[1]

## پيرن ۽ سجاده نشينن کي استدعا

(از حضرت پير حاجي غلام مجدّد صاحب سرهندي سجاده نشين درگاه مٽياري)

ترڪ موالات بنسبت حضرات پيرن صاحبن کي بالخصوص منهنجي گذارش آهي تہ هي مسئلو لافت جو ڪو اهڙو نہ آهي، جنهن کي معمولي سمجهيو وڃي. هي مسئلو سردار عالمن (روحي فداه) جي جاءِ نشيني جو مسئلو آهي. ڪهڙو مسلمان اهڙي مسئلي جي اهميت کي محسوس نہ ڪندو هوندو. اهڙي فرضي مسئلي ۾ جي پيرن صاحبن بي پرواهي ڪئي ۽ چئبو تہ في الواقع پيرن صاحبن کي تہ خدا تعاليٰ جي احڪامن جي پرواهہ آهي ۽ نہ رسول هاشمي عليہ الصلوات والسلام جي جاءِ نشيني جي عزت آهي. باقي پنهنجي دنيا ئي فوائدن ۽ لالچن لاءِ غريبن کي ستائڻ جون خوب تجويزون ياد اٿن. پيرن صاحبن کي سمجهڻ گهرجي تہ سندن زمينداري هڪ وڏي حد تائين پهتل آهي. غريب ۽ اهوجهہ مسلمانن جو ذمو پس پيش انهن تي آهي. پيرن صاحبن کي جيترو فائدو مريدن مان دنيائي ملندو آهي. ڪين ياد رکڻ گهرجي تہ انهيءَ کان گهڻو زياده پاس خاطري ديني فائدي جي مٿن

---

[1]. الوحيد ڪراچي، 3 محرم الحرام 1339ھ مطابق 17 سيپٽمبر 1920ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هٿڻ لاءِ چيو ويجي. پوءِ ماڻهو پير صاحب جي سمجهائڻ تي ريل جي پٽڙيءَ تان اٿيا. اها ساڳي حالت حيدرآباد اسٽيشن تي ۽ ڪوٽڙي اسٽيشن تي بہ درپيش آئي ۽ اتي بہ پير صاحب ماڻهن کي سمجهائي پٽڙيءَ تان اٿڻ لاءِ چيو. ان ۾ باقائده ڪيس ۽ شاهديون، اڪين ڏٺن شاهدن جون شاهديون ڏياريون ويون. جنهن ۾ ثابت ڪيو ويو تہ هنن جي فتويٰ پهچڻ سان فلاڻي ڏينهن فلاڻي هنڌ جنگ جي ميدان ۾ سپاهي حڪومت جا باغي بنجي وڙهڻ ۽ مقابلو ڪرڻ کان انڪار ڪري ويهي رهيا. نہ رڳو اهو بلڪ فلاڻين فلاڻين جڳهين تي ترڪ فوج جا گهيري ۾ ورتل سپاهي بہ بغاوت جي ڪري گهيري مان نڪري ويا. هن ڪيس ۾ مولانا محمد علي جوهر جڻ تہ پنهنجي رفيقن يارن وڪيل بہ هو ۽ سيني جو اڳواڻ بہ هو. جڏهن پاڻ ڪورٽ ۾ اٿي ٿي بيٺو تہ سڀ اٿي ٿي بيٺا. جڏهن پاڻ ويٺو تہ سڀ ويهي ٿي رهيا.[1]

## مقدمي جي ڪارروائي ۽ پير صاحب جو بيان:

26 سيپٽمبر 1921ع تي خالق ڏنہ هال ۾ ئي سٽي مئجسٽريٽ جي آڏو سماعت شروع ڪئي وئي. مولانا محمد علي ۽ سندس ساٿين تي اهو الزام هو تہ انهن 8، 9، 10 جولاءِ تي ڪراچي خلافت ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ۽ اهڙيون قراردادون منظور ڪيون، جن ۾ برطانوي فوج ۽ پوليس کي بغاوت تي اڪسايو ويو آهي. مولانا محمد علي ان ڪانفرنس جي صدارت ڪئي، مولانا حسين احمد اصل قرارداد ڪانفرنس ۾ پڙهي ٻڌائي. ڊاڪٽر ڪچلو مولانا نثار احمد ان جي تائيد ڪئي. سوامي شنڪر آچاريہ ۽ پير غلام مجدّد ان جي حق ۾ تقريرون ڪيون ۽ مولانا شوڪت عليءَ مرڪزي خلافت ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري هئڻ جي حيثيت ۾ ڪانفرنس جي اها قرارداد ڇپرائي.[2]

---

[1] جناب پير غلام رسول سرهندي رحہ "سوانح حيات آقا غلام مجدّد"، صفحو 101، حضرت آغا صاحب اڪيڊمي مٽياري 1996ع.

[2] پروفيسر محمد سرور، "مسلمان اور غير مسلم حڪومت" (اردو)، صفحو 12، 13، اداره ادبيات نو لاهور 1947ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرد جرم عائد ٿيڻ بعد انهن رهنمائن کان بيان ورتو ويو. جڏهن پير صاحب جو وارو آيو تہ پاڻ هن طرح بيان ڏنائين:

"دنياوي قانونن ۽ تعزيرات هند جو پورو پورو احترام مان ڪريان ٿو. پر رڳو تيستائين، جيستائين اهي قانون اسان جي قرآن پاڪ جي حڪمن يا اسان جي مذهبي جذبن ۾ ڪنهن بہ قسم جي مداخلت نہ ڪن. پر جنهن وقت ڪا دنياوي قوت اسان کي اسان جي مذهب ۾ بي پروائي ڪرڻ تي مائل ڪري، ان وقت اسان بحيثيت مسلمان جي اهو خيال ڪندا آهيون تہ اسان جو اهو فرض آهي تہ اسان ان طاقت سان هر قسم جو لاڳاپو ختم ڪري ڇڏيون. الله تعاليٰ قرآن حڪيم ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ اهي ماڻهو جيڪي هن قانون کان واقف آهن ۽ بين تائين ان کي پهچڻ نہ ٿا ڏين، انهن تي سندس غضب نازل ٿيندو ۽ مان هڪ مسلمان، هڪ عالم ۽ پير آهيان. ان ڪري مون تي وڌيڪ فرض ٿو ٿئي. منهنجي پروردگار جيڪي فرض مون مٿان عائد ڪيا آهن، مان مجبور آهيان تہ انهن حڪمن جي تبليغ ڪريان. جيڪڏهن اسان جيڪي ڪجهہ چيو آهي، اهو جرم آهي تہ مدرسي جو هر مسلمان استاد جيڪو پنهنجن شاگردن کي قرآن پاڪ پڙهائي ٿو ۽ ان جي معنيٰ سمجهائي ٿو اهو بہ اسان سان گڏ مجرم آهي. ڪابہ شيءِ اهڙي نہ آهي، جنهن کان مونکي ڊپ يا خطرو هجي. نہ مان جيل کان ڊڄان ٿو نہ ئي ڦاسيءَ کان. جيڪڏهن خداوند عالم جي ارشاد جي ادب ۽ احترام ۾ مان سزا لائق ٿو بڻجان تہ مان پنهنجي مذهب لاءِ تڪليف ڪڻڻ پنهنجي لاءِ خوشقسمتيءَ جو ڪارڻ سمجهندس".

پير صاحب جيوري ۽ سيشن جج کي مخاطب ٿيندي فرمايو "توهان کي خبر آهي تہ مسلمان عام طور تي خلافت جو ڪيترو نہ احترام ڪندا آهن. پر اسان کي اهو حڪم بہ ڏنو ويو آهي تہ جيڪڏهن اسلام جو خليفو پنهنجا فرض پورا نہ ڪري، جيڪي قرآن مجيد مطابق مٿس لاڳو ٿين ٿا تہ مسلمان کيس بہ نظرانداز ڪري سگهن ٿا. مان اهو سمجهڻ کان قاصر آهيان تہ حڪومت اسان کان ڇا تي ڪرائڻ گهري. جيڪڏهن حڪومت ڪا اهڙي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ چوي جنهن جي قرآن پاڪ ۾ اسان کي منع ڪيل آهي تہ اسان ائين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏينداسين. ڀلي اها اسان کي ڦاسيءَ تي لٽڪائڻ جي ڌمڪي ڇو نہ ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جيڪڏهن توهان پنهنجي مذهب جو احترام ڪريو ٿا تہ توهان ڪنهن مسلمان جي نقطہ نظر کي بہ سمجهي ويندا. جنهن لاءِ سندس مذهب اينترو ئي پيارو آهي، جيترو توهان لاءِ آهي. قرآن پاڪ اسان کي حڪم ٿو ڏي تہ اسان سخت ترين سزا جو ڏپ هوندي بہ ڪنهن مسلمان کي قتل نہ ڪريون. هاڻي ڇا توهان اسان کي چوندا تہ اسان ان قادرِ مطلق جي حڪومت جي احڪامن جي تعميل نہ ڪريون، جنهن جي خوشنوديءَ تي اسان جي موجوده زندگي ۽ اسان جي مستقبل ٻنهي جو انحصار آهي ۽ هڪ دنياوي حڪومت جي تعميل ڪري پنهنجي ضمير کي ماري ڇڏيون ۽ پنهنجي خداءِ پاڪ و برحق جي هٿان دائمي سزا جي تڪليف برداشت ڪريون. اسان صرف هڪ پيرو قرارداد جي تحريڪ ۾ تائيد ڪئي هئي، پر انهن هزارين مسلمانن جي باري ۾ ڇا حڪم آهي، جيڪي قرآن مجيد جون آيتون روزانو پڙهن ٿا. ڇا توهان ڪين ائين ڪرڻ کان روڪي سگهو ٿا؟ ڇا توهان انهن کي تاحيات قيد ۾ ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڏيندا؟ ۽ جيڪڏهن توهان انهن سان اهڙو سلوڪ ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيندا تہ بہ اهي کلندي کلندي ڦاسيءَ تي چڙهڻ پسند ڪندا. ان جي پيٺ ۾ تہ اهي پنهنجن انهن فرضن جي ادائگيءَ ۾ ڪوتائي ڪن، جيڪي الله ؔ پ انهن تي عائد ڪيا آهن."[1]

هيءَ بيان ماتحت عدالت ۾ ڏنل هو. 24 آڪٽوبر 1921ع تي ڪين سيشن ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو جتي مٿن هيٺيون فرد جرم عائد ڪيو ويو.

"اڄ بتاريخ 24 آڪٽوبر 1921ع کي بي. سي. ڪينڊي آئي. سي. ايس جوڊيشل ڪمشنر سنڌ جي عدالت ڪراچي ۾ هيٺين ڄڻن (1) محمد علي رامپوري (2) حسين احمد ديوبندي (3) ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو امرتسري (4) پير غلام مجدد مٽياري (5) نثار احمد ڪانپوري (6) ڀارتي ڪرشنا تيرٿ جي (7) شوڪت علي رامپوري، جنهن کي ايس. ايم. ٽلاٽي سٽي مئجسٽريٽ ڪراچيءَ سيشن جي سپرد ڪيو آهي، پيش ڪيا ٿا وڃن ۽ انهن سڀني تي ملزمن فيبروري 1920 ۽ سيپٽمبر 1921ع جي وچ واري

---

[1] پروفيسر محمد سرور، "مسلمان اور غير مسلم حڪومت" (اردو)، صفحو 19 کان 21، ادارہ ادبيات نو لاهور، 1947ء

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عرصي ۾ ڪراچي ۾ برطانوي هند جي ٻين جڳهن تي مسلمان آفيسرن ۽ سپاهين کي فوجي ملازمت کان پري رکڻ لاءِ مجرماڻي سازش ۾ شريڪ ٿيا ۽ انهن دفعه 123 ب دفعه 115 ۽ 131 تعزيرات هند تحت سزا لائق ڏوهه ڪيو جنهن جي سماعت جو سيشن ڪورٽ کي اختيار آهي. ٻيو ته ملزم نمبر 1 محمد عليءَ شايد 9 جولاءِ 1921ع تي ڪراچيءَ ۾ هن قسم جا لفظ چيا آهن ته "هن وقت هر مسلمان لاءِ برطانوي فوج ۾ ملازم طور ڀرتي ٿيڻ يا ٻين کي ڀرتي ٿيڻ جي ترغيب ڏيڻ مذهبي طور تي ناجائز آهي." انهن لفظن مان ملزم جو ارادو اهو هو يا انهن مان اهو نتيجو نڪري سگهي ٿو ته مسلمان آفيسر ۽ سپاهي پنهنجيون نوڪريون ڇڏي ڏين. اهڙيءَ طرح ملزم دفعه 5_5 تعزيرات هند تحت سزا جهڙو ڏوهه ڪيو آهي. جنهن جي سماعت هن عدالت جي اختيار ۾ آهي ۽ اهو به ته مذڪوره سازش جي تائيد ۾ جولاءِ يا آگسٽ 1921ع دوران سازشي جماعت جي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ رڪنن مسلمان آفيسرن کي ملازمت ڇڏي ڏيڻ جي ترغيب ڏني ۽ انهن ۾ پمفليٽ ورهايا، جيڪي عدالت ۾ پيش ڪيا ويندا. مطلب ته اهڙيءَ طرح انهن دفعه 109/120 ۽ 131 تعزيرات هند تحت سزا لائق ڏوهه ڪيو ۽ جنهن جي سماعت جو سيشن ڪورٽ کي اختيار آهي ۽ اهو به ته ملزم نمبر 2 کان ملزم نمبر 7 تائين، ملزم نمبر 1 سان ملي سازش ڪري سندس جيان 505 تعزيرات هند تحت ساڳيو جرم ڪيو آهي. ان ڪري اهي به دفعه 505/109 تعزيرات هند تحت ڏوهاري آهن ۽ سيشن ڪورٽ کي ان جي سماعت جو اختيار آهي.

محمد علي ملزم نمبر 1 شايد 9 جولاءِ 1921ع تي ڪراچيءَ ۾ دفعه 505 يا دفعه 131 تعزيرات هند تحت جنهن جرم جو ارتڪاب ڪيو آهي، ان سان ساڳئي جرم ۾ ڏهن کان وڌيڪ شخصيتون شريڪ ٿيون. ملزم آل انڊيا خلافت ڪانفرنس ڪراچي ۾ پنهنجي تقرير ۾ چيو ته "سڀني مسلمانن تي عام طور تي ۽ سڀني عالمن تي خاص طور تي اهو فرض آهي ته اهي (مذهبي حڪمن جو حوالو ڏيندي) انهن لفظن کي هر مسلمان فوجي ملازم جي ذهن ۾ ويهاري ڇڏين. اهڙيءَ طرح ملزم دفعه 117 تعزيرات هند تحت سزا لائق ڏوهه ڪيو آهي، جنهن جي سزا جو اختيار هن عدالت کي آهي.


Scanned with CamScanner

وڏيڪ اهو بہ تہ ملزم نمبر 2 کان وٺي ملزم نمبر 7 تائين محمد علي ملزم نمبر 1 سان سازش ڪري سندس جيان دفعہ 117 تعزيرات هند تحت مذڪوره جرم جو ارتڪاب ڪيو آهي. تنهن ڪري اهي بہ زير دفعہ 117/108 تعزيرات هند تحت قائل تعزير جرم جا مرتڪب ٿيا آهن جنهن جي سماعت سيشن ڪورٽ جي اختيار اندر آهي."[1]

عدالت ۾ پيشيءَ دوران پير غلام مجدد، انگريز حڪومت جي هڪ ڪارستانيءَ تان پڙدو کڻندي عدالت کي ٻڌايو تہ "رات جو ڏهين ٻارهين وڳي ڌاري پير تراب علي شاھ کي وٽس ڪوٺڙيءَ ۾ موڪليو ويو ۽ ان جي ذريعي مونکي معافي گهرڻ جي ترغيب ڏني وئي. پير غلام مجدد حڪومت جي ان روش جي خلاف سخت اعتراض ڪيو ۽ چيو تہ پير تراب علي شاھ مون وٽ رات جو آيو ۽ هن مونکي اهو چئي معافي گهرڻ جي ترغيب ڏني تہ خود مئجسٽريٽ ڪيس مون وٽ موڪليو آهي ۽ اهو بہ تہ ٻين ملزمن بہ معافي گهري ڇڏي آهي ۽ هن اهو بہ چيو تہ مان افغانستان جو دوست آهيان ۽ ساڳيءَ طرح مولانا محمد علي ۽ مولانا شوڪت علي بہ افغانستان جا دوست آهن. هن مونکي ٻڌايو تہ جيڪڏهن مان معافي نہ گهرندس تہ مونکي پنج سال سخت قيد جي سزا ڏني ويندي ۽ مونکي جيل جي چڪي پيسڻي پوندي. پير غلام مجدد قطعي طور تي عدالت کي ٻڌايو تہ هو چڪي پيهندو، پر معافي نہ گهرندو. جج سندس ان بيان جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو".[2]

پير صاحب هڪ موقعي تي هيئن بہ چيو تہ "جيڪڏهن ڪوئي وقت جو حاڪم اسان جي مذهبي حڪمن جي ابتڙ اسان کان ڪنهن ڳالھ جي گهر ڪري ٿو تہ انهيءَ کي نيست ۽ نابود ڪرڻ رڳو منهنجو ئي نہ پر 33 ڪروڙ مسلمانن جو فرض آهي. اسان تي سپاهين کي ورغلائڻ جي باري ۾ سازش جي الزام ۾ مقدمو هلايو ويو آهي، پر اسان ڪڏهن بہ انهيءَ معاملي ۾ بحث نہ ڪيو آهي. مان مسلمان عالم ۽ پير آهيان، مونکي ضرور قرآني

---

[1] پروفيسر محمد سرور، "مسلمان اور غير مسلم حڪومت"(اردو)، صفحو 55 کان 57، اداره ادبيات نو لاهور، 1947ع

[2] پروفيسر محمد سرور، "مسلمان اور غير مسلم حڪومت"(اردو)، صفحو 59_60، اداره ادبيات نو لاهور، 1947ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هن کي جيل ۾ وڏو وڃي. هن کي گواليار جي جيل ۾ موڪليو ويو. پر اها جيل ڪراچي جيل وانگر نہ هئي. پر رڳو نظربندي هئي. ڪجھہ عرصي بعد بادشاهہ کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ هن پير صاحب وٽ وڃي ڪانئس معافي گهري اهڙيءَ طرح حڪومت بہ تائب ٿي اسان کان معافي گهرندي“.

”توهان هاڻي پنهنجي اصل بيان تي اچو“. جج، پير صاحب جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ پير صاحب کي واپس پنهنجو موقف بيان ڪرڻ لاءِ چيو. جنهن کان پوءِ پير صاحب پنهنجي فتويٰ بابت قرآن جا حڪم بيان ڪندي عدالت کي ٻڌايو تہ ”الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو تہ ”مومن کي قتل نہ ڪريو. هاڻي خدا جو ارشاد اهو آهي، پر حڪومت چئي ٿي تہ اسان وڃي پنهنجن مسلمان ڀائرن سان جنگ جوٽيون ۽ جيڪڏهن اسان پنهنجن ڀائرن کي رب جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪرڻ کان روڪينداسين تہ اسان کي سوريءَ جو سينگار بڻايو ويندو. پر جيڪڏهن مسلمان کي اسلام جي ڪري قتل بہ ڪيو وڃي يا سوريءَ تي چاڙهيو وڃي تہ مسلمان کي ڪا پرواهہ ڪانهي. مولانا حسين احمد انهيءَ سزا جي باري ۾ توهان کي ڪيترين ئي آيتون ۽ حديثون ٻڌايون آهن. جيڪي مسلمانن جي قاتلن کي ڏنيون وينديون. مان انهن آيتن کي ورجائڻ نہ ٿو گهران. مان صرف اهو چوڻ چاهيندس تہ الله تعاليٰ اسان کي قرآن شريف ۾ ست دفعا حڪم ڏنو آهي تہ مسلمان جي قتل ۾ ڪنهن بہ شخص جي مدد نہ ڪريو. جيڪڏهن ڪو مسلمان قتل جو خيال ڪري ڪنهن مسلمان جي طرف تلوار سان اشارو بہ ڪري تہ انهيءَ جي ڳچيءَ ۾ ابدي لعنت جو ڳٽ وڌو ويندو. قرآن حڪيم ۾ اسان لاءِ ٻن قسمن جا حڪم لکيل آهن. (1) امر (2) نهي. نهي ۾ اهي ڪم آهن، جن کان اسان کي بچڻو آهي. الله سائينءَ جو حڪم آهي تہ مسلمان کي قتل نہ ڪريو. جيڪڏهن ڪندؤ تہ منهنجي نافرمان بندن ۾ توهان جو بہ شمار ڪيو ويندو. هاڻي ڇا اسان کي الله تعاليٰ ۽ قرآن حڪيم جي پيروي نہ ڪرڻ گهرجي؟ ۽ ڇا اسان خدائي حڪمن کي انسانذات تائين نہ پهچايون؟ مسلمان، ڪٿي انهن جي ذات، رنگ ۽ فرق ڪهڙو بہ هجي، اولهہ، اوڀر، ڏکڻ، اتر، ڪٿان جا بہ رهڻ وارا هجن، هندستان، عرب، مراڪش، ترڪي ڪنهن بہ ملڪ جا رهاڪو هجن. جيڪڏهن هو هڪ ئي ڪلمو يعني لا الٰہ الا الله


Scanned with CamScanner

محمد الرسول الله صلي الله عليه وسلم پڙهڻ وارا آهن ته اهي سڀ هڪ جسم جي عضون جي برابر آهن. جيڪڏهن مان پنهنجي مسلمان ڀائرن جي فوج کي پنهنجي مسلمان ڀائرن جي قتل ڪرائڻ لاءِ انگولا يا ترڪي ڏانهن ويندي ڏسان ته انهن کي الله تعاليٰ جي عذاب کان بچائڻ لاءِ مان انهن تائين خدا جا احڪام نه پهچايان؟ انهن سڌن سنئون حڪمن جي باوجود اسان محض ثمراءُ جو ترجمو ڪيو آهي".

پير صاحب پنهنجي تقرير جاري رکندي چيو ته "اسانجي نبي سڳوري صلي الله عليه وسلم پنهنجن آخري ڏهاڙن ۾ ارشاد فرمايو "مان توهان کي حڪم ڏيان ٿو ته بيت الله شريف اسان لاءِ مقدس آهي. پر مسلمان جو خون انهيءَ کان به وڌيڪ مقدس آهي." مسلمانن لاءِ قرآن حڪيم کان پوءِ ڇهه ڪتاب مستند آهن. جن کي صحاح ستہ ڪوٺيو ويندو آهي. انهن ڪتابن موجب صرف ٽن حالتن ۾ مسلمان جو قتل جائز آهي:

(1) قصاص يعني جان وٺڻ جي بدلي جان وٺڻ

(2) جڏهن هو زنا جو ڏوهي هجي.

(3) جڏهن هو اسلام جي مقدس قانون کان ڦري وڃي.

ان صورت ۾ جيڪڏهن اسان هن حڪومت جي اطاعت ڪريون ۽ ترڪن سان وڙهڻ لاءِ انگريز حڪومت جا سپاهي بڻجون ته ظاهر آهي ته اسان جي حيثيت اها ٿيندي جو اسان ڪافر ٿي ويندا سين ۽ اسان ڦاسيءَ تي چڙهڻ يا قتل ڪرڻ جي لائق بڻجي وينداسين. جيڪڏهن اسلامي حڪومت نه هجڻ جي ڪري هن دنيا ۾ سزا نه به ملي ته آخرت ۾ سزا ضرور ملندي. هڪ حديث ۾ آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن مسلمان جي خلاف هٿ ۾ تلوار کڻندو ته خدا ۽ سڀ فرشته انهيءَ تي لعنت موڪليندا. ايستائين جو اها تلوار هٿ مان ڦٽي ڪري ڇڏي. انهيءَ قسم جون اڻ ڳڻيون حديثون آهن. جيل جي حبس ۾ بند رهي اسان صرف 80 يا 90 حديثون ياد رکي سگهيا آهيون.

پيشيءَ جي ٻئي ڏهاڙي تي شنڪر آچاريه کي به عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. جيئن ته مقدمي جي ڪارروائي دوران ملزمن اٿي بيهڻ کان انڪار


Scanned with CamScanner

ڪري ڇڏيو هو ان ڪري ڪين اثاري بيهارڻ لاءِ سندس ڪرسيون ڪائڻ ڪسيو ويون. پر هنن بزرگن ضد ۾ اچي پٽ تي ويهڻ قبوليو. هن موقعي تي هندو مسلم اتحاد جو هڪ انوکو مثال سامهون آيو جو مولانا محمد علي جوهر، شنڪر آچاريہ جو احترام ڪندي پنهنجو ڪوٽ لاهي پٽ تي وڇايو تہ جيئن پاڻ ان تي ويهي سگهي.

ڪيس جو فيصلو 1 نومبر 1921ع تي ٻڌايو ويو. فيصلو ٻڌائڻ کان اڳ جج جي ڪيل تقرير ۾ هيٺيون ڳالهيون بيان ڪيون ويون.

"ملزمن تي اهو الزام آهي تہ انهن فوج جي سپاهين کي سندن فرض کان باغي ڪرڻ جي سازش ڪئي. جيڪڏهن اهي ملزم واقعي مجرم آهن تہ اسان کي ڪنهن ٻاهرئين دٻاءَ ۾ اچي يا ڪنهن ڌمڪيءَ کان ڊڄي انهن کي آزاد نہ ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اهي بيگناهہ آهن تہ اسان کي ائين بہ نہ ڪرڻ گهرجي تہ اسان ڪين رڳو اهو باور ڪرائڻ لاءِ سزا ڏيون تہ اسان کي سندن ڌمڪين جي پرواهہ ڪانهي".

هن موقعي تي جج، ملزمن جي بلند شخصيتن جو اعتراف بہ ڪيو. سندس تقرير کان پوءِ هڪ لڳي ڏهن منٽن تي عدالت برخاست ڪئي وئي تہ جيئن جيوريءَ جا ميمبر پاڻ ۾ مشورو ڪري سگهن. ٺيڪ ساڍي ٽين وڳي فيصلو ٻڌائڻ لاءِ ٻيهر عدالت جو اجلاس ٿيو. جج، جيوريءَ جي اڳواڻ مسٽر رامچند تلسيداس کي پنهنجي راءِ ٻڌائڻ لاءِ چيو. تنهن تي هن چيو تہ "دفعہ 131 ۽ 120 ب مطابق جيوري طور سندن تقرر ٿيو آهي. جيوريءَ جي ميمبرن جو متفقہ فيصلو آهي تہ ملزمن مان ڪنهن تي بہ ملڪ معظم جي فوج کي ورغلائڻ جي سازش جو الزام ثابت آهي نہ ئي ڪنهن فوجي سپاهيءَ کي فوج ۾ نوڪري ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. تنهنڪري اسان جي راءِ ۾ سڀئي ملزم بي قصور آهن".

جج، جيوريءَ جي فيصلي سان متفق ٿيندي دفعہ 131 ۽ 120 ب جي ڏوهن ۾ ملزمن کي بري ڪري ڇڏيو. جن دفعن جي سلسلي ۾ جيوريءَ جو تقرر اسيسريز طور ٿيو هو انهن جي باري ۾ رامچند تلسيداس چيو تہ "انهن دفعن جي باري ۾ مسٽر ڏيارام گدومل جي راءِ اها آهي تہ سڀئي ملزم، سمورن الزامن کان آجا آهن. پر اسان ڇئن جو فيصلو آهي تہ سواءِ سوامي شنڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اچاريہ جي باقي سڀ ملزم دفعہ 505 ۽ 109 جا ڏوهاري آهن ۽ مولانا محمد علي تي دفعہ 117 بہ ثابت ٿئي ٿي.“

هن فيصلي مطابق سوامي شنڪر اچاريہ کي آزاد ڪيو ويو ۽ باقي سيني ملزمن کي ٻہ سال سخت پورهئي سان سزا ڏني وئي ۽ مولانا محمد علي کي دفعہ 117 تحت وڌيڪ ٻن سالن جي سزا جو حڪم بہ ڏنو پر شرط اهو رکيو تہ ٻئي سزائون گڏوگڏ شروع ٿينديون.“

هن موقعي تي سيني بزرگ اڳواڻن پنهنجن هم وطنن لاءِ جيڪي پيغام جاري ڪيا، اهي هن ريت آهن:

**مولانا محمد علي:**

مان فرنگين جي قيد کي ليکي ۾ بہ نہ ٿو آڻيان. منهنجي پنهنجن هم وطنن کي درخواست آهي تہ اهي احمد آباد ۾ ٿيندڙ ڪانگريس جي اجلاس ۾ هندستان جي آزاد جمهوريت جو اعلان ڪري مونکي هن قيد مان رهائي ڏيارين.

**مولانا شوڪت علي:**

مان سيني هندستانين، هندن، مسلمانن، سکن، پارسين، يهودين، عيسائين، عورتن، مردن ۽ ٻارن کي گذارش ٿو ڪريان تہ اهي ثابت قدم رهن. تڪليفن، بلڪ موت لاءِ بہ سيني کي ڍال ڪري اٿي کڙا ٿين ۽ هاڻي گيسرا ٿيون پائي هلڻ جي ذلت گوارا نہ ڪن.

**مولانا حسين احمد:**

بهرڪاري کہ همت بستہ گردد
اگر خاري بود گلدستہ گردد

انسان فطري طور تي آزاد آهي. بنا آزاديءَ جي ڪوبہ انسان نہ ڪو پنهنجي انسانيت جو ثبوت ڏئي سگهي ٿو نہ ئي هو پنهنجا فرض پورا ڪري سگهي ٿو جيڪي خدا پاران مٿس لاڳو ڪيا ويا آهن. جيڪو آزاد ناهي، اهو پنهنجي زندگي انهن بي زبان گونگن جانورن کان چڱي نہ پيو گذاري، جن کي هڪليو ويندو آهي. هر انسان جو فرض آهي تہ اهي مذهبي فرض سمجهندي پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي آزاد ڪرائين.

**ڊاڪٽر ڪچلو:**

ڀارت ماتا پنهنجي سپوتن کان، چاهي اهي هندو هجن يا مسلمان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سک هجن يا عيسائي يا پارسي، هڪ جهڙيون قربانيون گهري ٿي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ ڀارت ماتا جي عظمت ۽ شان ۽ اقبال ۽ عروج لاءِ جيڪي ڪجھ ٿي سگهي، سو ڪريون.

## مولانا نثار احمد ڪانپوري:

سيني کي گهرجي تہ ملڪ ۽ مذهب جي خدمت ۾ ڪوشان رهن ۽ هندو مسلم اتحاد کي سگهارو ڪن.

## پير غلام مجدّد سنڌي:

غلامي انسان لاءِ بدترين مصيبت ۽ لعنت آهي. هن غلاميءَ جي طوق کي لاهي ڦٽو ڪرڻ لاءِ هندو مسلم اتحاد ۽ سوديشي تحريڪ تمام ضروري آهي. آزاديءَ بنا نہ مذهب قائم رهي سگهي ٿو ۽ نہ زندگيءَ ۾ خوشي نصيب ٿي سگهي ٿي[1].

## سزا وارو دور:

سزا واري عرصي دوران کين مختلف جيلن ۾ رکيو ويو. اهي بئي ورهيہ کين مختلف ذهني اذيتون ڏنيون ويون. سنڌن ڪوليءَ جي بيت الخلا جو گٽر ڄاڻي واڻي بند ڪيو ويندو هو. جنهن ڪري ڀاڻي اٿلي ڪوليءَ ۾ اچي پوندو هو. اهو ان ڪري ڪيو ويندو هو تہ جيئن پاڻ اهڙي ماحول ۾ تلاوت نہ ڪري سگهن. پير صاحب کي ٻين قيدين سان ملڻ کان بہ روڪيو ويندو هو. ان سلسلي ۾ "الوحيد" اخبار جي 16 اپريل 1923ع واري اشاعت ۾ بڙودا جيل ۾ قيد واري عرصي جي هڪ ڪافي تفصيلي رپورٽ ڇپيل آهي، جيڪا هن طرح آهي:

"جناب پير آقا غلام مجدّد صاحب سرهندي کي ڀريائين جنهن هنڌ رکيو ويو هو اتان عام قيدين جي لنگهہ جي آفيس ڏانهن وڃڻ يا وهنجڻ لاءِ حوض تي وڃڻ جي واٽ هوندي هئي ۽ هو ايندي ويندي پير صاحب جن کي سلام ڪندا هئا. اها ڳالھ جيل وارن کي شايد پسند نہ آئي، تنهنڪري پير کي وٺي وڃي اسپتال جي ڪمپائونڊ ۾ رکيائون. جتي هڪ ڪنڌ تي فقط ٽي ڪوٺيون بيٺل آهن ۽ ان ۾ جنگ جي وقت ۾ ڀڄڻ ۾ اچي ٿو تہ ترڪ

---

[1] پروفيسر محمد سرور، مسلمان اور غير مسلم حڪومت، صفحو 160، 161

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نظربندن کي رکندا هئا. انهن تن ڪوٺين مان هڪ جناب پير صاحب کي سمهڻ ۽ ويهڻ لاءِ ڏنل آهي، ٻئي ۾ هڪ مقدم مرهٽو رات ڏينهن پير صاحب تي نظر رکڻ لاءِ رهندو آهي. ٽين ۾ پير صاحب لاءِ غسل وغيره لاءِ بندوبست آهي. پير صاحب وٽ مقدم رات ڏينهن ان لاءِ رکيل آهي ته پيو ڪوبه ماڻهو پير صاحب سان گفتگو ڪري نه سگهي ۽ اهو مقدم پاڻ به اڪڙي تڪڙي مرهٽي ڪانسواءِ ڪجهه نه ڄاڻي. اهڙي مقدم سان ڳالهائڻ پاڻ لاءِ مٽي جو سور خريد ڪرڻ آهي. پير صاحب ڪاغذ جي سري تي قرآن شريف جي آيت لکي. ترجمان اهو ڪاغذ ڏسي واپس ڪيو ۽ پير صاحب کي چيو ته هيءَ آيت سرڪار ڏانهن اشارو تي ڪري، تنهنڪري اها آيت ڍاهي رڳو ڪاغذ جو احوال لکو ته موڪليو وڃي. جنهن تي پير صاحب فرمايو ته ان قرآن شريف جي اطاعت ڪري آئون هت آيو آهيان. قرآن شريف جي آيت کي آئون ڪڏهن نه ميٽيندس. ڪاغذ موڪليو نه ته نه موڪليو. تنهن کان پوءِ پير صاحب ڪاغذ لکڻ بند رکيو آهي."

پونا جيل ۾ رهائش دوران هڪ دفعي هڪ انگريز جيڪو سپريٽنڊنٽ هو سو پڙتال ڪندي جڏهن پير صاحب جي ڪوٺيءَ ۾ آيو ۽ اتي پيل ٿيلهو جنهن ۾ قرآن شريف به رکيل هو انهيءَ کي ٺڏو هنيائين. جنهن تي پير صاحب بک هڙتال ڪري ڇڏي، ڏينهن گذرندا ويا. پير صاحب بک هڙتال ختم نه ڪئي. روز سندن وزن ڪري بالا عملدارن کي رپورٽ ڏني ويندي هئي. چوويهين ڏينهن گورنر بمبئي جو پاڻ ان مسئلي لاءِ پونا جيل ۾ آيو ۽ پير صاحب کان اچي مامرو پڇيائين. جنهن تي پير صاحب ٻڌايو ته رات جو ٻتي بند ڪئي تي وڃي ۽ پاڻيءَ جو نيڪال ٻاهران بند ڪري اندر ڏانهن پاڻيءَ جو منهن تو ڪيو وڃي، جنهن سان سڄي ڪوٺڙي پرجيو وڃي. اصل ۾ ان جو مقصد مون کي بي آرام ڪرڻ هوندو آهي ته جيئن نه ويهي سگهان، نه سمهي سگهان، نه پڙهي سگهان. ٻيون به ڪيتريون ئي تڪليفون ڏنيون ٿيون وڃن. باقي اها ڳالهه رهيل هئي جو منهنجو ٿيلهو جنهن ۾ قرآن شريف رکيل هو ان کي ٺڏو هنيو ويو تنهن تي مون هڙتال شروع ڪري ڏني. سندن شڪايت ٻڌي گورنر ان جو ازالو ڪيو ۽ ان سان گڏ جيل ۾ ٻانگ ڏيڻ ۽ سيني مسلمانن کي باجماعت نماز پڙهڻ جي اجازت ملي. نماز کان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# قصيده از جناب قاضي ابوبکر "ظامي"
# بن قاضي محمد حفيظ مٽاري

حق جا ڏئل دلاور دلدار مرحبا.
آقا غلام مجدّد منٺار مرحبا.

ياور يقين داور سنڌئي ٿيو دمبدم،
بردين خود درست بردبار مرحبا.

بيشڪ اسان جي دل جا المراج ٿيا دور سڀ،
واريون وصال واڳون، وينجهار مرحبا.

اعليٰ شرف سنڌئي ٿيو هر ملڪ ۾ ظهور،
بخشش رحيم طبع، حليم هار مرحبا.

راضي رهي رضا تي ڪامل ٿئين ڪامياب،
ڪيو بخش توکي قرب ڪردگار مرحبا.

يُمن گرامي گوهر "ظامي" ضعيف تي،
رک پنهنجو هٿ حمايت حقدار مرحبا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# قصيدو از جناب محمد بچل هموپوٽو

مبارڪ مومنا آيو سچو سردار سرهندي
اجهو آيو پلي آيو مڙن مهندار سرهندي
وڏي توفيق تقوا سان عماد الدين اسلامي،
خلافت جو خليفو خاص بانيڪار سرهندي
ميان شوڪت علي صاحب ميان محمد علي صاحب
شجاعت ساڻ هئا هر ويل هم گفتار سرهندي
بهادر ڊاڪٽر ڪچلي ته سيف الدين سونهاري
ڪيون گفتار نيڪوڪار حق اظهار سرهندي
ڪئين حاڪم هلي آيا پسڻ لئه پيرزادي جي،
زيارت جي اجازت ڪان ڪيو انڪار سرهندي
شرف زندان ۾ زيبا سرئا سردار ڪي سويت
ڪلام الله جو حافظ ٿيو تڪرار سرهندي
ڏيا ڏاتر ڏنس ڏاڍي همت حشمت هنر حڪمت
اجا اسرار علميت صفت سڀ سار سرهندي
غضنفر صولتِ غازي بهادر بي ريا باقي
سيت هند سنڌ ۾ هر جا ڏيا ڌڪار سرهندي
ڪيون مجهولين منٿون بر آمد لاءِ بيعت جي
وڏائي وس ڪري ورتا نه مڙيو وار سرهندي
ڪيائون سلطنت کي ترڪ ابراهيم اڌم چئي،
چڏي ميري فقيريءَ ۾ ٿيا افخار سرهندي
مثل عطار عارف جي وسايئون عطر عالم ۾
ڪيا هبڪار خوشبودار سچ سردار سرهندي
رهيا ثابت قدم محڪم شريعت راهه تي شاڪر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مبارڪباد ڏئو مرشد پڙهن طومار سرهندي،
سخاوت جو سخي صاحب سرويا ڏني سيني ساري،
ڏياري ڏان ڏاڍا ٿو درم ديـنـار سرهـنـدي،
همويوٽو هلي آيو بچل بندو پلارن وٽ،
گهري صلو سعادت جو پڙهيو اشعار سرهندي
چيو جنهن قرب مان ڪلمون ٿئو تابع هدايت جو
انهن جي لاءِ مرشد آهي ياور يار سرهندي
لاالہ الا الله محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم.

محمد بچل ولد مرحوم چتو همويوٽو ويلل
حمير همويوٽ نزديڪ مٽاري، تعلقو حيدرآباد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# قصيده از جناب "عاصي" علي محمد متعلوي

(1)

مرحبا صد مرحبا مرشد مرحبا صد مرحبا مرشد موچارا سرهندي
لک لک مبارڪ جا هجن حاجي پيرزادا سرهندي
رحمت خدا جي ٿي وسي هردم اوهان جي جسم تي
واهر محمد مير ٿئو عارف اجهارا سرهندي
انبيائن ۽ شهيدن صالحن جو اجر تو
رب جي ياران رسيو اي رازدارا سرهندي
قرآن شريف پڙهي هدايت ۽ نصيحت تي ڪئي
تنهن ڪري لقب آن کي سرئا عالم عليما سرهندي
جاري ڪئي حد شرع جي حضرت عمر فرزند تي
نرمل نسب تنهنجو آهين راضي رضا جا سرهندي
حضرت امام رباني هو ڪي ڏانهن ناحق جيل ۾
اولاد افضل ان جو آهين طالب طريقا سرهندي
والد ۽ ڏاڏو تنهنجا هئا غازي خدا جي راهه جا
صالح ولد تن جو آهين صابر سونهارا سرهندي
خادم هزارين نعمتون سڀ لذتون موجود ٿيون
دين پنيان سڀ ڇڏئي سائين سچارا سرهندي
موجب وصيت آخري حضرت محمد مير جي
لئي جزيري سر وتي بيٺي پلارا سرهندي
نازڪ بدن هوندي اوهان جي جيل ۾ سختيون ڏٺيون
اي ۽ پيروي پيغمبري يا نقشبندا سرهندي
سڪ ۾ اوهان جي سال ڪي گذري وئا غم فڪر ۾
اڄ عيد ٿي آهي اسان لئه جانِ جانا سرهندي
لک حمد رب حنان جا من جون مرادون ٿيون نصيب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ديدار تنهنجي سان ٿئا غم دور دانا سرهندي
تنهنجي قدم هر هيڪ تي ڪريون فدا سر ساه مال
ايڏو خدا تنهنجو ڪيو آهه شان شاها سرهندي
ساعت بساعت ۾ اجر رب پاڪ جو آن کي ڏنو
تنهنجي نهايت ناه ڪا ڪامل ڪمالا سرهندي
محمد علي، شوڪت علي مولانا، ڪچلو سيف دين
جن ڪئي رفاقت جيل ۾ تو سان سوپارا سرهندي
نثار احمد سيدي حسين احمد مولوي
جي هئا ٻئي جيل ۾ پڻ هم رفيقا سرهندي
لک لک مبارڪ تن سيني پاران مثارن تا ڏجن
نصرت خدائي تن سري دائم مداما سرهندي
سائين پيرزادا خاص توکي حفظ قرآن پاڪ جون
لک لک مبارڪ جا هجن حافظ حليما سرهندي
رحمت خدا جي سان هجين عامل سداءِ تهين مٿي
ارشاد جون راهون هلين مانجهي موچارا سرهندي
”عاصي“ جي حق ۾ ڪر دعا ايمان سان دنيا ڇڏي
روزي رسول الله جا پازي پيارا سرهندي
مسجد مناري واري ۾ جنهن جي سڪونت گاهه تي
ساڪن مٿارين جو آهي اي مه منيرا سرهندي

(2)

عجب طلب آهي خلافت عزيزو
آهن جنهنجيون سختيون سعادت عزيزو
ٿئي دين سرور سچي جي تان صدقي
خدا ان جو حامي حمايت عزيزو
جزيري عرب جي وصيت ڪئي آهي
محمد پناهِ رسالت عزيزو
انهين جي طلب ۾ تا ڪاٽين سختيون
ڇئي جنهن جي حضرت حفاظت عزيزو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محمد ۾ شوڪت علي شير مردان
مليي ان کي جنت بشارت عزيزو
حاجي پيرزادي متارن جي ساڪن
ڏيکاري پنهنجي صداقت عزيزو
آبائي ۽ اجدائي غازي سو آهي
ڪئين دين تان سڀ فدايت عزيزو
امامِ ربانيءَ جو اولاد آهي
ٿيندو ان جو پشتي پناهت عزيزو
نسب ان جو آهي سين فاروق اعظم
ڏسو ان جي پٽ تي عدالت عزيزو
ڏسو جيڪي چرئو انهن کي مسلمان
انهن جي يزيدي خصالت عزيزو
يزيدن رکئا پڻ تي روزا نماز
وٺي لقب ان کئي بغاوت عزيزو
يزيدن وٺي پيسا ڪرب و بلا ۾
حسينڻ سان کئي جا علادت عزيزو
هينئر جو چڏيندو شهيدن جو پاسو
يزيديءَ کنئي تنهن وراثت عزيزو
پچاڙيءَ ۾ اسلام کي دعا ڪرئو
هجي تنهن کي غلبو مدامي عزيزو
ڪمالن ۾ انور جي پورو ڪري
مٿي ڪل زمين بادشاهي عزيزو
ڪريو قطع تعلق سان ظالم حڪومت
اهو شرع جو حڪم داعي عزيزو
ڪئي جنهن عداوت آهي مذهب ۾ ظاهر
ٿئي شال نابود حالي عزيزو
ڏسي شال ”عاصي“ دنيا ۾ سدائين
انهي دين حق جي زيادت عزيزو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(3)

حاجي پيرزادا خدا جا پيارا

سائين توکي بخشيو صبر اي سچارا

توکي ڏاج سرئو نبين جو آهي

مدد تنهنجي حضرت اڙين آڌارا

ڪلامِ خدا جو پڙهي تو پڌايو

لقب توکي سرتا تڏهن شرف وارا

پاري پاهه نمرودين تنهنجي لائي

ٿئو باغ منجي تنهنجي لئي بهارا

ٿئو توتي شاهد پڙهي جيڪو ڪلمو

تي جاءِ ان جي جهنم جي دارا

لکيل خطا وهان جو مجيوسون اکين سان

آهي حڪم تنهن ۾ صبر ۽ قرارا

تو آهي رستو ورتو مٺي مصطفيٰ جو

ڪيو صبر حضرت ڪئين ورهه سارا

سيئي فتح آهي ذرا خوف ناهي

عدوُ تنهنجو ٿيندو سو جلدي خوارا

ذرا ڊپ نه ڪر ڪو تون ”عاصي“ مدام

ٿيندو پيرزادو مظهر ظهورا

(4)

اسان تي ظلم جون رسمون روا رکندين ته ڇا ٿيندو

وجهي قيدن ۾ ناحقي جهلائيندي ته ڇا ٿيندو.

سچي سرور مٺي مرسل سٺي ان دين تان سختيون

وڏي دليون جگر جيرا جلائيندين ته ڇا ٿيندو

پيالو زهر جو پيتو حسن حضرت سچي صابر

ڏئاري زهر ماڻهن کي مارائيندين ته ڇا ٿيندو

شهيدِ ڪربلا حضرت ٿيو ان دين تان قربان

وجهي ڇيرا بندوقن ۾ ڦٽائيندين ته ڇا ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

اجايل وئو علي اصغر ننڍوان دين تان ھئہ ھئہ
بندي پاٽي تلاھن جو اچائيندين تہ چا ٿيندو
اسان کي دين تان مرڻو آھي افضل شھادت جو
وجھي زنجير پيرن ۾ ايذائيندين تہ چا ٿيندو
”ميان محمد رحيم“ تئو وڃي داخل تہ جنت ۾
سي اھڙا لک ھر ھر کھائيندين تہ چا ٿيندو
پتنگن کي جي ماريندين سوان جا سُپا ڏسندين
رکي بم جي جھازن ۾ گھمائيندين تہ چا ٿيندو
مٺارن جو اھو واقعو سڄيءَ دنيا تي پڌرو ٿيو
ڪري مڪر و ھنر حيلا ڇپائيندين تہ چا ٿيندو
حاجي پيرزادو سائين آھي سچو مھندار غازن جو
ڪري ابتا قلم لاڳو جھلائيندين تہ چا ٿيندو
ذرا ڪو ڍپ چوي ”عاصي“ نہ آھي ان خلافت کي
دنيا ۾ تون عدو دشمن ٻڌائيندين تہ چا ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# قصيده از جناب احمد شاهہ

مرحبا اي غازي مجدّد پاڳارا
بيشڪ اوهان ڪي سريو شرف حق پارا
حضرت آغا اوهان تي رحمت وسي خدا جي
مدد اوهان کي مرشد حضرت مصطفيٰ جي
ملي مرڪي آئين پنجتني پيارا
اچڻ لئي اوهان جي ٿياسين سوالي
واڳون وطن پنهنجي وارنيس والي
ڏسي هاڻ اوهان کي ٿي دل قرارا
اچڻ سان اوهان جي لکين عيدون ٿئڙيون
لنگهي غم گوندر وڃنا ڳُٽيون ويڙيون
ڪئو آرام اکڙين پسي جي جيارا
مشقت ۽ محنت اوهان جي سجائي
فتح تنهن سمرنا انهيءَ مهل آئي
بي حد بخت انهنجو اي سورهہ سوپارا
نہ ہي ڪنهن اوهان ري اهو شان سريو
ڏسيو قيد سختيون وٺن معافي ورريو
ساريو سيرا ڏيڱڙيون موتيا ڪئين متارا
پسي مٽيا اوهان جي ڪليڪٽر ڪنبي وئا
نمين نياز نوڙت قدمن اچي پيا
مثل شينهن ڪيهر ڪنبائي ڪفارا
ٿيا خبران خيرن ۾ امن سپائي
ڏسي شان شوڪت وڃا تن وڃائي
گوندر ۽ غمن ۾ ٿيا اهڙا اندارا
ڪئين ظالم ٿئا خادم پسي شان اوهان جي
نظرانا باسين پنڻ لاءِ دعا جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويهي انهن جي اڳيان ڪيڻ انتظارا
مثل يوسف اوهان تي آيون آزمائشون
اندر عاقلن جي تي پيئون اوماسون
پاٺان ول اوهان جي ويرا وير واڌارا
مرن موزي منڪر اوهان جا سدائين
ڪئي هلچل انهين لاءِ پلئہ شال پائين
ٿئي اقبال انهن جو بيحد برقرارا
اهو عرض آڳا اسان جو اگهائين
جزيرهءِ عرب کي تون مولا ملائين
ڪريئين غير مسلم سي خاوند خوارا
"احمد شاهہ" اوهان جي ٿئو سائل سخا ۾
ڇيهن کان ڇڏايو دنيا آخرت ۾
پني اوهان کي پنڻو ٿو مڱتو پينارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# قصيده از جناب احمد شاهه

پيار وپرت مان آيو پري پڳدار پاڳارو
نمائي نامور نادر نداسين نر هنيو نعرو
مبارڪ مومنو آن کي مبارڪ باد مرشد کي
خدا جي طرف کان خالص مبارڪ جو وريو وارو
مليس توفيق جي طاقت خدا جي خود خدائي مان
خلافت جو خليفو ٿيو سڄي سنڌ ۾ سو سونهارو
هزارين مرد ميدان ۾ آيا اسلام لئي اڏري
سوايو سڀ کان سرهندي سخي سالار سوپارو
شرف ۽ شان شوڪت سان، سنيئن سختيون رهي زندان
اجاري ڪيو اڇو عارف سين عملن جو اظهارو
مثل يوسف سهي سختيون رهيو ثابت شريعت تي
نہ اهڙو ٿيو ٿئي ڪنهن جو نماءُ نروار نامارو
دلاور دين جو دنيا اندر دائم ڪيس قادر
ڪوڙئين ڪستيون ڪتي آيو ملي مهندار موچارو
ڪيائين بادشاهي برطرف مثل ابنِ ادهم
ڇڏيئي ميري فقيري ۾ شرف جو سريسس افخارو
ترت تقرير سين تحرير ٿيون تابع ڪئين ڪوڙيون
اجهي افسر ٿيا اوڳا اڇي ويو تن تي اوڳارو
نصيحت جا هٽي نعرا ڏبائين دين جا دشمن
انهيءَ ڪر اوليائن جيئن هليس هر جاءِ هاڪارو
سٽي وعظ و نصيحت کي عملدارن لڳي اڻ تڻ
ڳلن سر ڳاڙيو ڳوڙها سدا ڪن ڳٽيون ڳارو
ٿيو قرآن جو حافظ الاهي لطف سان آهي
علم مليس عجب اسرار علميت جو اوپارو
حليمت حب حڪمت سان قضا قدرت قرويت سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪرامت ۽ هدايت سان پلي جو پريو پانڌارو
ولايت جي وراثت جا ڏنئين تي ڏان ڏيهن کي
سخاوت ۽ شجاعت سان پلي جو پريو پانڌارو
هلايون ڪئين حڪامن تي رتون رخ ريب جون ازحد
مگر پائين مرڻ بهتر مگڻ معافي کان موچارو
هلي حاڪم گدا آيا پسڻ لئي پيرزاده جي
پچڻ ۾ پيا پڇي منڪر پڇن تا جيئڻ پڇي پارو
سجڻ سانگي وطن آيا سراهي تي سڄي هند سنڌ
سونهي سويت سپين پر تو تہ سرحد سال سامارو
اندر مجلس متو مرڪي مثل چنڊ چوڏهين چمڪي
ستارن ۾ سونهي هردم سونهي تو جڻ قطب تارو
پيارا پير ۽ سادات قاضي شيخ سونارا
چلي رستي مٿي چڙهيا وني چنڊ چاهہ مان چارو
مريدن جا لڳا ميڙا عجيبن جي اڱڻ آئي
گهٽائي مهربان آيا پري اوطاق اوتارو
دلي دروازا ڌُهرا ديدپو دهلن تيو دلبر
منقش مرڪ موچاري ڪيو منڪر مٿي مارو
اٿن گهوڙن سندا انبوه جي حاضر هوا هڪيا
ڏسڻ تنهن سان تيو ڏاڍو ڏڪارن ڏيل ڍڪارو
ڪٽي هڙ ئي مڱو مومن دعائون دل ڳنا داتا
ملن مڙني کي مدعائون ٿئي تن بخت بيدارو
چئي الله اڪبر قرب مان ڪوڏا ڪهو ڪلمون
اهو اسلام جو اوجر اهو ايمان اوجارو
لا الله الا الله محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم


Scanned with CamScanner

# قصيده از جناب احمد شاهه

اي فلڪ پنهنجو گذشتہ ظلم ۽ بيداد ڏس
حق بجانب منهنجي هئي دعوا اها ڪر ياد ڏس
منهنجي پيرن هيٺ پيو آهي سر صياد ڏس
دامن مطلب کي پهتو اڄ ڪف فرياد ڏس
صلح ٿيو روز جشن جي ڏي مبارڪ يار کي
ڪيو گرم گلفام آهي حسن جي بازار کي
عام دعوت آهي سڀ ڪنهن طالب ديدار کي
خوش رکج لطف زبان سان خاطر اغيار کي
ڪشتيءِ اميد کي ٿي ساحلِ مقصد نصيب
ٿيو سبب منهنجي سجاڳي جو اهو جورِ رقيب
فتح هڪ حاصل خدا کي فتح ۾ آهي قريب
جا بجا محو تماشا اهل دولت يا غريب
هر دل آشفتہ کي هئي رات ڏينهن جنهن جي اڪير
ورد سڀ ڪنهن کي زبان تي هو اسان جو پير پير
نعم اجر الصابرين عشقِ خدا ۾ هو اسير
ناز بردارِ ستم جو سنڌ ۾ ناهي نظير
سنڌ ۾ بيشڪ اهو شير خدا جو شير آهه
خاندان سنڌ مان هم مثل هن جو ڪير آهه
جت سندوءِ نقش قدمات پير ڪنهن جو پير آهه
تنهنجي ويريءَ سان خدا ۽ مصطفيٰ جو وير آهه
صبر و استقلال تنهنجو قابل تحسين ڏٺم
تنهنجي آزاديءَ جو دل کي عشق رات و ڏينهن ڏٺم
محو ديدارِ جمالت ديدهءِ خودبين ڏٺم
بيخوديءِ شوق کان خود باغبان گل چين ڏٺم
ساڪنانِ سنڌ کي نقش قدم تنهنجي تي ناز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجي قربانيءَ سان پيرل سنڌ تو ڪئي سرفراز
تو خداري ڪين ڪنهن کي سر نمائي ڪيو نياز
عشق جي اسرار جو بيشڪ ڪو سمجهي رند راز
فخر شاهن تي رکي هن جي اسيري سنڌ ۾
رونق اسلام تي هن جي اسيري سنڌ ۾
هن جي روحاني ڪشش ڪئي دستگيري سنڌ ۾
آتشِ نمرود هوئي گلزار ابراهيم ڪاڻ
نوح جو طوفان تي رهبر هليو هو نوح ساڻ
قيد هن کي رهنمائي منزل مقصود چاڻ
ان وعد الله حقا سڀ ٿا ڪن تصديق هاڻ
عالم اسلام ۾ اعليٰ جو عزو آب
جان نثار ملت احمد مليو توکي خطاب
تو ڪيو روح رسول الله کي خوش بي حساب
تنهنجي خدمت کان خدا خوش ۽ دل دشمن ڪباب
تنهنجي خدمت في سبيل الله تي مقبول حق
تنهنجي همت تي مبارڪ ٿا چون چوڏهن طبق
غيرتِ اسلام جو تو پير سيکاريو سبق
مون ڏنو منصور توکي سنڌ ۾ واري ورق
اي رسول حق جي ملت جا فدائي مرحبا
سنت احمد جي تو ڪئي رهنمائي مرحبا
غيرت اسلام تي بيشڪ اها ئي مرحبا
فضل سان توکي خدا بخشي رهائي مرحبا
پير ڪر بنده نوازي حرف نيت ڪر قبول
عاشقانِ مصطفيٰ جي هڪڙي حجت ڪر قبول
از مسلمانانِ نته منهنجي دعوت ڪر قبول
سنڌ ۾ ساقي سڏايان جام الفت ڪر قبول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## از قلم جناب محمد هاشم مخلص

مرحبا خوش آمدي اي حضرت آقائي ما
مرشد ما رهبر ما پير مان مولائي ما
اي ڪِ نورت نور بهرِ چشم نابينائي ما
اي ڪِ ديدارت همي باشد دوا سودائي ما
مرترا خوانم مجدّد يا بخوانم ماهِ مصر
يوسفِ زندان بگويم يا بگويم شاهِ مصر
توکي زندان ۾ ڇيو سڀ اهلِ زندان مرحبا
مرحبا اي جسم جانِ نقشبندان مرحبا
تنهنجي پيشانيءَ ۾ چمڪي نورِ يزدان مرحبا
تنهنجي آئي ٿيو اسان تي قيد آسان مرحبا
هن اسان جي درد غم جي خواب جو تعبير تون
آيةءِ رحمت الاهيءَ جو سچو تفسير تون
تو ڪيو سينو سپر جنهن دم ٻڌئي آواز عشق
ڪونه ڪو پردو رهيو ٿيو توتي روشن راز عشق
تون شهيد ملڪ ملت تون قتيل ناز عشق
توکي زندان ۾ مليو رتبو فنا في الله جو
شاه مان توکي مليو اعزاز شاهنشاه جو
توکي دردِ دين ۽ اسلام قدرت کان مليو
توکي قربانيءَ جو رتبو خوب فطرت کان مليو
توکي ڪثرت جو مزو وحدت ۽ خلوت کان مليو
توکي اڄ آبِ بقا زندان جي ظلمت کان مليو
چشمءِ زندان ۾ آقا پيشوا تنهنجو ٿيو خضر
راه جا باريڪ تنهن ۾ رهنما تنهنجو ٿيو خضر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪونہ ڪو دل ۾ رکيو تو ناز نعمت جو خيال
عيش عشرت جو نہ ڪو آرام راحت جو خيال
پر مقدم تو رکيو مذهب ۽ ملت جو خيال
دين جو خادم سڏائي ملڪ جو مخدوم ٿئين
ڇا ٿيو جي وقت ٿوري لاءِ تون مظلوم ٿئين
سنڌ جي تون سونهن ۽ پيرن جو آهين پير تون
قاتل الڪفار آهين حق جي شمشير تون
دشمنن جي دل ڦٽڻ لئي تيز آهين تير تون
جو نہ ميدان ۾ مڙي اهڙو بهادر وير تون
تو تہ زندان کي قبوليو ملڪ ملت جي سبب
پاڻ ڪئين قربان ڪامل ڪوڙي تهمت جي سبب
جيئن وني ٿو زيب زينت گل گلستان ۾ رهي
خوشنما جيئن خال ٿئي ٿو روءِ جانان ۾ رهي
لعل جيئن روشن رهي لوه بدخشان ۾ رهي
تيئن ڪئي حاصل خدا جو ديد زندان ۾ رهي
جلوهءِ حق طورسينا تي جو موسا کي مليو
سو تہ زندان جي زمين تي منهنجي آقا کي مليو
تو ڪيو حاصل ازل کان جانفشاني جو مزو
سچ تہ دنيا ۾ ڪئي هٿ زندگانيءَ جو مزو
من و سلويٰ سمجهئي زندان جي ماني جو مزو
توکي قدرت کان جڏهن نالو مجدّد جو مليو
تنهنجي تقريرن کان ساريءَ انڊيا ۾ زلزلو
انگلنڊ، جاپان، پيرس، پرشيا ۾ زلزلو
ماسڪو برلن، سويڊن، ايشيا ۾ زلزلو
بحر بر ۾ زلزلو ارض و سما ۾ زلزلو
تنهنجي تحريرن ۾ گويا برق جو تاثير آهه
يا ڪِ هر حرف ان جو نسخهءِ تسخير آهه
هن اسان جي جسم مرده لاءِ جانان جان تون


Scanned with CamScanner

يا الاهي جيسين دنيا ۾ رهي قرآن جو دور
جيسين آهي قلب مومن ۾ تيو ايمان جو دور
جيسين جاري ٿو رهي هن گنبذ گردان جو دور
گنبذِ گردان ۾ جيسين ٿيو مهه تابان جو دور
تيسين هي آقا اسان جو ٿئي اسان تي فيض بخش
ڇا اسين ليڪن ٿئي ساري جهان تي فيض بخش
درد هن جي دل ۾ هردم ملڪ ملت جو رهي
زور بازوءَ ۾ سندس حق جي حمايت جو رهي
واله و شيدا سدا صدق و صداقت جو رهي
هر زمان حامل محمد جي امانت جو رهي
مخلصِ مسڪين سدا ان جي رهي در جو غلام
پر رهي پهرين اهو دينِ پيمبر جو غلام


Scanned with CamScanner

# مسجد منزل گاهہ وارو واقعو

پير علي محمد شاهہ راشدي، مسجد منزل گاهہ واري واقعي جو نہ رڳو عيني شاهد آهي، بلڪ هن سڄي واقعي ۾ بنيادي ڏر پير صاحب ئي آهي. سندس ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" جي ٻئي جلد ۾ حاجي عبدالله هارون جي بيان ۾ تمام تفصيل سان هن واقعي تي لکيو ويو آهي. ان سڄي معاملي جو اختصار هن ريت آهي تہ: سکر شهر ۾ درياهہ جي ڪناري تي هندن جي تيرٿ ساڌ ٻيلي جي بلڪل سامهون اڪبر بادشاهہ جي زماني ۾ سندس دربار جي هڪ سنڌي امير مير معصوم بکريءَ ٻہ جايون يادگار طور ٺهرايون هيون. انهن مان هڪ مسجد هئي ۽ ٻي آرامگاهہ. انگريزن جي قبضي کان پوءِ اهي جايون مسلمانن جي قبضي مان نڪري حڪومت جي قبضي ۾ هليون ويون هيون ۽ مختلف دنيوي غير مذهبي ڪمن لاءِ استعمال ٿينديون پئي رهيون. 1938ع ۾ جڏهن سنڌ ۾ مسلم ليگ زور ورتو شروع ڪيو تہ مسلم ليگ جي اڳواڻن مسجد کي مسلمانن جي حوالي ڪرڻ لاءِ حڪومت سان ڳالهائڻ شروع ڪيو جنهن تي هندو اڳواڻن ان جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪري ڏني. ان سلسلي ۾ حاجي عبدالله هارون ۽ ٻين مسلمان اڳواڻن، هندو اڳواڻن سان ڪجهہ گڏجاڻيون ڪري انهن کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن معاملي کي انا جو مسئلو نہ بڻايو وڃي، پر انهن گڏجاڻين جو ڪوبہ ڪارائتو نتيجو نہ نڪتو. نيٺ حاجي عبدالله هارون هن معاملي ۾ ستياگره هلائڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ عوام گرفتاري ڏيڻ لاءِ سکر پهچڻ لڳو. پهرين آڪٽوبر کان ستياگره تحريڪ شروع ٿي. پير علي محمد شاهہ راشدي لکي ٿو تہ "پهرئين ڏينهن جي ستياگرهين جي قيادت مرحوم مغفور پير غلام مجدّد صاحب سرهندي فرمائي، جيڪو پراڻو خلافت جي زماني جو ليڊر هو ۽ علي برادران سان گڏ ڪراچي واري بغاوت جي مقدمي ۾ ٻہ سال جيل جي سزا ڀوڳي چڪو هو. مون کي ان ڏينهن وارو نظارو اڄ بہ اکين اڳيان پيو ڦري. پير صاحب مرحوم غسل ڪري، نوان اڇا ڪپڙا پهري، مٿي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سفيد پڳ ٻڌي، ڪلي مشڪي، ٻهڪندو ٽهڪندو اتي روانو ٿيو. خدا ڏسي ٿو، ائين ٿي لڳو ته ڄڻ ڪو سهڻو سينگاريل گهوٽ پنهنجيءَ ڄڃ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هلڻ لڳو آهي. اهو ٻهريون ڏينهن هو. حڪومت جي چاڙتن اڳ ۾ ئي هلائي ڇڏيو هو ته جلوس تي فائرنگ ٿيندي ۽ گهڻا ماڻهو شهيد ٿي ويندا. شڪ هو ته هندن کي به اهڙي سڏ هئي، جنهن ڪري اهڙي نظاري ڏسڻ لاءِ هو به رستي جي ڪنڌن پاسن مان اڪيون لائي بيهي رهيا هئا. ٽنهنڪري پير غلام مجدّد صاحب چوندو ويو ته "آئون گوليءَ وگهي مران ته منهنجو لاش ساڳين ئي ڪپڙن ۾ عام مجاهدن جي لاشن سان گڏ بنا غسل ڏيارڻ جي پورائي ڇڏجو جيئن قيامت ڏينهن به انهن سان گڏ بارگاهه ايزديءَ ۾ حاضر ٿيڻ جو موقعو مليم". سندس اهو گفتو ٻڌي اسان ٻڌڻ وارن جون اکيون ته آليون ٿي ويون، پر پاڻ بي فڪر، بي پرواهه، الله توآهر چوندو روانو ٿي ويو. سنت ئي ستياگرهين جي جلوس سان گڏ گرفتار ٿي وڃي جيل ۾ رسيو.[1]

هتي پير علي محمد راشدي جي لفظن ۾ سنڌين جي جدوجهد جو هڪ لازوال مثال پيش ڪجي ٿو جيڪو سنڌ جي تاريخ جي مختلف دورن کان هلندو اچي ۽ موجوده دور ۾ به ون يونٽ جي دور کان وٺي ايم آر ڊي تحريڪ تائين، ويندي بي نظير ڀٽو جي شهادت تائين بار بار مشاهدي ۾ اچي چڪو آهي. سنڌي ماڻهن پاران پاڻ مرادو گرفتاريون پيش ڪرڻ جي اميدن کان وڌيڪ اڇرج جوڳي رجحان تي تبصرو ڪندي پير صاحب لکي ٿو ته: "ڪوتا والا پنهنجيءَ رپورٽ ۾ سرڪار کي پنهنجي هن مشاهدي کان به مطلع ڪيو ته سرڪار کي سنڌ جي عام وڏيري کي ڏسي ڪاٻه سياسي قياس آرائي يا منصوبه بندي ڪرڻ نه گهرجي، ڇو ته سنڌ جو وڏيرو هڪ شيءِ ٿئي ٿو ۽ سنڌ جو ڳوٺاڻو عوام بي شيءِ ۽ ٻيئي هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف. ڪوتا وارا غلط ڪونه هو. جيڪي ڪجهه سکر ۾ ڏٺو ويو ان خود اسان کي به اڇرج ۾ وجهي ڇڏيو هو. مرد ته مرد پر سنڌ جون ڳوٺاڻيون، اڻ پڙهيل عورتون به ڪنهن جهل جهلجڻ واريون ڪونه ٿي ڏٺيون. نندڙا نندڙا ٻار هنج

---

[1] پير علي محمد راشدي اهي ڏينهن اهي شينهن. ڀاڱو ٻيو صفحو 241، 242. سنڌي ادبي بورڊ. ڇاپو ٻهريون 1980ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تي ڪٽي. جيل هلڻ لاءِ ستياگرهه ڪيمپ ۾ اچي پهتيون هيون ۽ منٿون پئي ڪيائون تہ مردن کان پهريان کين جيل ۾ موڪليو وڃي. ستياگرهه هلندي هڪ ڏينهن پوليس جي پهري مان ڳتو ڏسي ستياگرهين منزلگاهه جي چوديواري تي حملو ڪري ڏنو ۽ زور سان پٽ ٽپي اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. پٽ تي سرڪار سوڊا جي بوتلن جا ڀڳل نوڪدار شيشا هڻائي ڇڏيا هئا، جيئن ديوار ۾ هٿ وجهندڙن جا هٿ وڍجي پون. ڪونا وارا ۽ انگريز پوليس ڪپتان ٻڌايو تہ ان جٿي جون اڳواڻ ڳوناٽيون زالون هيون، جيڪي هڪدم ڊوڙي وڃي چوديواريءَ جي شيشن لڳل ديوار سان چنبڙي مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. سندن هٿ وڍيا پئي، هٿن ۽ ٻانهن مان خوب رت پئي وهيو پر ان هوندي بہ پٽ ٽپڻ جي ڪوشش کان باز نہ ٿي آيون. مون ان ڏينهن محسوس ڪيو تہ اسان جي شاهہ سونهاري، پٺائي گهوٽ، سنڌ جي مومل، مارئي ۽ سسئي ڪي اجايو ڪونہ سارا هيو هو.[1]

4 آڪٽوبر تي مسلمانن کي مسجد جو قبضو مليو. پر ان کان پوءِ فساد شروع ٿي ويا. ان عرصي دوران پير آغا غلام مجدد سرهنديءَ جي دليراڻي قيادت جو واقعو اڳتي لکجي آيو آهي. پاڻ مسجد جو قبضو ملڻ تائين قيد ۾ هو ۽ سندن گرفتاري مسلمان ستياگرهن جا حوصلا وڌائي رهي هئي.

هي بيان پڙهندڙن کي ياد رکڻ گهرجي تہ پير صاحب ڪٽر مذهبي ماڻهو نہ هو ان جو اندازو خلافت تحريڪ جي شروعاتي ڏينهن ۾ 26 مئي 1920ع تي سڄي ننڍي کنڊ وانگر مٽياريءَ ۾ هندن سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ڏڳيءَ جي قرباني نہ ڪرڻ واري اپيل مان لڳائي سگهجي ٿو جنهن جو محرڪ سندن شخصيت هئي. ان کان سواءِ خلافت تحريڪ دوران غير مسلم سياستدانن سان سندن اٿ ويٺ ۽ سندن گرفتاريءَ وارن ڏينهن ۾ اڪثر هندو اڳواڻن جو سندن وارثن سان ملڻ بہ هن ڳالهہ جو ثبوت آهي. ٿورو اڳتي آزاد سنڌ ڪانفرنس جي حوالي سان آيل بيان ۾ پير

---

[1] پير علي محمد راشدي، "اهي ڏينهن اهي شينهن"، ٻاڳو ٻيو صفحو 244، 245، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پهريون 1980ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

صاحب پاران پيش ڪيل هندو مسلم اتحاد جي قرارداد بہ سندن مذهبي رواداريءَ جي جذبي جو پڌرو ثبوت آهي. باقي جتي بہ ڪنهن غير مسلم توڙي مسلمان اسلامي شعائر جي بيحرمتي يا اسلامي اصولن جي پيچڪڙي ڪئي ٿي، اتي سندن جهادي جذبو ۽ جوش پڌرو ٿي ٿي پيو. اهو ئي سبب هو جو جڏهن مسجد منزل گاهہ جي معاملي ۾ ڪن هندو صاحبن اها دعوي ڪئي تہ اگر مسلمانن جلوس ڪڍيو تہ اسان ان تي گولي هلائيندي بہ دير نہ ڪنداسين، تڏهن پير صاحب ان ڌمڪيءَ کي اسلام لاءِ للڪار سمجهي سر تي ڪفن ٻڌي نڪري پيا. اهو مسجد منزل گاهہ جي سلسلي ۾ پهريون جلوس هو.

جناب پير غلام رسول سرهندي رحہ هندو انتها پسندن پاران شروع ڪيل ڪن معاملن جي خلاف پنهنجي والد پير آقا غلام مجدّد سرهندي رحہ جي شرڪت جي نشاندهي هنن لفظن ۾ ڪئي آهي تہ "قلعي جي قبرن ڊهڻ وارو معاملو، جيڪي هندن ڊهرايون ۽ هوشو شهيد وارن جون قبرون هيون ۽ پريا روڊ جي مسجد شريف، جيڪا گهر جي هيٺ تي آئي ۽ جنگشاهيءَ ۾ مسجد جي پٽ تان جيڪا هندن خواهمخواه مسلمانن کي ٺهرائڻ نہ ٿي ڏني. اسلام ڪوٽ واري پهرين مسجد، جيڪا هندن اڏڻ نہ ٿي ڏني ۽ خواه مخواه تنگ ٿي اٽڪايائون. ڪانپور واري مسجد لاءِ تہ مولانا محمد علي جي گهرائڻ تي فوراً پهچي ويا".[1]

---

[1] پير غلام رسول سرهندي صاحب، "سوانح حيات حضرت آقا غلام مجدّد سرهندي مٽياري رحہ"، صفحو 129، حضرت آغا صاحب اڪيڊمي مٽياري، ڇاپو 1996ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# خلافت تحريڪ جي خاتمي بعد پير صاحب جون ٻين تحريڪن سان وابستگيون

**جمعية العلماءِ هند:** ان جو تعارف ۽ پير صاحب جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري رهڻ جو ذڪر.

جمعية العلماءِ هند جي قيام جي باري ۾ ڊاڪٽر محمد لائق زرداري لکي ٿو ته "23 نومبر 1919ع تي دهليءَ ۾ جڏهن خلافت ڪاميٽيءَ جو پهريون اجلاس مولوي فضل حق جي صدارت هيٺ ٿيو ته ان موقعي تي سيني آيل عالمن گڏجي هڪ تنظيم قائم ڪئي، جنهن جو نالو جمعية العلماءِ هند رکيو ويو. هن جماعت جو پهريون صدر مولانا ڪفايت الله دهلوي ۽ ناظم، مولانا احمد سعيد کي چونڊيو ويو.[1]

ڊاڪٽر مظهر الدين سومرو صاحب لکي ٿو ته "نومبر 1919ع ۾ دهليءَ ۾ سڏايل خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي هندستان جي ڪن عالمن اهو خيال ظاهر ڪيو ته هن سڄي ننڍي کنڊ جي عالمن جي هڪ جماعت وجود ۾ آڻجي، جيڪا مسلمانن ۾ اسلامي سياست جو صحيح نموني ۾ روح ڦوڪي. مولانا محمد عبدالباريءَ جي صدارت هيٺ انهيءَ جماعت جي ناهڻ لاءِ پهرين گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ سنڌ مان مولانا اسد الله حيدرآبادي، مولانا تاج محمود امروٽي، پير محمد امام صاحب، مولانا عبدالله ۽ مولانا محمد صادق کڏي واري شرڪت ڪئي. انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته هن جماعت جو نالو "جمعيت العلماءِ هند" رکڻ گهرجي ۽ ان کي يڪراءِ بحال ڪيو ويو. مولانا محمد ڪفايت الله کي هن جماعت جو عارضي صدر

---

[1] ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، "پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو"، صفحو 50، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2012ع

مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح سان سنڌ جي عالمن پهريون پيرو هڪ ڀرپور عالمن جي سياسي جماعت ۾ حصو ورتو. جنهن ۾ مولانا تاج محمود امروٽي ۽ مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ذڪر لائق آهن. هن جماعت جون سنڌ جي اندر ڪيترين ئي شاخون قائم ٿيون. جن جي ذريعي سنڌ جي ماڻهن ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪيو ويو ۽ خاص طرح سان سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ ۾ ته جمعية العلماءِ سنڌ واري شاخ ڏاڍو نمايان ڪردار ادا ڪيو. دراصل سنڌ جي علحدگيءَ واري تحريڪ سنڌ جي عوام جي ڪا اصل منزل نه هئي، پر ايترو ضرور ٿيو جو سنڌ جي ماڻهن ۾ آزاديءَ جو شعور پيدا ٿيو"[1]. پير آقا غلام مجدّد سرهندي صاحب به ان جميعة العلماءِ هند جي اڳواڻن مان هو. حافظ غلام محمد ميمڻ لکي ٿو ته "جمعية العلماءِ هند ۾ شامل هئا، پر بعد ۾ پاڪستان جي تحريڪ لاءِ ان جماعت جي پاڪستان جي تحريڪ سان متفق گروپ يعني جمعية العلماءِ اسلام ۾ شامل ٿيا. 1946ع جي چونڊن ۾ حيدرآباد ۾ ان جو جلسو ڪرايائين. جنهن ۾ مولانا شبير احمد عثماني ۽ مفتي محمد شفيع ۽ ٻيا هندستاني عالم به شامل ٿيا. ان بعد سڄيءَ سنڌ ۾ گهر گهر تحريڪ پهچايائون."[2]

سيد محمد زين العابدين راشدي لکي ٿو ته " پاڻ ڏگهي عرصي تائين جمعيت علماءِ هند جا اڳواڻ رهيا. پر جڏهن اهلسنت جماعت جي عالمن، جمعيت تان استعفيٰ ڏني ته پاڻ به استعفيٰ ڏنائون. پير صاحب جن هندن جو بائيڪاٽ ڪيو. هندن جو ڪجهه قرض مٿن هو. انهن چيو ته جيڪڏهن توهان ڪانگريس ۾ شامل ٿي وڃو ته اسان سمورو قرض معاف ڪري ڇڏينداسين. نه ته ڏگري جاري ڪرائينداسين. ان جي جواب ۾ پاڻ پنهنجي زمين وڪڻي سندن قرض ادا ڪيائون. پر پنهنجي ايمان جو سودو نه ڪيائون".[3]

---

[1] ٿماهي مهراڻ، تحريڪ آزادي نمبر، 1985، صفحو 186.

[2] حافظ غلام محمد ميمڻ، "بريلوي چونه ٻڌيس"، صفحو 69، ڇاپو 2000ع

[3] صاحبزاده سيد محمد زين العابدين شاهه راشدي، "انوار علماءِ اهلسنت"، صفحو 680، زاويه پبلشرز لاهور، 2006ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جمعيت العلماءِ هند جي حوالي سان هڪ جلسو ڏيرو نارو لڳ استيشن گرائونڊ تي رکايو ويو هو. جنهن جي صدارت پهرين ته شيخ عبدالمجيد سنڌي کي ڪرڻي هئي، پر ڪانگريسي اڳواڻن پاران ڪيل وٺ پڪڙ جي ڪري اهو جلسو ٽي ڏينهن ملتوي ڪرڻو پيو. جيڪو ٽن ڏينهن کان پوءِ وڏيري احمد عالماڻي پلي (ڳوٺ عالم پلي ضلع عمر ڪوٽ واري) جي ڪوشش سان پير آقا غلام مجدّد سرهندي رح جي صدارت ۾ ڪرايو ويو.

## سنڌ آزاد ڪانفرنس ۾ پير غلام مجدّد سرهندي رحه جو ڪردار:

انگريزن جي قبضي مهل سنڌ الڳ ملڪ جي حيثيت رکندي هئي. جنهن کي انهن پنهنجي سهولت خاطر نه رڳو هندستان سان ملائي ڇڏيو بلڪ هيڏي ساري ملڪ جي سرحدن جي توهين ڪندي، ان کي صوبائي حيثيت ڏيڻ بدران مورڳو بمبئي صوبي سان جوڙي ڇڏيو. ان بعد سنڌ ۾ سر ڪٽي سگهندڙ ڪردارن جا ڪنڌ جهڪائڻ ۽ ڪٽڻ جو سلسلو شروع ٿيو. جنهن جي اوائلي دور جو ڪجهه حصو رڪارڊ تي آهي ته ڪجهه ڪونه آهي. ويهين صدي عيسويءَ جي شروعات تائين مقامي ماڻهو انگريزن جي تعليم ۽ انهن جي تاريخ کان واقف ٿي چڪا هئا ۽ نئين صديءَ ۾ يورپ جي بدلجندڙ حالتن جي ڪري انهن ۾ به نوان انقلابي جذبا بيدار ٿيڻ لڳا. سنڌ جي عليحده حيثيت جي بحاليءَ لاءِ سائين جي ايم سيد جو ڪتاب ”سنڌ جي بمبئي کان آزادي“ هڪ وڏي تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. جنهن ۾ ان سڄي عمل جو پسمنظر ۽ ان سلسلي ۾ ٿيندڙ ڪوششون نهايت چٽيءَ طرح سان بيان ڪيون ويون آهن. سائين جي ايم سيد جي بقول ان سلسلي ۾ پهرين ڪوشش 1908ع کان شروع ٿي، جڏهن سيٺ هرچند راءِ وشنداس جي صدارت ۾ سکر ۾ ”سنڌ پراونشل ڪانفرنس“ ڪوٺائي وئي. ٻي ڪانفرنس 1909ع ۾ حيدرآباد ۾ ديوان همت سنگهه گجا سنگهه جي صدارت هيٺ ڪوٺائي وئي. ٽين ڪانفرنس 1916ع ۾ رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ جي صدارت هيٺ ڪوٺائي وئي. چوٿين ڪانفرنس 1917ع ۾ شڪارپور ۾ ديوان هيرانند کيم سنگهه جي صدارت هيٺ ڪوٺائي وئي. پنجين ڪانفرنس 1918ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ديوان مرليڌر پنجابي جي صدارت هيٺ ڪوٺائي وئي. ڇهين ڪانفرنس 1919ع ۾ جيڪب آباد ۾ جمشيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نسروانجي مهتا جي صدارت هيٺ ڪوٺائي وئي. ستين ۽ آخري ڪانفرنس 1920ع ۾ سکر ۾ سيٺ حاجي عبدالله هارون جي صدارت هيٺ ڪوٺائي وئي.[1]

شيخ عبدالمجيد سنڌي، جيڪو رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ جو سيڪريٽري بہ رهي چڪو هو ان 1924ع ۾ هڪ پروگرام مرتب ڪري سنڌ جي وحدت جي حوالي سان بمبئيءَ کان ڌار صوبو بنائڻ جي ڪم کي اڳيرو ڪرڻ شروع ڪيو. سندس اهي ڪوششون پهرين اخبارن توڙي آل انڊيا ڪانگريس جي گڏجاڻين تائين محدود هيون. مٿين سمورين ڪانفرنسن ۾ هندو مسلمان گڏ شريڪ هوندا هئا ۽ اها سڀني جي گڏيل جدوجهد هئي پر جڏهن شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ هن معاملي ۾ اڳيرائي ڪئي تہ سنڌ پراونشل ڪانفرنس جا ڪافي اهم اڳواڻ ان جا مخالف ٿي ويهي رهيا. سائين جي ايم سيد 18 جون 1928ع واري "الوحيد" اخبار ۾ ان قسم جي رپورٽ جي شايع ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي.[2]

هنن ڪوشش جي ڪري ئي ٽين گول ميز ڪانفرنس 1931ع ۾ سنڌ جي جدائيءَ واري معاملي تي سنجيدگيءَ سان سوچيو ويو. ان بعد ئي سنڌ جي جداگانہ حيثيت جي بحاليءَ لاءِ هلندڙ اها پاڻ مرادي تحريڪ نيٺ سنڌ آزاد ڪانفرنس جي نالي سان مجتمع ٿي. جنهن جي گڏجاڻي 18 اپريل 1932ع تي ڪراچيءَ ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي صدارت هيٺ ٿي. ٻي ڪانفرنس 15 نومبر 1932ع تي حيدرآباد ۾ علامہ يوسف عليءَ جي صدارت هيٺ ڪوٺائي وئي. هن ڪانفرنس ۾ ئي "سنڌ آزاد ڪانفرنس" نالي سان مستقل جماعت قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو جنهن جو صدر سر شاهنواز خان ڀٽو نائب صدر خانبهادر محمد ايوب کهڙو جنرل سيڪريٽري سيد ميران محمد شاهہ کي چونڊيو ويو ۽ سڀني ضلعن جي نمائندن تي مشتمل

---

[1] جي ايم سيد. "سنڌ جي بمبئي کان آزادي". صفحو 17، 18. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1989ع

[2] جي ايم سيد. "سنڌ جي بمبئي کان آزادي". صفحو 53. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1989ع

Scanned with CamScanner
books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هڪ ورڪنگ ڪاميٽي چونڊي وئي[1]. ان سلسلي ۾ سائين جي ايم سيد پاران حيدرآباد جي نمائندن طور (1) جناب پير آقا غلام مجدّد صاحب (2) مير بنده علي خان ايم. ايل. سي، (3) پير ميان بقادار شاهه صاحب (4) مخدوم ميان غلام حيدر صاحب جن جا نالا ڇاٽايا ويا آهن.[2]

آزاد سنڌ ڪانفرنس جي ان اجلاس ۾ جناب پير آقا غلام مجدَد سرهندي پاران هڪ رٺ پيش ڪئي وئي هئي، جيڪا هن ريت آهي: "هيءَ ڪانفرنس سنڌ جي مسلمانن جي طرفان سنڌ جي هندن کي يقين ٿي ڏياري تہ هو سنڌي هندن کي ڀائرن وانگر ڪري ليکيندا رهندا ۽ هميشہ انهن سان برادرانہ سلوڪ ڪندا رهندا. هيءَ ڪانفرنس وڌيڪ اهو اعلان ٿي ڪري تہ جيڪڏهن سنڌ جدا صوبو ٿيو تہ اهي برادرانہ لڳ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا ۽ هندن جا حق محفوظ رکيا ويندا. هن ڪانفرنس کي اميد آهي تہ سنڌ جا هندو هن ڪانفرنس جي انهن خيالن کي پسند ڪندا ۽ مسلمانن سان انهيءَ ڪم ۾ مددگار ٿيندا تہ سنڌ ۾ جيڪي مختلف قومون رهن ٿيون، تن ۾ وڌيڪ ميٺ محبت پيدا ٿئي.

هيءَ ڪانفرنس سنڌ جي هارين ۽ مزورن کي بہ خاطري ٿي ڏئي تہ ان جا حق ۽ نمائندگي پوريءَ طرح سان محفوظ رکي ويندي".[3]

1936ع ۾ ئي سنڌ کي بمبئي کان الڳ صوبو قرار ڏنو ويو تہ هن تحريڪ جو بنيادي مقصد حاصل ٿي ويو جنهن کان پوءِ تنظيم ختم ڪئي وئي.

## پير صاحب جي مسلم ليگ ۾ شموليت:

آل انڊيا مسلم ليگ جو بنياد 1906ع ۾ رکيو ويو هو پر سنڌ ۾ مسلم ليگ جو بنياد 3 نومبر 1917ع تي رکيو ويو. جنهن ۾ صدر يوسف علي – علي ڀائي، نائب صدر غلام محمد ڀرڳڙي، آنرري سيڪريٽري غلام علي

---

[1] جي ايم سيد. "سنڌ جي بمبئي کان آزادي". صفحو 91، 92. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1989ع

[2] جي ايم سيد. "سنڌ جي بمبئي کان آزادي". صفحو 121. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1989ع

[3] جي ايم سيد. "سنڌ جي بمبئي کان آزادي". صفحو 120. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1989ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عبدالڪريم چشتي، حڪيم محمد معاذ وغيره ۽ ٻيا جيڪي به انهن جا ساٿي يا شاگرد يا استاد هئا، اهي اخبارن ۾ مٿن حملا ڪرڻ لڳا. اصلاح اخبار ان سلسلي ۾ سخت پروپيگنڊه ڪندي رهي. محمد علي جناح جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪم ڪرڻ تي به اعتراض واريو ويو. جناب پير غلام رسول صاحب فرزند پير آقا غلام مجدّد سرهندي جي ڪتاب ”انساب نامہ ذڪر آل مجدّد الف ثاني رضہ“ ۾ لکيل آهي تہ ”مسٽر محمد علي جناح جي اڳواڻيءَ جي مسئلي بابت فرمايائون تہ اسان نماز تہ نٿا سندن پٺ ۾ پڙهون، بلڪ هڪ وڪيل، جيڪو انگريزن ۽ هندوئن کي پورو پورو منهن ڏيو بيٺو آهي ۽ ڳالهائڻ جي سگهہ آهيس ۽ اهڙو ليڊر نہ ملي سگهندو. ازانسواءِ سندس تعريف لاءِ چوندا هئا تہ ”مولانا محمد علي جوهر فرمائيندو هو تہ محمدعلي جناح ان وقت فقط مشهور وڪيل جي حيثيت ۾ سڃاتو ٿي ويو جيڪڏهن اسان سان شامل ٿي وڃي تہ اڄ جو اڄ انگريز ٽپڙ گول ڪري ۽ چوندا هئا تہ هڪ محمد علي ويو ٻيو محمد علي آيو. جنهن جي هٿان واقعي اسلامي حڪومت قائم ٿي رهي. (صفحو 297)

محمد صادق قصوري لکي ٿو تہ ”هڪ پيرو ڪانئس ڪنهن پڇيو تہ اوهان مسٽر جناح جي پٺيان ڇو ٻيا هلو؟ تنهن تي پاڻ جواب ۾ چيائين تہ ”اسان جي مقصد کي منزل تي پهچائڻ وارو اهو ئي ماڻهو آهي. اگر ڪو ٻيو هجي ها تہ اسين ان جي پويان بہ هلون ها. جناح تہ هڪ مسلمان وڪيل آهي، جيڪو بغير فيس جي مسلمانن جي وڪالت پيو ڪري. ڇا ڪافر کي وڪيل نہ ٿو بڻائجي، بلڪ فيس بہ ڏني ويندي آهي“.

## 1938ع ۾ سنڌ ۾ مسلم ليگ جي ڪانفرنس ۽ نئين سر تنظيم ڪاري:

1936ع ۾ سنڌ کي صوبائي حيثيت حاصل ٿي. ان بعد سنڌ ۾ سياسي سرگرميون وڌيڪ تيز ٿي ويون. جن جي سلسلي ۾ 1938ع واري مسلم ليگ ڪانفرنس کي وڏي اهم حيثيت حاصل آهي، جيڪا 8 آڪٽوبر کان شروع ٿي ۽ 11 آڪٽوبر تائين هلي. هن ڪانفرنس ۾ هندستان جي وڏن اڳواڻن مان بنگال جي وزير اعظم، مولوي فضل حق، پنجاب جي وزير اعظم سردار سڪندر حيات، آسام جي وزير اعظم سعيد الله خان، کان علاوه ٻين وڏن اڳواڻن مان قائد اعظم محمد علي جناح، لياقت علي خان، ۽ ٻين بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيترن ئي اڳواڻن شرڪت ڪئي. هن موقعي تي سينيئر اڳواڻن تقريرون ڪيون. پر انهن مان چند جون تقريرون تاريخ ساز اهميت رکن ٿيون. مثال طور مولوي فضل حق چيو ته "سنڌ هڪ اهڙو صوبو آهي، جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ اسلامي صوبو چئي سگهجي ٿو. سنڌ کي بمبئي صوبي کان ڌار ڪرڻ جي حڪومت برطانيه بلڪل برخلاف هئي. اسان انگلينڊ ۾ وڃي انگريز ميمبرن سان مقابلو ڪيو. هنن کي هن لاءِ مجبور ڪيو ته سنڌ کي بمبئي کان جدا صوبو تسليم ڪيو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ اسان جي برادران وطن اسان جي سخت ۾ سخت مخالفت ڪئي. مگر اسان جون لڳاتار ڪوششون ڪامياب ٿيون ۽ سنڌ کي بمبئيءَ کان ڌار ڪري الڳ صوبو قرار ڏنو ويو"[1]. اڳتي چيائين ته "مگر آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته اسين دور دراز ملڪن مان هت آيا آهيون. سو ناڪام ۽ مايوس ٿي موٽي وڃڻ وارا نه آهيون. چا به ٿي پوي، مگر اسين ضرور فتحياب ۽ پنهنجي ارادي ۾ ڪامياب ٿي موٽنداسين. اوهان کي ياد هوندو ته سنڌ باب الاسلام آهي ۽ سنڌ ۾ پهريائين اسلامي جهنڊو محمد بن قاسم بلند ڪيو هو جنهن کي سنڌ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. مگر اوهان کي معلوم ڪري خوشي ٿيندي ته آئون ابو القاسم آهيان. آءٌ سنڌ کي فتح ڪرڻ کان سواءِ واپس نه ويندس...."[2]

نواب لياقت علي خان سيڪريٽري آل انڊيا مسلم ليگ پنهنجي تقرير ۾ چيو ته مان به انهيءَ بدقسمت صوبي جو باشندو آهيان، جتي ڪانگريسي حڪومت مسلمانن کي پنهنجي مظالم جو آماجگاهه بنايو آهي. مان جيڪر انهيءَ سلسلي ۾ گهڻو ڪجهه چوان ها، مگر مون تي ايتريون ذميداريون وڌيون ويون آهن جو مون کي مجبورن خاموش رهي فقط هيترو چوڻو پوي ٿو ته اسان جي لڙائي ڪا هندن سان نه آهي، پر هڪ

---

[1] ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، "پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو"، صفحو 50. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2012ع.

[2] ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، "پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو"، صفحو 117. 2012ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جماعت سان آهي، جا پاڻ کي انڊين نيشنل ڪانگريس سڏائي رهي آهي.
ان سان سياسي لڙائي آهي.[1]

مطلب تہ ايترن ڏينهن تائين هلندڙ ڪانفرنس ۾ سنڌ جي مسلمانن کي گڏيل جدوجهد تي آماده ڪرڻ لاءِ ڪن پنهنجي علائقي جي حالت زار جي نشاندهي ڪئي، ڪن سنڌ جي آزادي پسندن جي خلاف ڳالهائي وفاقي رياست قائم ڪرڻ لاءِ اتساهيو. ان لاءِ سنڌ جي شاندار ماضيءَ تي بہ ڳالهايو ويو اتي جي مسلمانن جي اڪثريت کي بہ تسليم ڪيو ويو ۽ سنڌ جي باب الاسلام واري تشخص کي بہ نئين سري سان اپاريو ويو.

هن ڪانفرنس ۾ سنڌ جي اهم نمائندن مان سر حاجي عبدالله هارون، پير آغا غلام مجدّد سرهندي ۽ سائين جي ايم سيد قابل ذڪر آهن. 10 آڪٽوبر واري اجلاس ۾ پير صاحب تقرير ڪئي، جنهن ۾ پاڻ تقرير ڪندي چيائين تہ "منهنجو اڪثر تعلق اسلامي دنيا سان رهيو آهي ۽ فلسطين سان منهنجو روحاني پيوند آهي. اتي مان ڪيترائي دفعا ويو آهيان."[2] ان بعد فلسطين ۾ برطانيہ جي عرب مسلمانن سان ظلمن جي خلاف هڪ ٺهراءُ پاس ڪري يهودي نواز پاليسين کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

محمد صادق قصوري لکي ٿو تہ "پير صاحب پنهنجي ايمان افروز ۽ باطل سوز خطاب ۾ مسلم ليگ جي لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ حضرت قائد اعظم کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ سنڌ مسلم ليگ اوهان کي يقين ڏياري ٿي تہ قيام پاڪستان جي سلسلي ۾ هن کي ٻين صوبن کان پوئتي نہ پائيندا. جنهن تي حضرت قائد اعظم خوشيءَ جو اظهار ڪيو. ان اجلاس ۾ قائداعظم جي مشوري سان سنڌ مسلم ليگ جي تنظيم نئين

---

[1] ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، "پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو"، صفحو 126، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2012ع.

[2] ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، "پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو"، صفحو 127، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2012ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سرعمل ۾ آئي. سنڌ مسلم ليگ پارٽيءَ جو بنياد رکي سيني اسيمبلي ميمبرن کي چيو ويو تہ هو مسلم ليگ ۾ شامل ٿين"[1].

هن ڪانفرنس جي صدارت قائد اعظم محمد علي جناح ڪري رهيو هو. سنڌس صلاح تي سنڌ مسلم ليگ جو بنياد نئين سري سان رکيو ويو.

هن سلسلي ۾ جيڪا پهرين باڊي قائم ڪئي وئي، ان ۾ هيٺيان عهديدار شامل هئا.

| | |
|---|---|
| صدر: | حاجي عبدالله هارون |
| نائب صدر: | پير غلام مجدّد |
| نائب صدر: | محمد ايوب کهڙو |
| جنرل سيڪريٽري: | شيخ عبدالمجيد سنڌي |
| جوائنٽ سيڪريٽري: | علي محمد راشدي |
| جوائنٽ سيڪريٽري: | غلام نبي پٺاڻ |
| خزانچي: | غلام حسين هدايت الله[2] |

هيءَ فهرست ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ 3 نومبر واري ليٽر جي حوالي سان ڏنل آهي. هيٺ ڏنل فهرست بعد ۾ 30 نومبر 1938ع تي نڪتل ليٽر تحت ڏنل آهي. جنهن کي حتمي فهرست سمجهڻ گهرجي. جيڪا هن ريت آهي:

| | |
|---|---|
| صدر: | حاجي عبدالله هارون |
| نائب صدر: | پير آقا غلام مجدّد سرهندي |
| جنرل سيڪريٽري: | شيخ عبدالمجيد سنڌي |
| جوائنٽ سيڪريٽري: | پير علي محمد راشدي |
| جوائنٽ سيڪريٽري: | آغا غلام نبي پٺاڻ |
| خزانچي: | غلام حسين هدايت الله[1] |

---

[1] محمد صادق قصوري، تحريڪ پاڪستان اور مشائخ عظام

[2] ڊاڪٽر محمد لائق زرداري "پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو". صفحو 325، 326. سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، 2012ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پير آقا غلام مجدّد سرهندي رحہ جو مسلم ليگ ۾ شموليت کان پوءِ جو ڪجھ رڪارڊ مختلف ڪتابن مان مليو ٿو. گھڻو مواد سندن فرزند ارجمند ۽ سجاده نشين جناب پير غلام رسول سرهندي رحہ پنهنجن تصنيفن ۾ تحرير ڪيو آهي، جنهن جو بہ گھڻو حصو سندن يادگيرين تي مشتمل آهي. پر خانداني ذريعن جو چوڻ آهي تہ پير آقا غلام مجدّد رحہ جي وفات بعد سندن ويجهو ساٿي سيد علي اڪبر شاهہ ميهڙ وارو پير صاحب جي شخصيت تي لکڻ لاءِ اهو مواد کڻي ويو هو پر پوءِ جلد ئي شاهہ صاحب جي بہ وفات ٿي وئي ۽ اهي شيون اتي ئي رهجي ويون.

مسلم ليگ ۾ شموليت کان پوءِ ان دور جي يادگارن ۾ اسان کي جيڪي ناياب شيون ملن ٿيون، انهن ۾ "صور اسرافيل" نالي سان اڙدوءَ ۾ ڇپيل هڪ پمفليٽ بہ شامل آهي، جنهن جو سنڌي ترجمو هتي رڪارڊ لاءِ ڏجي ٿو:

## "صور اسرافيل" نالي سان لکيل پمفليٽ جو مواد

دور حاضر ۾ مسلمانان هند ۽ سنڌ جو هي مذهبي ۽ قومي فريضو آهي تہ هو ماضيءَ جي تجربن کي پنهنجي حال جي آئيني ۾ سامهون رکندي، پنهنجي مستقبل کي روشن بنائڻ لاءِ پنهنجي پهرين فرصت ۾ صورِ اسرافيل جي آواز تي لبيڪ چوندي اجتماعي قوت سان مسلم ليگ جي تعميري پروگرام کي عملي جامون پهرائڻ لاءِ دل و جان سان مصروف ٿي وڃن ۽ فقط الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليہ وسلم تي ڀروسو رکندي هر طاغوتي قوت سان ٽڪر کائڻ جو جذبو پنهنجي دل ۾ پيدا ڪن.

عبده فقير غلام مجدّد سرهندي (اسير ڪراچي)
(حيدرآباد سنڌ)

---

[1] ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، "پاڪستان جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو"، صفحو 137، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2012ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمن الرحيم

## ان الله اشتريٰ من المؤمنين انفسهم واموالهم بان لهم الجنة

ترجمو: (تحقيق الله تعاليٰ مومنن جي جانين ۽ مالن کي جنت جي معاوضي ۾ خريد ڪري ڇڏيو آهي).

عزيزان ملت! مٿئين ارشاد الاهي ۽ حڪم خداوندي موجب هر هڪ مومن کي جيڪو مسلمان سڏائي ٿو ان جي جان ۽ مال الله جي هٿن ۾ وڪجي چڪو آهي. مسلمان ته فقط امانت جا محافظ آهن. ان ظاهر جسم ۽ مال سان ان جو ڪوبه واسطو ڪونهي. هي ٻئي شيون جان ۽ مال هن خالقِ اڪبر جون آهن. جڏهن ۽ جنهن وقت ان کي حڪم ڪيو وڃي ته بندو ان کي قربان ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهي. ڇو ته اهي ٻئي شيون مالڪ حقيقي جون امانتون آهن. ان لاءِ سڀ کان پهرين ته اسان کي الله تعاليٰ جا هزارين شڪر ادا ڪرڻ گهرجن. جنهن مالڪ ذوالجلال اسان جي سردار مڪين سبز گنبذ عليه الصلوات والسلام جي طفيل اسان مسلمانن کي وري اهو موقعو ڏنو آهي ته حفاظت جي بهاني اهي خريد ڪيل امانتون جيڪي هن اسان جي حوالي ڪري رکيون آهن، اهي مالڪِ حقيقي اسبابي صورت ۾ اسان کان گهري رهيو آهي. اسان جو فرض آهي ته اسان بغير ڪنهن ٻڏتر جي ان کي پنهنجي مالڪ حقيقي جي بارگاهه ۾ پيش ڪندي امانت جي حق کي پايهءِ تڪميل تائين پهچائيندي خيانت جي ناجائز الزام کان آجا ٿيون.

مبارڪ هجي انهن مومنن کي جن کي ظاهر طور تي فنا ٿيڻ کان پهرين اهو مبارڪ موقعو ملي رهيو آهي ته هو مسلمانن جي آل انڊيا مسلم ليگ جي حڪم تي مالڪِ حقيقي جي بارگاهه ۾ پيش ڪرڻ جو شرف حاصل ڪن. قابلِ رشڪ انهن مسلمانن جي زندگي آهي، جن کي پنهنجي پنهنجي حياتِ مستعار ئي ۾ پنهنجي آقا و موليٰ جي ارشاد جي مطابق پنهنجي جان ۽ مال کي خدا جي راهه ۾ قربان ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿي رهيو آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته خداءِ حيّ و قيوّم پنهنجي مسلمان ٻانهن کي خدا جي راهه ۾ قربان ٿيڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي. تان ته هو وحدانيت جي جهنڊي جي عظمت کي دنيا ۾ برقرار رکي سگهي. اهو مرڻ جيڪو دين اسلام جي جياپي جي لاءِ هجي ته اهو موت به دراصل زندگيءَ جي برابر آهي. اهو ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

مون کي ان شيءَ جو پوريءَ طرح احساس آهي. اگرچہ طبعي موت جي مرڻ واري جنهن جي تابوت کي گهڻو سجائي گهڻي جوش جذبي سان نعرءِ ها هو جي دل خراش ۽ پاش پاش ڪري ڇڏڻ واري صدائن جي وچ ۾ جنازو جلوس جي شڪل ۾ ڪنيو ويو آهي. مگر ان جي منزل قبر تي وڃي ختم ٿي وڃي ٿي. مگر آئون جنهن موت طرف اشارو ڪري رهيو آهيان. اها هڪ اهڙي شاهراهہ آهي. جنهن جي منزل نہ ختم ٿيندي آهي ۽ اها هڪ اهڙي ابدي راحت جي آماجگاهہ آهي. جنهن کي لفظن ۾ بيان نہ ٿو ڪري سگهجي. آئون الله پاڪ ذوالجلال احڪم الحاڪمين جي دربار اعليٰ ۾ هن جي خدائي ۽ وحدانيت جي عظمت کي لحاظ ۾ رکندي نهايت خشوع ۽ خضوع سان سر جهڪائيندي سچي دل سان حضور سرڪار دوعالم جي واسطي سان هي عرض تمنا پيش ڪرڻ جي جرئت ڪريان پيو تہ اي الله العالمين منهنجو هي قطعي عقيدو آهي تہ سرفروشي جي تمنا سان مسلمان جي فرض ادائي گهڻو اڳيان آهي. ڇو تہ سرفروشي جو ڪاروبار ازل کان ئي پاڪ ذوالجلال پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم ۽ امت لاءِ خاص ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي بشارت اسان کي ڏني وئي آهي. هاڻ آئون بہ انهيءَ شاهراهہ تي سر ڪٽائڻ جي تمنا رکان ٿو جنهن کي خداءِ برحق پنهنجي حبيب صلي الله عليه وسلم جي صدقي ۾ قبول فرماءِ.

اي پاڪ ذوالجلال! تون دل جو پيد ڄاڻين ٿو. منهنجي هن عاجزانہ گذارش کي قبول ڪر تہ حضرت قائداعظم جي دل ۾ اهو القا ٿئي تہ سڀ کان پهرين مجاهدن جي صف ۾ مون عاجز ناتوان کي منتخب ڪري تان تہ مون کي اهو شرف حاصل ٿئي تہ عظمت اسلام جي بقا لاءِ پنهنجي ناچيز قرباني پيش ڪري سگهان. اي خداءِ برحق! منهنجي قرباني جي جذبي کي فقط قلم تائين محدود نہ رک، بلڪ مون ۾ عملي قربانيءَ جو جذبو پيدا ڪر.

## مشائخ عظام ۽ پيران ڪرام کي دردمندانہ اپيل:

هن اهم دور ۾ جڏهن تہ ملت اسلام تي وڏو نازڪ وقت اچي ويو آهي. آئون سنڌ ۽ هند جي سمورن مشائخ عظام ۽ پيران ڪرام ۽ سجاده نشينن کي اسلام جي عظمت جي نالي تي اها اپيل ڪرڻ چاهيان ٿو تہ اي قوم جا مذهبي رهبرو ۽ دين اسلام جا نگهبانو اڄ دنياءِ اسلام جون نگاهون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

توهان تي ڪتل آهن. اڄ سبز گنبذ وارو آقا صلي الله عليه وسلم، جيڪو حيات النبي آهي، توهان جي آزمائش لاءِ منتظر آهي. اهڙي ئي موقعي لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم جن جي هڪ پيشن گوئي اوهان کي ياد ڏياريان ٿو ته "ڪلڪم راع وڪلڪم مسئول عن رعيته" سان اوهان پنهنجن متبعين جي حوصله افزائي ڪري سگهو ٿا ۽ انهن کي ايثار و قربانيءَ جو درس ڏئي سگهو ٿا. اوهان جي نازڪ ڪلهن تي جيڪو بار رکيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ الله تعاليٰ طرفان هي بيو موقعو نصيب ٿي رهيو آهي. خدا جي واسطي اوهان پنهنجي ذميداري محسوس ڪريو. ڇو ته حقيقت ۾ روحاني رهبري جا دعويدار توهان آهيو. تنهنڪري هن سخت آزمائش جي دور ۾ اگر اوهان پاڻ ڪجهه عملي قدم کڻڻ کان مجبور آهيو ته گهٽ ۾ گهٽ پنهنجن پوئلڳن کي جهاد جي ميدان لاءِ تيار ڪريو. تان ته توهان جي ذميدارين جي ڪنهن قدر تلافي ٿي سگهي. ورنه اوهان يقين رکو ته جيڪڏهن ملت اسلاميه جي اوهان هن نازڪ دور ۾ درست رهنمائي نه ڪئي ۽ پنهنجي فرض جي ادائگيءَ ۾ ڪوتاهي ڪئي ته ان لاءِ اوهان کان الله جي حضور سخت پڇا ٿيندي. جتي توهان جي سيدي ۽ پيري ڪم نه ايندي ۽ نه ڪو بهانو ڪم ايندو. مون کي ان شيءِ جو پوريءَ ريت احساس آهي ته اڄ سادات ڪرام ۽ پيران طريقت تي سخت وقت پيو گذري ۽ انهن جي وچ ۾ سخت انتشار موجود آهي. مگر پوءِ به مون کي ذاتي تجربو آهي ته اڄ بفضله تعاليٰ قادر ذوالجلال پير صاحبن کي اها طاقت ڏني آهي ته هو جيڪر نيڪ نيتيءَ سان ڪنهن به تحريڪ کي هلائڻ چاهين ته پوءِ ڪابه دنيا جي مادي يا غير مادي طاقت انهن جي رستي ۾ حائل نه ٿي سگهندي. بشرطيڪ پير صاحبان خوابِ غفلت مان بيدار ٿي مستقل مزاجيءَ سان ميدان عمل ۾ اچڻ جو پڪو پهه ڪن ته اهي پنهنجي مقناطيسي طاقت سان اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا، جنهن جي برابري هزارن توبن ۽ تفنگن سان ممڪن ناهي.

رهبرانِ ڪرام مشائخ عظام! اوهان پاڻ ٿورو هندستان جي تاريخ جو مثال روبرو رکي ڏسو ته جڏهن سلطان محمود غزنوي عليه الرحمت هندستان کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته حضرت وليءِ الهند ﷺ جهڙن مذهبي پيشوائن پنهنجي مڪمل شخصيت کان عملي ڪم ورتي هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لاءِ رستو هموار ڪيو. ان ڪري جيڪر ڏٺو وڃي ته هندستان جا اصل حاڪم بزرگانِ دين هئا، جن حڪومت الاهي جي قيام لاءِ اسلام جي سلطانن لاءِ ميدان صاف ڪيو ۽ انهن بزرگن ۾ حضرت ولي الهند عليہ الرحمت جو وجود مبارڪ سياسي، مذهبي ۽ دنيوي لحاظ کان باعث صد برڪت بڻيو. ڇا اوهان اڄ به انهن بزرگن جي جانشينيءَ جا دعويدار ناهيو؟ ضرور آهيو ته پوءِ اڄ به اوهان ڪجهه ڪرڻ چاهيو ته ڪري سگهو پيا.

آج بهي هو جو براهيم سا ايمان پيدا،
آگ کر سکتي هي اندازِ گلستان پيدا.

## علماءِ ڪرام سان مخاطب:

اهو ئي حال علماء ڪرام جو آهي "اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا" جيڪي عَلَمِ توحيد جا علمبردار آهن، اهي ئي مبارڪ هستيون آهن، جن مان جيڪي سچا مخلص آهن. انهن جي هر قدم کي شهيدن جي خون جي تقاطر (قطرن سان تشبيهه ڏني وئي آهي. انهن بزرگ هستين ۽ مبارڪ نفسن کي هن ذميداريءَ جو احساس ڏيارڻ تي چشم پوشي ڪندس ته آئون سمجهان ٿو ته خوفناڪ غلطيءَ جو مرتڪب ٿيندس. آئون اهو قبول ڪريان ٿو ته علماء ڪرام جي گروهن ۾ ڪجهه اهڙا اجتمائي طاقت رکندڙ حضرات آهن جو پنهنجي ديني ۽ سياسي فراست ۽ عملي قابليت جي لحاظ کان مون جهڙي معمولي گذارش ڪرڻ واري جي توجهه ڏيارڻ کان بي نياز آهن، مگر آئون پنهنجو منصبي فريضو سمجهندي پنهنجي خيال جو اظهار ضروري سمجهان ٿو.

منهنجا محترم بزرگو! علماء امتي جيڪي انبياء بني اسرائيل جو شرف رکڻ وارا! ورثت الانبياء جهڙو معزز لقب حاصل ڪرڻ وارا! ڇا توهان کڏهن تڪليف ڪري ڏٺو آهي ته توهان جي ذميدارين جو دائرو وسيع آهي يا محدود. اگر وسيع آهي ۽ يقينن وسيع آهي ته پوءِ مسلم عوام جي رهبريءَ جو فرض به ان ذميداريءَ ۾ داخل آهي يا نه؟ ۽ وس آهر ان کان ڪوبہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهي. جهڙيءَ طرح انبياءِ بني اسرائيل پنهنجي قوم جا سياسي رهنما هئا، اهڙيءَ طرح اوهان به امت مرحوم جي سياسي رهنمائيءَ جا ذميدار آهيو ۽ جڏهن اوهان جي ذميداريءَ جو حلقو ايترو آهي ته پوءِ


Scanned with CamScanner

خدارا ڪجهه هن وقت جي نزاڪت جو احساس ڪريو ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه وقت لاءِ تمام ذاتي اختلاف وساري " فَلَوْ لَا نَفَرَ مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِي الدِّيْنِ " جي مصداق هن نازڪ دور ۾ اسلام ۽ مسلمانن جا نه رڳو مذهبي رهبر، بلڪ سياسي علمبردار بڻجي ميدان عمل ۾ ٽپي پئو. مسلمانن کي گمراهيءَ جي گهري کڏ مان ٻاهر ڪيڻ جي ذميداري اوهان جو فرض آهي .مون کي اجازت ڏيو ته آئون پوري ذميداريءَ سان چوڻ جي همت ڪريان ته رهبريءَ جي سڀ کان اهم ذميداري اوهان ماٺهن تي آهي. اڄ هندستان جو بدقسمت مسلمان هڪ سخت آزمائشي دور مان گذري پيو. اڄ مسلمانن کي انگريز حڪومت هڪ طرف پنهنجي مادي طاقت سان ختم ڪرڻ پئي گهري ته ٻئي طرف پوري هندستان جون غير مسلم قوتون "الڪفر ملة واحده" جي مثال وانگر صفحہءِ هستي تان متائڻ جي ناپاڪ سازش ۾ مصروف عمل آهن. اگر انهن چٽين حقيقتن سان به اوهان جي رڳن ۾ اسلامي خون نه ٿو ٽهڪي ۽ اوهان اڄ به ان خوفناڪ فتني کان باخبر ٿي ڪري خواب خرگوش واري مستي نه ڇڏي ته مون کي افسوس سان اهو چوڻو پوندو ته مسلمانن جا مذهبي رهنما ڄاڻي واڻي مسلمان قوم کي ڪفر جي ناپاڪ ارادن هٿان برباد ڪرڻ لاءِ برسرعمل آهن. مگر ياد رکو اگر توهان هن وقت غفلت ڪئي ته تلافي ناممڪن ٿي ويندي. مون کي ڄاڻ آهي ته گذريل دور ۾ گهڻن ماڻهن جو ڪيترن ئي معاملن تي اوهان سان اختلاف رهيو آهي. مون کي اها به ڄاڻ آهي ته ڪي ناخوشگوار واقعا به پيش ايندا رهيا آهن. جنهن ڪري بشري تقاضا جي ماتحت هنگامي جذبات انتقام جا متلاشي آهن. مگر منهنجا بزرگوار! اوهان امت مرحوم جا حقيقي رهنما آهيو اوهان تي فرض آهي ته انهن واقعن کان وقت جي نزاڪت کي محسوس ڪندي چشم پوشي ڪريو ۽ دنيا کي سکيا ڏيندڙ بڻجي اسلامي فرائض ۽ فائدي جي پيش نظر پنهنجن خودغرضين ۽ نفس پرستين کي قربان ڪريو.

مون کي اميد آهي ته توهان اسلام ۽ مسلمانن جي قومي عظمت جي سوال تي پنهنجا ذاتي اختلاف ڇڏي غير مسلم طاغوتي قوتن جي مقابلي لاءِ پنهنجي خداداد علمي قوت کان ڪم وٺي ڪري پنهنجن اهم ذميدارين کي محسوس ڪندا ۽ "اَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ " جي مصداق بڻجي مسلمانن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻڌيءَ جو روح ڦوڪڻ لاءِ عملي قدم کڻندا. هي وقت آهي جو اوهان پنهنجي طرز عمل سان اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ مسلمانن جا رهبر پنهنجن وڏن جي ڪارنامن وانگر اڄ بہ مسلمان قوم کي هڪڙي قوم بنائي سگهن ٿا ۽ اهو ان ڪري جو جتي مسلمانن ۾ ايماني جذبو موجود آهي تہ اتي انهن ۾ عفو رحماني جو پاڇو بہ آهي ۽ اهي جڏهن بہ چاهين پنهنجي جذبات تي قابو رکي سگهن ٿا. اڄ حضرت علي ڪرم الله وجهه جي سنت تي عمل پيرا ٿي ڪري طاقت باوجود پنهنجي نفساني خواهش تي غالب ٿي پنهنجي دشمن کي معاف ڪرڻ کان نہ هٻڪائيندا. مون کي يقين آهي تہ اوهان حضرات وري ٺڌي دماغ سان موجوده حالتن تي غور فرمائي اهو قدم کڻندا، جيڪو مسلمانن جي شان وٽان هجي.

## گمراهہ مسلمانن کي دردمنداڻي استدعا:

ان سلسلي ۾ اها منهنجي ڏني وائني ڪوتاهي ٿيندي، جو آئون پنهنجن انهن گمراهہ مسلمان ڀائرن کي بہ توجهہ نہ ڏياريان جيڪي بدقسمتيءَ سان ڪنهن غلط فهميءَ جا شڪار ٿي غيرن جي سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح حوصلہ افزائيءَ جو ڪارڻ بڻجي رهيا آهن. آئون انهن کي هيءَ دردمنداڻي اپيل ڪندس تہ اڄ هندستان جا مسلمان زندگي ۽ موت جي صبر آزما دور مان لنگهندي هڪ اهم قدم کڻي رهيا آهن. اڄ دور خلافت جي ڪارن ڏينهن کان بہ وڌيڪ مسلمانن کي پنهنجو مستقبل تاريڪ نظر پيو اچي، اهڙي نازڪ دور ۾ بلاتميز هر مسلمان تي اهو واجب آهي تہ هو پنهنجي ذاتي اختلافن کي ڇڏي شيهي جي ديوار بڻجي ڪفر جي مقابلي ۾ صف آرا ٿي وڃن. اڄ ضرورت آهي تہ اسان جا گمراهہ مسلمان ڀائر شير بنگال مولوي فضل حق جي عملي تقليد ڪندي پنهنجي مسلماني غيرت جو چڱو ثبوت پيش ڪن. اسان ۾ ڪيترا ويچا ۽ اختلاف ڇو نہ هجن، پر اسين سڀ هڪ شجر طيبہ صلي الله عليہ وسلم جا پن ۽ گل آهيون.

گرچہ ملت مختلف شد هيچ ڪس بيگانہ نيست
باغبان را در چمن هر گل برنگ ديگر است

اڄ مسلمانانِ هند جيڪو پاڪستان جو جهنڊو پنهنجي هٿن ۾ کنيو آهي، مون کي يقين آهي تہ ڪلمي پڙهڻ وارو مسلمان ان جي عظمت


Scanned with CamScanner

ڪي قائم ڪرڻ لاءِ سر ڏڙ جي بازي لڳائي قرون اوليٰ جي مسلمانن جي ياد ڪي تازه ڪندو ۽ هن آزاديءَ جي جنگ جي جدوجهد ۾ هڪ اهڙو شاندار ڪردار ادا ڪندو جو ماڻهو پراڻيون ڳالهيون وساري ڇڏيندا ۽ ائين ڪندي مون کي اهو پختو يقين آهي تہ انشاءَ الله اهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن پاڪستاني جهنڊي جي ڇانو ۾ دنياءِ انسانيت سک جو ساهہ کڻندي ۽ مون کي اهو بہ يقين آهي تہ انشاءَ الله پاڪستاني صوبن جا مسلمان پنهنجي عديم المثال قربانيءَ جو اهڙو مثال قائم ڪندا، جنهن جي پوئواري ٻين صوبن جي لاءِ فخر جو باعث بڻبي. ڇو تہ منهنجو ايمان آهي تہ جيتريون بہ طاقتون اڄ هندستان ۾ غلاميءَ جي زندگي گذاري رهيون آهن، انهن سيني جي آزادي پاڪستان ٺهڻ سان لاڳاپيل آهي.

وما توفيقي الا بالله
عبده غلام مجدّد سرهندي
(اسير ڪراچي حيدرآباد سنڌ)



Scanned with CamScanner

# مهاجرن لاءِ پير صاحب جون خدمتون

نئين ڪنڌ جي ورهاڱي مهل وڏي پئماني تي لڏپلاڻ جي اميد ڪانه هئي. پر هندستان ۾ مسلمانن تي تڪليفون اچڻ ڪري ڪيترن ئي مسلمانن کي گهر گهاٽ ڇڏي اچڻو پيو. مهاجرن جي آمد تي سنڌ جي مسلمانن دل کولي انهن جو آڌرڀاءُ ڪيو. پير صاحب جي رهائش ان وقت حيدرآباد ۾ هئي. پير غلام رسول صاحب لکي ٿو ته "مهاجرن جي آمد وقت پنهنجو گهر خالي ڪرائي ڇڏيائون. تان ته ڪئين دفعا سمهڻ جا هنڌ ۽ ويهڻ جا گلم ۽ کاڌي پيتي جا برتن بنا انديشي جي ڏيئي ڇڏيائون. هنن جي اچڻ مهل جيڪا قرباني انهن لاءِ ڏنائون، سا حيدرآباد شهر ۾ خاص ڪري ۽ ساري سنڌ ۾ عام طرح مثالي هئي. جيتري قدر سندن رسائي هئي ته هنن لاءِ سهوليت جو انتظام ڪرايائون ۽ پنهنجو پاڻ کي مشقت ۾ وڌائون. چونڊا آهن ته شهر ۾ رهڻ سان غيرت، حيرت ۽ خدمت جا موقعا فراهم ٿا ٿين".[1]

ان کان علاوه پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن هتان کان سنڌي هندن جي لڏپلاڻ ٿي ته حيدرآباد شهر ۾ انهن جي خالي ڪيل جڳهين جون چابيون پير صاحب جي حوالي ٿيل هيون. جن مڪمل ايمانداريءَ سان اهي جڳهيون هندستان مان هجرت ڪندڙ تباهه حال مهاجرن ۾ تقسيم ڪيون ۽ پاڻ وٽي انهن جڳهين جا دروازا کولي انهن کي اتي ويهاريائين.

## حيدرآباد ۾ عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وسلم جي جلسي جو بنياد وجهڻ:

پير صاحب رحه جو فرزند جناب پير غلام رسول صاحب ڄاڻائي ٿو ته "اهو پير آقا غلام مجدّد ئي هو جنهن حيدرآباد ۾ عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جي جلسي جي ابتدا ڪئي. پاڻ زندگيءَ جي آخري سال تائين عيد ميلاد جي سلسلي ۾ نڪرندڙ جلوس ۾ پيرين پيادا هلندي خوشي

---

[1] پير غلام رسول سرهندي، "انساب نامو – ذڪر آل مجدّد الف ثاني"، صفحو 301، 302، مارئي اڪيڊمي، ڇاپو 1، سال 2009ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محسوس ڪندا هئا. ان موقعي تي لاهور، دهلي، ميرٺ، بدايون ۽ عرب ملڪن مان واعظ گهرائي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي حيات طيبہ تي روشني وجهرائيندا هئا. پير صاحب بي مثال شخصيت ڪري ڪيترائي هندو ۽ عيسائي بہ انهن پروگرامن ۾ شريڪ ٿي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي شان کان واقفيت حاصل ڪندا هئا. جلسي جي اها روايت اڄ بہ برقرار آهي ۽ هن وقت ان جلسي جي قيادت جناب ڊاڪٽر صاحبزاده ابوالخير محمد زبير الوري صاحب جن ڪندا آهن[1].

صاحبزاده ڊاڪٽر ابوالخير محمد زبير صاحب ان سلسلي ۾ لکيو آهي تہ "قطب الاقطاب حضرت خواجہ عبدالرحيم جي اولاد مان پير غلام مجدد سرهندي رحمت الله عليہ علم و فضل جو آفتاب ۽ مهتاب هو. جنهن هن سرزمين کي عشق مصطفيٰ جي سهائي سان روشن ڪري ڇڏيو. پاڻ پهريون شخص هو جنهن سڀ کان پهرين حيدرآباد شهر ۾ عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جي جلوس جي ابتدا ڪئي. اڄ عيد ميلاد النبي صلي الله عليہ وسلم جي موقعي تي حيدرآباد جي گهٽيءَ گهٽيءَ مان نڪرندڙ بيشمار جلوسن ۽ جلسن ۾ شامل ٿيندڙ مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي عاشقن جو اٿلون ڪندڙ سمنڊ ان ئي قلندر صفت شخص جي ڪوشش جو ثمر آهي."[2]

## وفات ۽ مدفن:

صاحبزاده ڊاڪٽر ابوالخير محمد زبير الوري صاحب، پنهنجي هڪ تحرير ۾ لکيو آهي تہ "جڏهن حضرت قبلہ پير غلام مجدد صاحب رحمت الله عليہ جو آخري وقت ويجهو آيو تہ پاڻ، حضرت قبلہ مفتي صاحب رحمت الله عليہ (مفتي محمد محمود الوري نقشبندي رحمت الله عليہ (جنهن جي مزار مبارڪ چام شورو روڊ تي راجپوتانہ اسپتال جي ويجهو آهي) کي خاص طور تي گهرايائون ۽ چيائون تہ مفتي صاحب مون لاءِ دعا گهرو. منهنجو آخري وقت آهي ۽ اها مهل قدم ٽڙڻ جي

---

[1] پير غلام رسول سرهندي، "انساب نامو – ذڪر آل مجدّد الف ثاني"، صفحو 293 مارئي اڪيڊمي، ڇاپو 1، سال 2009ع.

[2] ڊاڪٽر ابوالخير محمد زبير صاحب جو جناب پير آغا غلام مجدد سرهندي سنڌي ﷫ تي اڙدوءَ ۾ لکيل مضمون قلمي حالت ۾ جناب پير غلام مجدد سرهندي صاحب (موجوده سجاده نشين) کان مليو. جنهن مان اهو حوالو ڪنيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هوندي آهي. خبر ناهي تہ ڪيڏي مهل شيطان تيز ڏئي وجهي. حضرت قبلہ مفتي صاحب رحمت الله عليہ کين آتت ڏيندي چيو: توهان کي فڪر ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي، ڇو تہ توهان جنهن جو اولاد آهيو ان عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنہ جو شان اهو هو جو سندس پاڇي کان بہ شيطان ڀڄندو هو. ڀلا جنهن جي پاڇي کان بہ شيطان ڀڄندو هجي، ان جو رت جنهن جي رڳن ۾ ڊوڙندو هجي، اتان شيطان ڪيئن ٽولنگهي سگهي ۽ ڪٿي توان جو ڪو مڪر هلي سگهي. اها ڳالهہ ٻڌي حضرت قبلہ پير صاحب رحمت الله عليہ کي دلي سڪون مليو جنهن جو اظهار پاڻ ان حالت ۾ ”جزاڪ الله“ چئي ڪيائون ۽ ان کان ٿوري دير بعد سندن روح پنهنجن ابن ڏاڏن سان وڃي مليو“.[1] سندن وفات 16 جمادالثاني 1377ھ بمطابق 7 جنوري 1958ع تي ٿي. وفات وقت سندن زبان تي هي لفظ هئا.

يا رسول الله صہ بہ احوال خرابِ مابيين،
رويخاڪ اُفتاده ام از شرم عصيان بر زمين.
مذنب چون من نباشد در تمايم اُمنت،
شافعم شو از عنايت يا شفيع المذنبين.
يا بوصلِ خود رسانم يا بکوئت جان دهم،
زين دو نو ديدم مگردان يا چنان کن يا چُنين.
گر خدا پرسد چہ آوردي بمحشر گويمش،
سُئي داغ سينہ ام از هجر پيغمبر ببين.
من بچشم خويش مي ديدم کہ دربانِ السلام،
خاکروب آستانت بود زُلف حور عين.
ما گنهگاران هم اميدوار از رحمتت،
لطف کن بر حال ما يا رحمت للعالمين.
واعظِ بيچاره از جان مي رود دستش بگير،

[1] ڊاڪٽر ابوالخير محمد زبير صاحب جو جناب پير آغا غلام مجدد سرهندي سنڌي ﷫ تي لکيل اڙدوءَ ۾ لکيل مضمون قلمي حالت ۾ جناب پير غلام مجدد سرهندي صاحب (موجوده سجاده نشين) کان مليو جنهن مان اهو حوالو کنيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زانکہ دارد نفس سرکش همچو شيطان در کمين.[1]

سندن جنازي نماز وصيت مطابق مفتي محمد محمود الوري ﷫ پڙهائي. حضرت آغا عبدالرحيم ﷫ جي مقبري ۾ آغا عبدالحليم ﷫ کي به دفن ڪيو ويو هو ۽ ان بعد به هڪ ڄڻي جي مدفن جي جڳهه بچي ٿي، پر پاڻ سختيءَ سان مقبري جي اندر پنهنجو مدفن بنائڻ کان روڪيندي مقبري جي دروازي وٽ پنهنجي قبر بنائڻ جي وصيت ڪئي هئائون ۽ ڪين سندن خواهش تحت مقبري کان ٻاهر ئي قبہ شريف جي دروازي لڳ دفن ڪيو ويو.

پير آقا غلام مجدّد سرهندي صاحب جي وفات تي سندن فرزند پير سائين غلام رسول ﷫ جي لکيل تاريخ هتي پيش ڪجي ٿي.

## تاريخ وفات عربي حضرت پير آقا غلام مجدّد رهندي صاحب رحہ از جناب پير غلام رسول سرهندي رحہ

نحمدک اللهم و نثني علي اصطفائک من بشر
صل و سلم علي النبي و الا آل وصحب منتصر
فات الشيخ ولي الله مجاهد کفرَ مقتدر
عبدالله غلام مجدّدن المخدومَ المفتخر
شمس العلم ضياءِ طريقِ نجم الملة مُقمره
ساکل شرع عامل ورع قدوه خلق مفتقر
يتلو في القران نهاراً يخشيٰ يُحي الليل قياماً
يخطب بالآيات و يحکم عارف رمزِ مستتر
سار ببيعتہ عن جده ناز بفيض ابيه و رشده
فاق بموهبة من ربه خازن سر مدخر
کمل بکسب الزهد و شکر قبل بوصف الجود وحلم
کاب بظيب الروضة شما طاف البيت المطهر
غم الله له ارشاده اظهره شرفاً ببلاده
زان الله به اولاده فخر السلف المعتبر

---

[1] انساب نامو ذڪر آل مجدّد الف ثاني، جناب پير غلام رسول سرهندي صاحب، صفحو 302، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ / حيدرآباد سنڌ، 2009ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان سلسلي ۾ جن بہ همعصر عالمن ۽ موجوده دور جي محققن سندن شخصيت تي لکيو آهي، انهن مان ڪن جو بيان هتي پيش ڪجي ٿو.

## جي ايم سيد جا تاثر:

جي ايم سيد سنڌ جو ناميارو سياستدان آهي، جنهن پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي قرارداد پيش ڪئي هئي. هن بزرگ سياستدان مختلف تحريرن ۾ پير غلام مجدّد جو ذڪر ڪيو آهي. پنهنجي خطن جي مجموعي "اچ پڻ چڪيم چاڪ" ۾ پير صاحب بابت لکي ٿو تہ "پير صاحب مشهور معروف سرهندي بزرگ آهي. وڏو عالم، قومي ڪارڪن، مٽيارين جي رهندڙ سرهندي بزرگن مان هو. جڏهن سنڌ جا پيا پير معافيون وٺي، جند ڇڏائي ويا، تہ هيءَ خلافت تحريڪ ۾ بہ سال مڙسيءَ سان سزا ڪاٽي آيو[1].

ٻي تصنيف ۾ جي ايم سيد هن طرح لکي ٿو تہ "ابتدائي زماني ۾ پاڻ مذهبي احڪام جي تبليغ ۽ تعليم جي اشاعت ۾ وقت گذارڻ لڳو. جڏهن 1920ع ۾ خلافت تحريڪ شروع ٿي، تہ ان ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪيائين ۽ خلافت ڪانفرنسن ۾ وڏي تقريرون ڪندو هو. هڪ بہ ڪانفرنسون پاڻ وٽ بہ سڏايون هيائين. پير سرهنديءَ کان علاوه ان وقت سنڌ جي مکيه پيرن مان پير صاحب جهنڊي وارا، ڪي راشدي پير، مولانا تاج محمد امروٽي، مولوي غلام احمد صاحب ملڪاٽي ۽ ڪاماري شريف وارا پير انهيءَ هلچل ۾ حصو وٺي رهيا هئا. خوب جوش خروش سان تقريرون ٿينديون هيون. ان ڪري ڪيترائي ڪارڪن جيلن ۾ ويندا هئا. انهيءَ سلسلي ۾ پهرين جن سنڌي پيرن کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس هلايا ويا، سي پير محبوب شاهہ (جهنڊي واري سائين رشدالله شاهہ جو ننڍو ڀاءُ) ۽ پير تراب علي شاهہ راشدي هئا. سندن گرفتاريءَ ڪري ملڪ ۾ ڏاڍو شور پيدا ٿيو ليڪن هن معافي وٺي، ٻي گروهہ جي وقار کي ڌڪ هڻي ڇڏيو هو. ٻيا پير

---

[1] جي ايم سيد، "اچ پڻ چڪيم چاڪ"، صفحو 219، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ حيدرآباد، ڇاپو 1977ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تہ مولوي فيض الڪريم جي جاري ڪيل فتوا تي تہ خلافت تي ترڪن جو حق ڪونہ هو صحيحون ڪري، وڏي بدناميءَ جو باعث بڻيا هئا. ليڪن سنڌي پيرن مان هي پهريون هو جنهن 8، 9، 10 جولاءِ 1921ع تي ڪراچيءَ ۾ مولانا محمد علي جوهر جي صدارت هيٺ ڪوٺايل خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي، ان ۾ پاس ڪيل هن نعراءَ کي ٽيڪو ڏنو هو تہ مسلمانن کي انگريزي فوج ۾ ڀرتي نہ ٿيڻ گهرجي. انهيءَ سلسلي ۾ هن کي مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي، مولانا حسين احمد مدني، مولانا نثار احمد ڪانپوري، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو شنڪر اچاريا ۽ تيرٿداس وينڪرامن سان گڏ ہہ سال جيل جي سزا ڪاٽڻي پئي. جنهن استقلال سان هن رتناگري جيل ۾ اها سزا ڪاٽي، تنهن هن کي آل انڊيا شهرت جو مالڪ بڻائي ڇڏيو. جيل ۾ هن قرآن شريف ياد ڪيو....."[1]

## پير علي محمد شاهہ راشديءَ جا تاثر:

پير علي محمد شاهہ راشدي سنڌ جو ناميارو سياستدان ٿي گذريو آهي. پاڻ پير غلام مجدّد سرهنديءَ جو ننڍو معاصر هو. پير صاحب جي باري ۾ پاڻ پنهنجي مشهور تصنيف "اهي ڏينهن اهي شينهن جي ٽئين جلد ۾ ڪافي مفصل انداز ۾ لکيو اٿس، جنهن مان ڪجهہ اقتباس هن طرح آهي تہ: "منهنجو استاد مولانا محمد صديق عليہ الرحمت هڪ ڏينهن جلالي ڪيفيت ۾ هو. پر ۾ ڪو ميلو ڏسي آيو هو اُت ڪن پيرن جون ڪارگذاريون ڏسي هن فڪر ۾ پئجي ويو هو تہ قيامت ڏينهن الائجي پيرن جي فرقي جو ڪهڙو حال ٿيندو.

مون سان ان انديشي جو اظهار ڪيائين. عمر منهنجي مشڪل سان ڏهاڪو سال هئي، پر شايد ان قابل سمجهيائين ٿي تہ آئون سندس ارشاد جو مطلب سمجهي ويندس. ارشاد سندس هيءُ هو تہ "قيامت ڏينهن بين بنسبت پيرن کان وڌيڪ سخت پڇاڻو ٿيندو آهي، تنهنڪري پير هجڻ ڪري مون کي ننڍڙائيءَ کان ئي وني خيال سان هلڻ گهرجي."

---

[1] جي ايم سيد، "جنب گذاريم جن سين"، صفحو 211، 212، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 1979ع


Scanned with CamScanner

مون عرض ڪيس تہ "قيامت ڏينهن ماڻهن جو وڏو ڏنب هوندو اسان پيرانهن ۾ لڪي وينداسين. ملائڪ اسان کي سڃاڻي ڪيئن سگهندا؟"

چيائين: "پر ابا، پنهنجا پاهر نڪتل پيٽ، ڳاڙهيون اکيون ۽ ساري مخلوق کان وڏيڪ مکيل چکيل منهن ڪيئن لڪائي سگهندا؟ انهن نشانن پٽن تي ملائڪ سڳورا آسانيءَ سان اوهان پيرن کي سڃاڻي وٺندا. اهڙي حالين ملائڪن کان ڪيڏانهن لڪي يا ڀڄي سگهندا؟ اوهان جا بدن اهڙا ڀاري هوندا جو ڀڄي بہ ڪونہ سگهندا."

آئون ان وقت لاجواب ٿي ويس، پر جيڪڏهن استاد سائين اڄ هجي ها تہ هوند چوانس ها تہ "قبلا! قيامت ڏينهن جڏهن اسان پيرن پٺيان ملائڪن وٺ پڪڙ شروع ڪئي تہ اسان پاڻ مان پير غلام مجدّد سرهندي جهڙو بزرگ ڪين ڏيکاري چونداسين تہ اسان جي فرقي ۾ ههڙا انسان بہ هئا ۽ انشاءَ الله ان کان پوءِ:

ع - بدان را بہ نيڪان ببخشد ڪريم

پير صاحب رحمت الله عليہ واقعتن ان پائي جو انسان هو. عالم باعمل هو مرد مجاهد هو ۽ پير هو پر اهڙو پير، جنهن جون ڪرامتون سندس ذاتي قربانيون هيون، جيڪي هو امت رسول صلعم جي سربلنديءَ ۽ انسانذات جي سرخروئي لاءِ قدم قدم تي پيش ڪندو رهندو هو". [1]

## ساره ڊي ايف انصاري جو تاثر:

اڄ جي دور جي برطانوي نزاد محقق ساره ڊي ايف انصاري بجا طور تي اهي لفظ چوڻ ۾ حق بجانب آهي تہ: پير صاحب، ٻين پيرن صاحبن جي ابتڙ قانوني ڪارروائين ۽ قيد جي ڌمڪين ۾ نہ آيو ۽ پنهنجي موقف کان هٽڻ ۽ سندس پيڇڪڙيءَ کان انڪار ڪيائين. هو قومي مسئلي کان باخبر هو ۽ خلافت تحريڪ جي مقصدن کان چڱيءَ ريت واقف هو. پنهنجي تقريرن ۾ هو ماڻهن کي تلقين ڪندو هو: "سوراج ماڻڻ لاءِ جاکوڙ ۽ جدوجهد جاري رکو ۽ مذهبي آزاديءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ جيڪو ڪجهہ ڪري سگهو ٿا، سو

---

[1] پير علي محمد راشدي، "اهي ڏينهن اهي شينهن"، ڀاڱو ٽيون، صفحو 224، 225، 226، نيو فيلڊس پبليڪيشنز حيدرآباد، ڇاپو پهريون 2001ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيو.... جيڪڏهن اسان ٽيهه ڪروڙ هندو ۽ مسلمان هڪ ٿي وڃون ته پوءِ دنيا جي وڏي کان وڏي طاقت به اسان کي هارائي نٿي سگهي.... پر اسان پنهنجي ماضيءَ جي ناانصافين سبب هاڻوڪيون سختيون پوڳيون پيا. پير صاحب جي سياسي قد جي بلنديءَ جو اندازو ماڻهن جي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ سندن نظرين ۾ بنيادي تبديلين مان ٿئي ٿو. هو 1919ع کان اڳ مسلمانن جي اتحاد واري نظرئي ۾ اڳيرو ٿي حصو وٺندڙن منجهان هو. پر اها دلچسپي هن کي هندستان ۾ انگريزي حڪمرانيءَ خلاف نه ڪري سگهي. پنهنجي مرشد مولانا عبدالباري[1] جيان پهرين مهاياري جنگ جي موقعي تي هن حڪومت جي طرفداري ڪئي. سنڌ حڪومت جي ويچار موجب، هو حڪومت ڏانهن جهڪاءُ رکندڙ هو ۽ هن جي گهراڻي جي سمورن ماڻهن جي پيٽ ۾ منجهانئس امداد جي اميد رکي پئي سگهجي، پر شرط اهو ته هن سان تعظيم ۽ عزت سان پيش اچجي. مئي 1919ع ۾ پير صاحب، رولٽ ائڪٽ لاڳو ٿيڻ سان پيدا ٿيندڙ صورتحال ۾ حڪومت جي پٺڀرائيءَ خاطر هندن ۽ مسلمانن جي هڪڙي گڏيل جلسي جي صدارت ڪئي، جتي سنڌ جي ٻين پيرن کي به درخواست ڪئي وئي ته اهي صوبي ۾ بدامني ڦهلجڻ کان روڪ لاءِ اپاءَ وٺن".

پير صاحب جي خلافت تحريڪ ۾ جيئڻ مشهوري وٺندي وئي، تيئن هن جو سياسي تصور وسيع ٿيندو ويو. پنهنجي شموليت کي هن ديني نظر سان پئي ڏٺو. روزانو چوڏهن سيپارا تلاوت به ڪندو هو. پر گڏوگڏ انگريزن جي مخالفت به سندس پڪي ٿيندي پئي وئي. هاڻي هو اعتدال پسندي ڇڏي، اسهڪاري جي پرجوش پٺڀرائي ڪرڻ لڳو. برطانوي شهنشاهه کي "بدلياقت بادشاهه" سڏڻ لڳو ۽ کيس "هندستاني تخت" ڇڏڻ لاءِ چيائين. 1921ع تائين هن جون تقريرون انگريزن جي برداشت کان ٻاهر

---

[1] جناب پير صاحب تصوف جا جيڪي به سلسلا اختيار ڪيا، انهن جو ذڪر اسان ڪتاب جي شروعات ۾ ئي ڪري چڪيو آهي. مولانا عبدالباري، جيڪو جميعت العلماءِ هند جي اوائلي اڳواڻن مان هو تنهن جي هٿ تي بيعت ڪرڻ جو ذڪر ڪيل ڪونهي ۽ موجوده گادي نشين جناب پير غلام مجدد به اهڙي ڪنهن ڳالهه جي ترديد ڪري ٿو. (قاضي مقصود)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تي ويون ۽ انهن جو چوڻ هو تہ اهي ايڏيون خطرناڪ ۽ چڙ ڏيارينڙ بڻجي ويون آهن جو پير صاحب کي جڏو ڪرڻ گهرجي. جولاءِ 1921ع ۾ انگريزن کي اهو موقعو ملي ويو.[1]

اڳتي لکي ٿي تہ "پير صاحب کي ٻن ورهين جي قيد جي سزا ڏني وئي، جنهن تي سڄي سنڌ ۾ هلچل مچي وئي ۽ تحريڪ جي حامي پيرن هن جي حق ۾ احتجاج ڪيو. احتجاج ڪندڙن کي انتظاميہ ظلم جو نشانو ۽ شڪار بڻايو. غلام مجدّد کي غازيءَ جو درجو ڏنو ويو جو جنهن جي گرفتاري، انگريزن جي قندي مان آزاد ٿيڻ جي گهڙيءَ کي ويتر ويجهو ڪري ڇڏيو هو. پير صاحب جڏهن سزا ڪاٽي آزاد ٿيو تہ تحريڪ ۾ پهرين کان وڌيڪ زور شور سان حصو وٺڻ لڳو. پير غلام مجدّد جي ذاتي سياسي حيثيت ڪيس حڪومتي نظام ڇڏي هڪڙي وسيع سياسي افق تي چمڪڻ جو موقعو ڏنو. تحريڪ جي مقصدن ۽ ذميدارين کي سمجهندي هو مقامي مفاد ڇڏي وڏي ۽ وسيع ميدان ۾ لهي آيو هو. پيرن کي سزا ڏيڻ لاءِ انگريزن جي رٿا بنديءَ جا جيترا فائدا هئا، ايترا نقصان بہ هئا. جڏهن ڪاميابي ٿيندي هئي تہ پيرن جي ويساهہ ۽ وقار تي ڪاپاري ڌڪ لڳندو هو. پر اهي سمورا محرڪ جوڪي ڪان وانجهيل نہ هئا ۽ پير صاحب بہ وقت اچڻ تي ڪنهن قدم کڻڻ کان اڳ پنهنجي پنيرائي ۾ ڪارروائي ڪرائي سگهندا هئا. پير غلام مجدّد جي مامري جو ٺي مثال آهي جو نظام جي توازن جو آڌار پير صاحب جي زور تي هو پر جڏهن پير صاحب ڪنهن جي نقصان يا ان جي خدشي جي پرواهہ نہ ڪئي تہ پوءِ سرڪار پنهنجو پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳي."[2]

## آخوند فضل صديق جا پير صاحب جي باري ۾ تاثرات:

مير نصير خان ٽالپر جي اتاليق ۽ وزير آخوند محمد بچل "انور" جي اولاد مان آخوند فضل صديق، خلافت تحريڪ واري دور جو اکين ڏٺو شاهد آهي، جنهن پنهنجي يادگيرين ۾ پير صاحب جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو

---

[1] ساره ڊي ايف انصاري، "سنڌ جا پير ۽ برطانوي راڄ، صفحو 119، 120، روشني پبليڪيشن حيدرآباد 2008ع).

[2] ساره ڊي ايف انصاري، "سنڌ جا پير ۽ برطانوي راڄ، صفحو 121، روشني پبليڪيشن حيدرآباد 2008ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آهي. ان مان خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ آخوند محمد رحيم جي شهادت جو مفصل ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. پاڻ، پير صاحب جي شخصيت بابت ذڪر هنن لفظن سان ڪيو اٿس ته: ”معلوم هجي ته جناب مولانا محمد علي جوهر جي پارٽيءَ ۾ ست شير ليکيا ويندا هئا. انهن مان جناب حضرت پير آغا غلام مجدّد عرف حاجي پيرزادو صاحب مٽيارن وارو به هڪ هو. ان وقت وڏا وڏا ليڊر مسلمان توڙي هندو مٽيارن ۾ پير صاحب وٽ ايندا ويندا رهندا هئا. جڏهن ترڪن خلاف انگريزن جنگ جوٽي ته هندستان مان فوجي پرتي شروع ڪئي وئي. مولانا محمد عليءَ جي قيادت ۾ سيني مسلمان ليڊرن مخالفت ڪئي ۽ پرتيءَ خلاف تقريرون ڪيون ۽ تحريرون لکيون. انهن ۾ حاجي پيرزادو صاحب به هو جو پوءِ ٻين ليڊرن سان حڪومت گرفتار ڪري ڪيس به ٻه سال سزا ڏني، جا پير صاحب خوش اسلوبيءَ سان ڪاٽي ڇٽي آيو ۽ جڏهن مٽيارن آيو ته اسٽيشن الهڏني ساند تي عام خاص ماڻهن سندس پرجوش استقبال ڪيو. سوَن جي تعداد ۾ اٺن ۽ گهوڙن جا سوار اسٽيشن تي ويا ۽ پير صاحب اٺن ۽ گهوڙي سوارن جي وچ ۾ جلوس سان مٽيارن پهتو ته وري پير پيادي سرگس سان پير صاحب پهرين سخي بادشاهه تان زيارت بعد پنهنجي بنگلي تي پهتو. هزارها ماڻهو شهر ۽ ٻهراڙيون سرگس ۾ شريڪ هئا. ڪيترا شاعر پنهنجا شعر ڳاهي پڙهي ۽ ڇپيل چوپڙيون ورهائي رهيا هئا. سچ پڇو ته مٽيارن ۾ مون اهڙو اجتماع ڪڏهن به نه ڏٺو“.

## پروفيسر حافظ غلام محمد ميمڻ جا تاثر:

حافظ صاحب جو تعلق مٽياريءَ جي بادلاٽي ميمڻن جي خاندان سان آهي. سندن پيدائش 1930ع جي آهي، پاڻ پير صاحب کي ويجهي کان ڏٺو هئائين. پنهنجي پهرئين ڪتاب ”بريلوي ڇو نه ٻٽيس“ ۾ حافظ صاحب، ”سرهندي خاندان - جڳ مشهور مجاهد غلام مجدّد سرهندي“ جي سري سان پير صاحب جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: مٽياريءَ جي اوير ۾ تيرهينءَ صديءَ ۾ آباد ٿيل سرهندي پيرن جي خاندان ۾ چوڏهينءَ صديءَ ۾ سڄي برصغير ۾ شهرت حاصل ڪندڙ مجاهد عالم آغا غلام مجدّد سرهندي پيدا ٿيو جيڪو هڪ شعله بيان مقرر ۽ پرجوش مجاهد هو. سڄي مٽياري ان تي فخر ڪندي هئي ۽ کيس خاص عزت جي نگاهه سان ڏسندي هئي. پاڻ


Scanned with CamScanner

انگريزن جي خلاف آزاديءَ ۾ ٻين مختلف تحريڪن ۾ ڀرپور حصو وٺي سنڌ جو ۾ مٽياريءَ جو مان مٿي ڪيو هئائين. برصغير جي مسلمانن ۾ سڀ کان وڏيڪ بيداري ۾ اتحاد خلافت تحريڪ آندو جنهن جو روح روان مولانا محمد علي جوهر هو. آغا صاحب ان تحريڪ جو نهايت سرگرم رڪن ۽ آل انڊيا خلافت تحريڪ جو مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر هو. تحريڪ دوران سڄي برصغير ۾ اهڙي جوش ۽ ولولي سان حصو ورتائين جو انگريز سرڪار انتقام ۾ اچي، جن ڇونڊ ڇهن ڄڻن تي ڪراچيءَ جي مشهور خالقڏني هال ۾ بغاوت جو مقدمو هلايو انهن ۾ علي برادران ۽ مولانا مدنيءَ سان گڏ آغا غلام مجدّد بہ شامل هو. نتيجي ۾ ٻہ سال جيل ۽ ملڪيت جي ضبطيءَ جي سزا قبول ڪيائين، پر معذرت ڪري معافي نہ ورتائين.

قطع تعلقات تحريڪ شروع ٿي ۽ ديوبند مان ٻين ڪيترن عالمن جي تصديق سان اها فتوا نڪتي تہ غير ملڪي سامراجي ملڪن جي مال ۽ ڪپڙي جو استعمال ناجائز آهي تہ پير صاحب سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهچي، اهو پيغام پهچايو. سندس پرجوش تقريرن تي ماڻهو جلسي ۾ ئي سڀ ڪپڙا ۽ بديشي سامان ڦٽو ڪري اٿندا هئا.

سنڌ جي بمبئيءَ کان الڳ ڪرڻ جي تحريڪ ۾ شروع کان آخر تائين ڀرپور حصو ورتائين. سکر جي مسجد منزل گاهہ جي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين ۽ جيل ۾ بہ ويو. مسلم آزار ڪتاب "ستيارٿ پرڪاش" جو سنڌي ترجمو 1940ع ڌاري شايع ٿيو تہ يڪدم پير صاحب طرفان ئي هڪ زوردار تحريڪ شروع ڪئي ويئي، جنهن سڄيءَ سنڌ ۾ طوفان برپا ڪري ورتو ۽ ان خلاف سنڌ ۾ هڪ مضبوط ۽ اهڙي پرجوش تحريڪ هلايائين جو انگريزن ۽ طاقتور هندن جي اتحاد کي آخر جهڪڻو ۽ ڪتاب ضبط ڪرڻو پيو. واضح رهي تہ ان ڪتاب خلاف 40 سالن کان سڄي هندستان جا مسلمان آواز اٿاري رهيا هئا، پر سنڌ ۾ پير صاحب ۽ ٻين جي جوش سبب ايڏو طوفان اٿيو جو آخر سرڪار کي ضبط ڪرڻو پيو.

جمعيـة العلماءِ هند ۾ شامل هئا، پر بعد ۾ پاڪستان جي تحريڪ لاءِ ان جماعت جي پاڪستان جي تحريڪ سان متفق گروپ يعني جميعة العلماءِ اسلام ۾ شامل ٿيا. 1946ع جي چونڊن ۾ حيدرآباد ۾ ان جو جلسو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڪرايائين، جنهن ۾ مولانا شبير احمد عثماني ۽ مفتي محمد شفيع ۽ ٻيا هندستاني عالم بہ شامل ٿيا. ان بعد سڄيءَ سنڌ ۾ گهر گهر تحريڪ پهچايائون. مسلمانن جي علمي بيداريءَ لاءِ، ديني ۽ دنيوي تعليم جي ڪنهن حسين امتزاج لاءِ اول جامعہ عربيہ قائم ڪرڻ ۽ بعد ۾ اورينٽل ڪاليج قائم ڪرڻ ۾ پيش پيش رهيا.

محمد عثمان ڏيپلائي مرحوم مون کي ٻاڻ ٻڌايو تہ تيهن واري ڏهاڪي ۾، جڏهن افغانستان ۾ مغربي قوتن جي زير اثر اچي، امير امان الله، جديد ترقيءَ جي نالي ۾ بي دينيءَ، بي پردگيءَ ۽ مغربي تهذيب جي رواج آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪيون، تہ ان جي خلاف سندس ٿي هڪ عزيز نور المشائخ ملا شور بازار تحريڪ هلائي. پير صاحب مرحوم بہ ان سان پاڻهن ٻيلي رهيا ۽ ڪجهہ خط خود ڏيپلائي صاحب کان بہ لکارايائون. آخر 1933ع ۾ امير امان الله کي ڪابل جو تخت ڇڏڻو پيو. سندس بي باڪيءَ، بي خوفيءَ ۽ جوش خطابت کي ڏسي ائين محسوس ٿيندو هو تہ سندن رڳن ۾ وڏي ڏاڏي حضرت امام رباني مجدّد الف ثانيءَ وارو خون هر وقت ڊوڙي رهيو هو جيڪو حق جي راهہ ۾ ڪنهن طاقت کان ڪڏهن مرعوب ڪونہ ٿيو.

40 سالن جي ڀرپور مجاهدانہ زندگي گذارڻ بعد سنڌ جي هن عظيم مجاهد ۽ ديني غيرت سان مالامال ۽ پنهنجي دور جي بي مثال عالم 16 جمادي الثاني 1377هہ بمطابق 10 جنوري 1958ع تي اڻ ٿڪ جدوجهد ۽ هر طرح اعصاب شڪن جدوجهد بعد دين اسلام جو هيءَ اڻ ٿڪ سپاهي ابدي آرام جي سڏ تي لبيڪ چئي ۽ پنهنجي وڏن جي پهلوءَ ۾ سدا سکيو ٿيو.[1]

---

[1] حافظ غلام محمد ميمڻ، "بريلوي ڇو نہ بڻيس"، صفحو 68، 69، 70، ڇاپو 2000ع.
(نوٽ: هن حوالي ۾ سنڌي تاريخ صحيح ڏنل آهي، جڏهن تہ اسلامي تاريخ 7 جنوري 1958ع ٿيندي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# نذرانۂ عقيدت

الراقم و المصنف ضعيف عبداللطيف

ولد مرحوم آخوند غلام حسين قريشي ٺٽوي الحال متوقف هالا نو.

مقبول فيض بخش "غلام مجدّد" است.
روشن ضمير پير کہ مشهور مرشد است.
من غائبانہ معتقدِ اُو شدم مگر.
دانستہ ام ذريعۂ رشدِ محمد است.
راهِ طريقتِ کہ بطالب نمائيد اُو.
سرجادۂ متين همان خواجہ احمد ﷫ است.
عبداللطيف بندہ بہ تسليم التماس.
يادِ دعاءِ خير دهاند بر آرِ دست.
بيشڪ جواب حضرت صادر شده مرا.
معلوم گشتہ مطلب و پيمان حق پرست.
از نامۂ محب قديمم خبر رسيد.
تا حال التوائي سفر نيڪ مقصد است.
قصد فقير عاجز مسڪين همين بُود.
يادم بخاطرِ تو قبول است نہ رد است.
در غربت او فتادهٔ و کس نيست دستگير.
تشويش شد زيادہ کشادہ نہ تنگدست.
افلاس شد شکنجه اسيرم نموده است.
بردار سربدست کہ نادار بس بد است.
گرچہ پسي دو دارم صالح نبوده اند.
سايہ است يک گريختہ و ديگر نہ اسعد است.
معصومہ دخترِ يکه دهم سال عمرو است.
درکارِ خير او چہ بقلم تردست.
بر ماهوار پينشنم بيس و يک دهند.
از دحل صدر خرچ سہ تن درتز و دست.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اجناس خوردونوش همه را گران بهاست.
مفقود شد فتوح ڪہ ديگر نہ آمد است.
خون بار چشم دارم برحال زار خويش،
گاهي نگاهہ لطف "لطيفي" چو سرمداست.

## جناب پير آقا غلام مجدّد جا سائين جي ايم سيد کي لکيل خط

جي ايم سيد کي لکيل خط

مٽياري
13 آڪٽوبر 1926ع
جناب من!
تسليم – مزاج شريف – خيريت طرفين جي مطلوب.
احوال هي آهي تہ مون کي هڪ دفعو جلد اوهان وٽ انشاءَ الله اچڻ جو ارادو آهي.
آئون اڳي اچان ها، مگر ڪو سبب مانع رهيو.
اوهان جو ڪاغذ پهتو، مهرباني.
ڪراچيءَ في الحال ارادو نہ آهي. جي ٿيو تہ اطلاع ڏيندس.
اشتياق ملاقات جو گهڻو آهي.

اوهان جو اسلامي ڀاءُ
غلام مجدّد مٽياري
(اصل فارسيءَ ۾ لکيل خط)

5 شوال، 1345هہ
8 اپريل 1927ع
زيد محبتڪم!
محب في الله، عاليجاه عزيزي غلام مرتضيٰ شاهہ.
جناب سيادت مآب، شرافت انساب، اخوت پناهہ.
السلام عليڪم و رحمت الله و برڪاتہٗ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهڻي وقت کان ملاقات جو اشتياق آهي. ليڪن خدا جي هٿ ۾ واڳ هئڻ ڪري آئون ٽي ماهه سفر ۾ هوس. ان ڪري حال احوال پرده راز ۾ رهيا.

18 رمضان سفر تان واپس آيو آهيان.

اميد ته جلد ملاقات کان مستفيد ٿيندس.

مهرباني ڪري، پنهنجي پروگرام جي خبر هن ماڻهوءَ هٿ موڪليندا. هن خط جو آڻيندڙ منشي الهه وسايو منهنجي واقفن مان هڪ آهي، سندس سفارش لاءِ مون وٽ ملتجي ٿيو آهي، ان جي پارت اٿو. سن ڪڏهين هوندا، ان جو اطلاع ڏيندا.

غلام مجدّد

مٽياري، حيدرآباد سنڌ.

(اصل فارسيءَ ۾ لکيل خط)

14 ماهه شوال، 1345هه

سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب

جناب اخوت مآب عزيزي سيادت پناهه

بعد السلام عليڪم – خيريت برجانبين متعين باد.

خلاصته الڪلام ڪه اشتياق ملاقات بيحد ڪمال است. موڪليل ماڻهوءَ هٿ احوال موڪليل هو. جواب لاءِ منتظر هوس پر خط جو جواب نه ملڻ ڪري، هيءُ خط لکان ٿو ته انشاءَ الله هڪ ٻن ڏينهن اندر اچي ملاقات جو شرف حاصل ڪندس.

غلام مجدّد

حيدرآباد

6 شهر ميلاد شريف

شب جمع، 1347هه

جناب شاهه صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بعد السلام عليڪم جي معلوم ڪندا تہ خيريت طرفين مطلوب.
مقصد ڪاغذ شامل مان احوال معلوم ٿيندو. انهيءَ بعد ڪلھ وري تار موڪليل هئي، جنهن جي جواب ۾ ڪاغذ آيل مولويءَ جو ۽ ميان عبدالحميد جا موڪليل آهن. وري پيئي اوهان ڏانهن موڪليان ٿو.
اميد تہ اوهان جيئن مناسب حق سمجهندا، انهيءَ موجب لکي موڪليندا.

غلام مجدّد

مٽياري
18 نومبر 1953ع
سيادت پناھ، برادرم شاھ صاحب
بعد السلام عليڪم جي معلوم ڪندا تہ اسان ڏانهن خيريت آهي، عافيت اوهان جي درگاھ قاضي الحاجات مان گهربل.
مقصد تہ هت ضروري اهم مقصد جي تماميت لاءِ اوهان سان ملڻ جو خيال اٿئون. اميد آهي تہ موٽندڙ ٽپال ۾ مهرباني ڪري پنهنجي پَوٽ هئڻ جو اطلاع اسان کي ڏئي ممنون و مشڪور ڪندا. والسلام.
غلام مجدّد عفي عنہ

18 ۽ 19 نومبر

آئون اڄ تاريخ 20 ۽ 21 شعبان مٽيارين ۾ آهيان، نومبر جي 20 کان پوءِ شعبان جي 22 کان پوءِ حيدرآباد هوندس. اميد تہ جواب کان جلد مشڪور فرمائيندا.

والسلام
غلام مجدّد عفي عنہ


Scanned with CamScanner

# نواب پالن پور جي خط جو عکس

از مقام ریاست پالن پور

۱۱ر دسمبر ۱۹۱۳ء

[illegible]

خصوصیت میرا والا ... جناب غلام مجدد صاحب

آپ کا ... مضمون کا ... ہے کہ آپکا خط مورخہ

۸ محرم الحرام ۱۳۳۲ھ وصول ہوا جواباً

تحریر کیا جاتا ہے کہ آپ نے آپکے والد بزرگوار

حضرت عبد الحلیم صاحب سرہندی کے عرس

شریف میں ... شریک دعوت

ہونے کیلئے اذن دیا گیا - میں جا نہ سکا ...



Scanned with CamScanner

اور جگہ میں معززین کو ساتھ شریک دعوت کرنا

بلکہ ہم اپنا خرچ میں بھیج دیتے

ضروری اور لازمی تھا مگر تھا لیا آپنے

سنا ہے کہ تاریخ ۲۸ دسمبر ۱۹۱۳ء

کو روز عالیجناب گورنر صاحب بہادر احاطہ بمبئی

شکارپور میں تشریف آوری مقرر ہو چکی ہے

اور اس موقعہ پر معززین سے ادنی ملازم

تک اپنی اپنی ڈیوٹی کی سرگرمی کے ساتھ

مصروف ہے لہذا اس وقت شریک

دعوت ہونے کے لئے کسی آدمی

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سمجھنا عین ممکن ہے - امید ہے کہ آپ
اپنے اخلاق کریمانہ سے اس کی نسبت
مجھے دیگر خیال فرما دینگے - میرے صرف
عرض دو جملہ ہوں کے تحریر کیا گیا ہے کہ آپ
بھی بہت ہی مناسب کمال لطف خیال فرمائینگے
اس دعا کے ساتھ میں دعا خیال فرما کر
کاشمیر والا کم سے کم تکلیف نہ اطلاع دیتے
رہیں فقط

حسب الحکم ... مسلم دام اقبالہم

دراج

ہمسایہ صحبت سید علی اصغر
حضرت منشی سید مبارک علی صاحب


Scanned with CamScanner

کرد از الظرف [illegible]

[illegible] بحیرم [illegible]

[illegible] کاغذ [illegible]

[illegible] تصحیح [illegible]

[illegible] احتمال دارد

[illegible]



Scanned with CamScanner

الفقهیه و الحکمیات حاوی والنقلیه العقلیه جامع العلوم عمدة الفضلاء [illegible] الفضل [illegible]

[illegible] زبدة العلماء [illegible] کامل [illegible] السلام [illegible]

[illegible] الصلوٰة [illegible] علیه من [illegible]

[illegible] و لقد است [illegible] تبلیغ [illegible]

[illegible] عبدالله علیم [illegible] من اهل الوجوه [illegible]

[illegible] کاغذ [illegible] در کاغذ [illegible] از ارسال [illegible] کاغذ [illegible]

[illegible] بعد [illegible] مرام من جانب [illegible] باشد [illegible]

[illegible] عمدة [illegible] در باره [illegible] ورود [illegible] علوم [illegible]

[illegible] حصه [illegible] والحاج عبدالرزاق [illegible] حقیقت [illegible]

[illegible] والحاج حسن الله [illegible] کاغذ [illegible] کیفیت [illegible] معلوم [illegible] باشد [illegible]

[illegible] مفصل در [illegible] عدد [illegible] [illegible]

[illegible] والحاج [illegible] حقوق واقع [illegible] والعذر عند کرام الناس مقبول



Scanned with CamScanner

پس سرمایه جمیع احوالش و جمیع سوالات بلکه جمیع ... ذات متعالیه کیفیت و اخلاص اش باذات گرامی

وی صلی الله علیه و سلم و اذ لیس فلیس زیرا که از آنکه طوالت مباد اموجب ملامت گردد بر اختصار اکتفا ورزیدم -

اندکی با تو بگفتم غم دل ترسیدم که دل آزرده شوی ورنه سخن بسیار است

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## سيد اسد الله شاھ کي لکيل فارسي خط جو سنڌي ترجمو

سيادت پناھ شرافت دستگاھ قدوة آلِ رسول خاصہ اولاد بتول
الفضلاءِ جامع العلوم العقليہ و النقليہ حاوي الکليات و الجزئيات الفقہ
تائيدات رباني صمداني شامل حال خجستہ مآل (مبارڪ مقصد) جناب زبدۃ العلماء عمدۃ
حافظ ميان اسد الله شاھ صاحب حاجي الحرمين الشريفين شاھ صاحب

احقر العباد ناچيز عبده عبدالله غلام مجدد عفي عنہ مخلوقات جي افضل حضرت رسالت مآب سندن ذات جي مٿان گھڻا درود ۽ افضل سلام مسنون سلامن پهچائڻ کان پوءِ قلب حاضر پورو پورو اثر رکي ٿو. الله تعاليٰ جي دروازي جي فقيرن جا حالات هر طرح سان الحمدلله خيريت، امن، حفظ ۽ سلامتيءَ سان آهن. توهان جي مزاج شريف عنصر لطيف (جي صحت و سلامتي لاءِ) حق سبحانہ و تعاليٰ جي دربار کان سوال ڪيل آهي. مقصد هي آهي تہ جناب جا بہ خط هڪ ٻئي پٺيان پهتا، جيڪي شڪرگذاري جو باعث بنيا. توهان مون کي ياد فرمايو (الله تعاليٰ ڪندو) هميشہ حق سبحانہ و تعاليٰ جي ياد ۾ هوندا. ٻئي خط ۾ خط جو جواب نہ ڏيڻ جي ڪري شڪايت آئي هئي، مگر چونڪ لڳاتار مهمانن جي آمد و رفت جي سبب عدم فراغت دامن گير هئي، انهيءَ جي ڪري جيڪڏهن خط جي جواب ڏيڻ ۾ سستي ڇئي وڃي تہ بجا آهي (پر ڏنو وڃي تہ) حقيقتاً قصداً جواب کي معطل ڪيو هئم، نہ سهواً. اهو هن ارادي سان تہ مولانا الحاج حسن الله صاحب ۽ الحاج عبدالرزاق جي طرفان جيڪا حقيقت معلوم ٿئي (پوءِ) هڪ ئي پيري علامہ تکڙائي (صاحب) جن جي خدمت ۾ مفصل خط جو جواب انهيءَ معلوم شده ڪيفيت تي مشتمل موڪليو وڃي. انهيءَ سبب جي ڪري جواب ڏيڻ ۾ تاخير ٿي آهي. (انهي بابت) مون کي معذور سمجهندا. پلارن وٽ عذر کي قبول ڪيو ويندو آهي. عجب آهي جو هن طرف کان اڄ ڏينهن تائين ڪو بہ جواب نہ پهتو آهي. جناب (علامہ تکڙائي) جي خط پهچڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن تمام گهڻي تاڪيد سان خط موڪليو اٿم. ________ منهنجي نظر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۾ مذڪور امر (معاملي) ۾ جيڪا مصلحت پسند آئي (اها) علامہ موصوف الصدر جي خدمت ۾ لکي آهي. اها هيءَ آهي تہ ٻنهي ڪتابن تي صحيح وٺڻ تمام گهڻو پسنديده ڪم آهي. پر هن طريقي سان علامہ همايوني وٽان صحيح وٺڻ نہ ٿئي جو ٻئي ڪتاب هڪ ٻئي جي پيري پيش ڪن. هن ڳالھ کان گريز ڪندي جو ايئن نہ ٿئي جو هن وقت مخالف ماڻهن مان ڪي ماڻهو علامہ همايوني کي ڪو سبب ذهن نشين ڪرائي ڇڏين. انهن (مخالفن) کي قابو رکندي خط ڪٽي وڃڻ وارو مخالفن کان پاسو ڪندي موصوف کان صحيح وٺي اچي. جنهن سان مخالفت جو سبب پيدا نہ ٿئي. ڇو تہ جناب جو ڪتاب وڏي عرصي کان مشهور ٿي ويو آهي. انهيءَ صورت ۾ اهو احتمال ٿئي ٿو جو علامہ موصوف کي (مخالف ماڻهو) متان ورغلائين. انهيءَ ڪري منهنجي نظر ۾ مناسب طريقو هي ٿو اچي تہ پهرين علامہ پاٽائي دامت برڪاتہٗ ڪتاب کي علامہ همايوني وٽ ڪٽي وڃي صحيح وٺي اچي. مذڪوره رسالي تي صحيح وٺڻ کان پوءِ اهو رسالو علامہ تکڙائي کي پيش ڪجي، جيئن تہ اهو بہ انهيءَ تي صحيح ڪري ان کان پوءِ ٻنهي ڪتابن تي گڏ ٻين عالمن کان صحيح ڪرائڻ لاءِ ڪٽي وڃڻ تہ ڪو بہ فڪر نہ آهي. پلي ٻئي ڪتاب گڏ ڪٽي وڃن. هن ڳالھ ۾ مون کي معاف ڪندا. ڇو تہ مون کي اها ڳالھ ذهن ۾ ڏکي لڳي ٿي. هن ڪتاب جو مصنف جيڪڏهن ڪجھ ڏينهن هن ڪتاب کي منتشر نہ ڪري ها تہ تمام بهتر هو. انهيءَ حالت ۾ مون حضرت مجدد (امام رباني مجدد الف ثاني) قدس الله سرهم جي مڪتوبات شريف جي ٽئين جلد جو سو نمبر مڪتوب مطالعي ۾ رکيو. جيڪو حضرت جن شيخ نورالحق جي نالي تي لکيو هو تہ حضرت يعقوب عليہ السلام حضرت يوسف عليٰ نبينا و عليهما السلام جن جي محبت ۾ گرويده ڇو ٿيو هو؟ حضرت امام رباني رحمة الله عليه انهيءَ ۾ عجيب و غريب اسرار بيان فرمايا آهن. جيڪڏهن حضور عليه الصلواة جن جا مخالف ۽ دشمن والعياذ بالله تعاليٰ مہ (الله تعاليٰ جي پناھ انهيءَ کان) حضرت موصوف جي مڪتوبات قدسي آيات مان هن سو نمبر مڪتوب جي عجيب و غريب اسرارن ۽ علمي نڪتن کي انصاف جي نظر سان ڇو تہ اها پلي عادت آهي ٻي راھ روي کي ڇڏي مطالعو ڪن ها تہ جمال محمدي ۽ حسن احمدي عليٰ صاحبها الصلواة

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

والسلام تي پاڻ کي گهورڻ وارن کي انصاف ڏين ها ۽ انهن کي سچي دعوي ڪرڻ وارا مدعي تصور ڪن ها. مگر افسوس!! افسوس!! ڇا ڪيو وڃي جو انهن جون اکيون (حقيقت کي تسليم ڪرڻ کان) سبيل آهن يا انهيءَ کي (حق کي) ڏسڻ جي طاقت نه ٿا رکن.

شعر: جيڪڏهن ڏينهن ڏني چمڙو سج کي نه ڏسي ته سج جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟

الله اڪبر! اهي ڪم بخت حد کان وڌيڪ حضرت جن سان دشمني رکن ٿا. وقت ويجهو آهي جو اهي پنهنجي پاڻ کي هميشه هميشه گمراهيءَ جي کوهه ۾ وجهندا ۽ پنهنجي پاڻ کي پوري امتِ محمدي روحي فداهه جي لعنت جا مستحق بنائيندا. الله تعاليٰ اسان ۽ توهان کي پنهنجي رضا ۽ مهربانيءَ سان انهيءَ خضر راهه تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي آهي. اها سيد الاولين و الآخرين ﷺ جي اتباع ڪرڻ سبب آهي. جنهن کي الله تعاليٰ سموري ڪائنات ۾ بهترين ۽ پلارو پيدا فرمايو آهي. حضرت سيد البشر (جنهن ڏانهن عقيدت ۾ ٽيڏي نظر ڪرڻ جي منع آهي) عليه و علي آله واصحابه الصلواة والسلام جن جي ذات اعليٰ صفات تي سچائي استقامت جي توفيق بخشي (آمين ثم آمين)

جيڪڏهن هي عقيدو ۽ مشرب هٿ ۾ آهي ته رب سائين اسان کي هن تي قائم رک.

الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان انهيءَ جا ثمرات سنت نبوي تي استقامت ڪرڻ سان حاصل ٿيندا آهن. جنهن کي ڪرامت چيو ويو آهي. صاحب الشرع جي پيروي ڪرڻ کان سواءِ حقيقت معنوي حاصل نه ٿيندي ڇو ته اسان جو انهيءَ سان واسطو نه آهي. انهي مالڪ مهربان جي لاءِ ڪو به مشڪل نه آهي. پوءِ سمورن سوالن، سمورن احوالن، بلڪ سموري عبادتن جو سرمايو سنت نبوي جي پيروي ڪرڻ آهي ۽ حبيب ڪريم ﷺ جي برگزيده ذات سان اخلاص رکڻ سان آهي. جيڪڏهن اهو نه آهي ته پوءِ ڪجهه به نه آهي. وڌيڪ ڊيگهه ڪرڻ شايد ڏکيائي جو باعث بنجي (انهيءَ ڪري) مون اختصار واري طريقي تي اڪتفا ڪيو آهي.

مون توهان کي دل جي غم جو ٿورو احوال ٻڌايو آهي. مون کي خوف آهي جو توهان جي دل کي تڪليف ٿيندي ورنه ته ڳالهيون تمام گهڻيون آهن.


Scanned with CamScanner

## Tribute to Pir Ghulam Mujadad Sarhindi

### By Professor Noor Muhammad Nijar Samoo Halai

The holy revivalist of sarahandy dynasty was the brightest shining full moon
No, such greatest saint from pedigree of sarahandi can be born so soon

Many & many years are required for such godly saint so holy
Will have birth in his lineage so sacredly and piously

Like his highest and the most towerest status can not easily be achieved
And awaited, graciously and gloriously

He wrought vernalable, valuable, worthy and wondrous performances
Hence in Indo Pak, is admired as one of the Islamic scholars,
Who forced every challenge with smiling joyfully & jolly face & forces.

When Musjid Munzalgah movement was started
He played matchless and unique role
So he was arrested and sent to the jail
Bud in his strongest & firmest determination he did never fail

During the separation of Bombay from Sindh,
He became the president of this movement
That shown his sagacity and foresightedness

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

In politics & nicest achievement

His Islamic pedague was his dear dad the godly saint
& sought whole Islamic knowledge from Hassanullah Pattae in Matiari
And occupied the seat of the gracious, glorious & godly saint Hazrat
Abdul Haleem, his lovable & sweetest father in Matiari.

Hazrat Mujajdid joined the Islamic caliphates Committees, became member of them.
And in Sindh Province worked for many caliphates committees movements and were joined by him & presided over many meetings of the same

He himself, his disciples & well_wishes
Tolerated his all devotions & dedications
With jowls & joyful faces

And never left him alone to fulfill his all the Islamic deeds for the promotion & progress of Allah's religion & his apostle the holy Muhammad's choices.

It was his sincerity & truthfulness, Quranic knowledge & Hadiths of the holy prophet Muhammad (S.A.) & his followers, nearers, & dears, helped heartily, so generously & munificently, helped, physically & financially & morally.

He for the sake of Islam was arrested twice & was sent to the jail, where he passed 2 years. In this way he offered his sufferings & scarifies, except any dreads and fears.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

The Holy Hazrat Mujadid took birth on 13 may 1883 A.D. & started his political career. It is my heartful deep desire & expectations that holy saint should be self in future certainly.' So, I pray to compassionate creator, humbly & meekly with jumility that my deepest desire may turn to be true by the universal maker.

The brave & bold Holy & pious sant from sarrahandy dynasty named Ghulam Mujadid took birth on 13th May 1883 A.D. in Matiari and breathed his last on 9th January 1958 in Matiari.

I embody veneration and affection for his exalted successor saintly & spiritually sound son holy Hazrat Ghulam Rasool Sarahandy & his grand son holy Mujadid alias Baba Saeen, the successor of Qibla Saeen Ghulam Rasool, I also can not Hesitate to honour Baba Saeen's noble son second Ghulam Rasool.

Benevolent Baba Saeem, the most handsome Qibla Ghulam Muhammad alias Rano Saeen & Hazrat Honourable Ali Aher Hydree because I am t he pedagogue of them May allh shower his choicest belessings mercies and his graces over all of them here & hereafter.....Aameen.....

By: Noor Muhammad Najjar Wadho
S/O Muhammad Juman Samoon Wadho
Retd Professor of English
Peer Moula Bux Colony Hala New.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# تفصيل اولاد امجاد
## قطب الرحمان خواجه شاه عبدالرحيم (آغا صاحب) قبروالا قدس الله سره العزيز (مٽياري شريف)





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book